# ساهيوال جيل جي ڊائري



شيخ اياز

# ساهيوال جيل جي ڊائري

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ
1986ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ايڪاسي

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ — مبين پرنٽنگ ايجنسي
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

ٽائيٽل — فتاح هاليپوٽو

پهريون ايڊيشن — مئي 1986ع

قيمت: 35/- رپيا
پڪي جلد سان 45/- رپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

(مصنف جا سڀئي حق ۽ واسطا قائم)

---

SAHIWAL JAIL-JI-DIARY. (An Autobiography) by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition May 1986. Price Per Copy Rs. 35/-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهاڳ

ساهيوال جيل جي ڊائري پڙهندي، ذهن ۾ بي اختيار شيخ اياز جي ڪتاب ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ جي شروعات ۾ ڊنل ايمرسن جا آهي لفظ اڀري آيا، جنهن ۾ هن چاڻايو آهي ته ’آهي ناول درجي بدرجي دلپذير ڊائريون ٿيندا ويندا، بشرطيڪ ڪوئي پنهنجي محسوسات مان آهي احساس چونڊي سگهي، جي واقعي هن جا هجن ۽ هو سچ سچائيءَ سان لکي سگهي.‘

مان سمجهان ٿي اِهي دانشوراڻا ٻول ان ڊائريءَ سان سورنهن آنا ٺهڪي ٿا اچن، ڇو ته ان ۾ آهي ئي نفيس احساس چونڊيا ويا آهن جيڪي واقعي اياز جي دل جا ترجمان آهن، ته سچ ٻه پوري سچائيءَ سان لکيو ويو آهي، جنهن ۾ قيد و بند جون عقوبتون، دوستن جون دلنوازيون، انقلابين جا احوال، علم و ادب جي عميق گهراين ڪان ويندي پريان سندي پار جون مڙئي مٿايون، ڏاڍي چيت ۽ چاهه سان موجود آهن.

ادب ۾ هر حقيقت داخلي هوندي آهي، جنهن کي محض خارجي حقيقت نگاري نٿو چئي سگهجي. سڀ ڪان گهري حقيقت ته آهي يادگيريون، تصور، مقصد، خواهشون ۽ احساس آهن جيڪي انسان جي اندر جي عڪاسي ڪن ٿيون. ڪو اديب جيڪڏهن ڪنهن واقعي کي زندگي بخشڻ چاهيندو آهي ته کيس اهي داخلي ڪيفيتون اُجاگر ڪرڻيون ئي پونديون آهن. ڇاڪاڻ ته واقعن جو انسانن سان واسطو آهي جن ڪان سواءِ آهي بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا.

ڪال ڪوٺڙيءَ اندر مختلف موڊز ۾ لکيل هي ڪتاب اياز جي آتم ڪهاڻي جو انمول حصو، انساني نفسيات جو مطالعو ۽ پنهنجي دور جي سياسي توڙي سماجي حقيقت جي گذريل طوفانن جي تاريخ ٻه آهي، جنهن ۾ ڏرتيءَ جون دفن ٿيل ڇيخون، ڇڪ ساري سنسار کي ڦاڙي نڪرن ٿيون، جن جي گونج روح ۾ ربابن جيان وڄندي رهي آهي.

مستقبل ۽ ماضيءَ ۾ اڳ تي پٺ تي سفر ڪندي، واقعن جي تسلسل کي ڪجهه اهڙيءَ ريت برقرار رکيو ويو آهي جو هڪ ڀرپور شخصيت پنهنجي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن سميت، اکين آڏو اچو ٿي بيهي. مرڪزي نقطي کي ڪردارن ۽ واقعن جي ذريعي وڌ کان وڌ اُجاگر ڪري هن ڊائريءَ کي چڱ ناول جي رنگ ۾ رنگيو ويو آهي، جنهن جي نثر ۾ شاعريءَ جهڙو ترنم سمايل آهي.

جيستائين اياز جي شخصيت جو تعلق آهي، آها هن ڊائري ۾ واضح طور نظر اچي ٿي ته هو نه رڳو ماهر قانون دان، سياسي مفڪر، دانشور ۽ عظيم شاعر آهي پر ساڳي ئي وقت هڪ نرم دل ۽ ٻاجهاري طبيعت وارو انسان به آهي. جنهن فن، ادب، اسلاميات، تاريخ ۽ مارڪسزم نظريات جو نهايت گهرو مطالعو ڪندي، پيٽراڊول جي اداڪاري کان ناظم حڪمت جي شاعري تائين، ثقافت جي هر پهلو ۾ گهڻي دلچسپي ورتي آهي. ڪٿي هن جي شخصيت نهايت شفيق پيءَ جي حيثيت ۾ اُڀري ٿي ته ڪٿي هو شريڪ زندگي سان بي پناهه قربن جا اظهار ٿو ڪري. گهريلو زندگي کان علاوه ٻاهرين دوستين کي به خوب نڀائيندي، هن گهٽ نه گهريو آهي، جيڪي ڪيس ايتري قدر عزيز تر آهن، جو انهن جي قربت جي اظهار ڪرڻ کان به قاصر آهي.

اياز پنهنجي ڪمزورين کان باخبر رهندي، ڪڏهن به انهن تي ڪو زر ڪاري غلاف چاڙهڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، جيئن اڪثر دانشور ڪندا آيا آهن. ان جي برعڪس هن جنهن جرئت سان پاڻ کي پڌري پٽ پيش ڪيو آهي، تنهن ۾ نه ڪو رک رکاءُ آهي نه ئي ڪا ذهني سينسرشپ.

محبتن جي امرتا کي اياز کان وڌيڪ شايدئي ڪو سمجهندو ۽ چاهيندو هجي، تڏهن ته اهي وقت جي واريءَ ۾ لٽجي، دبجي وري وري اُڀري ٿيون اچن.... هن جي من ۾ واسو ڪرڻ لاءِ .... هن جي گيتن تي سُرمئي گهٽائن جيان ڇانئجي وڃڻ لاءِ، ڪيس پنهنجو پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ.

تہ اڄ بہ بخت بالا ۽ بادشاهي برقرار اٿس. هن وقت جيڪي سياسي حالتون آهن، تن جو ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ پورو فلسفو ڏنل آهي، جنهن ڪري بلاشبہ چئي سگهجي ٿو تہ هي نہ رڳو هن دور جو ڪتاب آهي پر ان ڳالهہ جو بہ مثال آهي تہ اياز جهڙا شاعر ئي صحيح طور تشدد ۽ تبديلين جي تاريخ لکي چائيندا آهن.

اياز جي ٻين تصنيفن جيان زير نظر تصنيف پڻ، ٻين ڊائري نويسن کان مختلف انداز ۾ لکيل آهي. ڳالهہ هلندي هلندي، واقعي جي مناسبت سان فلش بئڪ (Flash Back) ۾ هليو وڃي، جتي ذاتي چاهي سياسي صورتحال جي حوالي سان، ساڻس لاڳاپيل ماڻهن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ واقعن جو سلسلي وار ذڪر ڪندي، وري واپس اصل موضوع تي اچي وڃي. تحرير جي ان انداز مان ڪيترن ئي اهم ڳالهين ۽ شخصيتن جي ڄاڻ پئي ٿي. جيڪي مجموعي طرح هڪ دور جي چٽي صورت اُجاگر ڪن ٿيون، جن جو الڳ طور تي ذڪر اچڻ شايد تہ ممڪن نہ هجي ها. تنهنڪري هي ڪتاب جنهن ۾ ان دور جو ڪيل تجزيو، موجوده حالتن جي مناسبت سان وڏي اهميت جو حامل آهي، نهايت ڌيان سان پڙهڻ گهرجي.

ڪتاب پڙهندي جتي اياز جي وسيع لکڻ لاڳاپن جي ڪٿ ڪري سگهجي ٿي، اُتي سندس هردلعزيزي ۽ مقبوليت جو پهلو، ذاتي توڙي شاعريءَ جي حوالي سان سامهون اُڀري اچي ٿو. ڪوئي هن جي شاعري جي جادوءَ ۾ جڪڙجڻ جي دعويٰ ڪري، موٽي اچي وطن جا وڻ ٽــو وسائي، تہ ڪوئي وري سندس شخصيت جي سحر ۾ وڃائجي، ڪيس ڌرتيءَ کان دور وڃي وڃڻ جا جتن ٿو ڪري، پر هن جي دل ۾ ولايتون وسائڻ جا ڪڏهن بہ ارمان نہ رهيا آهن؛ ڇاڪاڻ تہ هن جي من ۾ پوري ڪائنات آباد آهي. هو ڀهريائين هن ڌرتيءَ جو شاعر آهي، پوءِ ڪجهہ ٻيو. اِها شاعري ئي هن جي امرتا آهي؛ تڏهن تہ دل جي گهراين مان چيو اٿس، "منهنجي امرتا تہ منهنجي شاعري آهي، اها شاعري سنڌ جي مٽيءَ کان الڳ ٿي نٿي سگهي ۽ ڪراچيءَ جي رستن تي بوٽن مان ديس ديس جي مٽي ڦهلجي چڪي آهي."

موضوع تي ڪتاب پڙهيا آهن، جن هن جي زندگيءَ جي نظرئي ۾ وڌيڪ پختگي آندي آهي. ڪائنات جي وحدانيت محسوس ڪرڻ جي فلسفي کان وٺي دور حاضر جي هر فلسفي جا سمورا لنگهه لتاڙيا اٿس. ننهن ننڍي عمر کان مطالعو ڪرڻ، ديس ديس جي مصنفن جا نالا، ڪتابن جا نالا، موضوع، مقصد، نظريا، فڪر ۽ تحريڪون حوالن سميت ياد رکڻ، وري انهن جي باري ۾ توريل تڪيل انداز سان چند چوڻ ۽ صحت مند مباحثا ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ، انتهائي غير معمولي ذهن جي مالڪ هئڻ جو ثبوت آهي. ڪٿي ڪٿي مطالعي جو اظهار ڪجهه گهرو محسوس ٿئي ٿو، پر مان سمجهان ٿي ته اهو ذڪر ڪيل واقعي جي صحيح اندازي لڳائڻ لاءِ ضروري آهي.

وسيع مطالعي اياز ۾ جيڪا آزاد خيالي آندي آهي، تنهن ڪيس ڪنهن به ازم ۽ مڙهيل فتوائن جي پابندي قبول ڪرڻ نه ڏني، پر به هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ هن انسان جي تاريخ ۽ تقدير کان باخبر رهڻ پنهنجو فرض سمجهيو. هن جو سياست سان به رڳو اهوئي سڳ سياپو رهيو آهي.

ڪتابن جي فِدائن جا به قسم ٿين. هڪڙا چڙو رعب رکڻ لاءِ لائبريرين ۾ گهورا ڪتاب سجائي ڇاڻين، پيا آهي جن جو هر انداز آڌارو، سٽ سٽ ۾ ريفرنس ۽ ڳالهه ڳالهه ۾ قول شامل هوندا آهن. جن کي نه پنهنجي ذهانت آهي نه ڏي انجي اظهار لاءِ مناسب ٻولي. ٽيجها وري آهي جيڪي ترجمن جا چار ڪتاب پڙهي، پرڏيهي ليکڪن جي نالن جي ڊگهي لسٽ جا حافظ سڳورا بڻجي، پاڻ کي ڏاڍو جينئس ۽ پارکو پيا سمجهندا آهن. مطالعو ڪرڻ ڪا مذاق ناهي، اها اندر جي گهُر آهي. ڪنهن بي دلئي ۽ لاپرواهه ماڻهوءَ جو چئو چوا ۾ اچي دل تي جبر ڪري، رڳو مطالعي وڌائڻ جي خيال کان پڙهڻ ائين آهي، جيئن ڪو اشتهاري نسخو آزمائيندو هجي ته من ڪا وات کلي پئي، پر نتيجو اهوئي ديپي ۾ نڪريون.

مطالعي جو ذوق رکڻ وارا به ڪافي آهن، پر اياز جيان ويا جي عميق ۾ منهن ڪاڏو ڏيئي ٿورا آهن. هن جي من ۾ هڪ اهڙي

ڳڻ ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ٿيو ۽ ان نظربنديءَ کان گهڻو هيسيل هراسيل هوندي به پِٽي صاحب جي رهنمائي ڪرڻ جي وهم ۾ مبتلا رهيو. هن جي اها سوچ انهن ڪارڪنن کان مختلف نه هئي، جيڪي پِٽي صاحب جي سايي ۾ آيريا آمريا پر سمجهندا ايئن هئا ته ڪيس ناهيو ٿي چڪو آنهن آهي. هي اها خوشفهمي هئي، جنهن ۾ پنهنجي قدوقامت جي ڪٽ ڪرڻ بنا اڳتي هلي پِٽي صاحب تي آمريت جا الزام هڻي، ساڻس ڇڄڻ پيا ۽ پنهنجي نااهليءَ تي پردو وجهڻ لاءِ پاڻ کي جمهوريت ۽ اظهار جي آزادي جا حامي ظاهر ڪرڻ لڳا.

پاڪستان جي چوٽيءَ جي ماڻهن سان ڪلها هڻندي به، اياز جي توجه جا مرڪز بچي ڊرائيور ۽ جيل جي سنتري جهڙا عوامي ڪردار رهيا آهن. اهڙي ريت جيڪي به اهم يا غير اهم شخصيتون هن ڊائريءَ ۾ ڏيکاريل آهن، انهن جي نه رڳو ڪردار نگاري ڪئي وئي آهي پر اُن مان ادب، سياست، ۽ انساني فطرت بابت اهم نتيجا ڪڍيا ويا آهن. انهن ڪردارن ۾ جج، وڪيل، وزير، اسيمبليءَ جا ميمبر، آفيسر، دانشور، شاعر، اديب، سياستدان، شاگرد، انقلابي وغيره ۽ ديوان پرمانند جهڙا شخص به اچي وڃن ٿا جنهن لاءِ دوستي هڪ مستقل قدر آهي، پر سياست يا انقلاب ۾ ڪيس ڪابه دلچسپي ناهي.

ڊائريءَ ۾ جتي هن محمد ابراهيم جويو جون ادبي عظمتون ۽ ذهانتون ڏيکاريون آهن، اُتي سندس شخصيت جو حوصلو ڏياريندڙ ضد به ظاهر ڪيو آهي، جنهن ۾ اياز کي چئي ٿو، ’اسان به ڪافي آهيون، جي اسان به چاهيون ته سنڌ جي تقدير بدلائي سگهون ٿا.‘ حشو ڪيولراماڻي کي زبردست خراج پيش ڪرڻ سان گڏ، هن جي ڪردار تي چٽي روشني وڌل آهي. جنهن جو سياسي مقصد مايوسي آهي، پر پوءِ به هن انسانيت جو پلئه هٿان نه ڇڏيو آهي، هن جي اها وداعي وصيت دل تي گهرو اثر ڇڏي ٿي، جنهن ۾ هو اياز کي نساڻائيءَ سان چئي ٿو، ’جي تو پاڪستان ۾ ڪنهن ريفيوجيءَ (مهاجر) تي هٿ کنيو ته ڄڻ تو مون تي هٿ کنيو، ڇو ته مان به هندستان ۾ ريفيوجي آهيان...‘

گوبند مالهي جهڙي ترقي پسند، زندگي کي ڪنهن آدرش جي آڙهه ۾ اڇلڻ کان انڪاري، ڊاڪٽر نعيم صديقي جهڙي جهان ديد انسان، سياسي تجربا ڪندڙ واجد علي شيخ جهڙو ليڊر، ڪراچي جي برک سنڌي وڪيلن سميت جمال ابڙو، حيدر بخش جتوئي، عالم امام، رباني وغيره کان وٺندي هند جي ڪيترن ئي اديب دوستن ۽ پروفيسر رام پنجواڻي جو به ان ۾ ذڪر ڪيو آهي جيڪو اياز جا گيت ڏاڍي چاهه سان پنهنجي پر سوز آواز ۾ ڳائيندو رهيو آهي.

ڊائريءَ ۾ جتي ع.ق. شيخ بابت سنسني خيز انڪشاف ڪيل آهن اتي ڪامريڊ پوهوءَ تان به پردا کنيا ويا آهن، جنهن پرٽي جي پهرين رات اصولن تي ’مت پيد‘ ڪري نئين نويلي ڪنوار، بنا منهن ڏسڻ جي وڃائي ڇڏي! جنهن لاءِ عين ممڪن هو ته اصول پڌي پڌي چمار ڳري وڃينس ها.

ڪجهه صفحن تي ڪي چونڊ اخباري خبرون اهو ڄاڻائڻ لاءِ ڏنيون ويون آهن، ته ڪيئن هڪ مطلق العنان حڪومت پريس جي آزادي سلب ڪري پنهنجا، خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوڙيون خبرون شايع ڪرائي ٿي، پر ان سا ڳي حڪومت جي ڪمزور پوندي ئي اڪثر صحافي ايندڙ سياسي تبديلين کان ڊڄي، پاڻ کي نئين دور ۾ کپائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه صحيح خبرون به هلايو ڇڏين.

قيد تنهائيءَ ۾ هڪ حساس شاعر کي پل پل ڪهڙا پور پون ٿا، هن جي اندر جي لوچ ۽ تڙپ ڪيس ڪيڏو بيقرار ڪري ٿي، هي ڊائري اهڙين ڳالهين جو پڻ نظر افروز داستان آهي.

لاليءَ جو وڻ تي ڇهچاٽڻ، منڊا خاني مان ڳادل ماهيا، برسات جي ڏار جو ڏرتيءَ جي سيني تي رقص ڪرڻ، ڪوڙا ماريندڙن جا اذيت ناڪ سٽڪا، رات جي خاموشي ۾ جيل جي پهريدارن جون هڪلون، جيل جي ٻاهران لنگهندڙ اٺن جي ڇنگن ڇڙن جا موسيقين ڀريا آواز.... هي سڀ اهي ڳالهيون آهن، جي خود اياز جي ڪردار تي چٽي روشني وجهن ٿيون.

جيل ۾ رچيل هڪ نثري نظم،
’اسان پاڻ کي ٻين کان بهتر نٿا سمجهون،
رڳو اسان مختلف آهيون....‘
نظم نه ڇڙ تاريخ آهي، سنڌين جي سڪ ۽ پيار جي تاريخ، سنڌن رنگا رنگ ورثي جي تاريخ، سنڌن جيءَ ۾ جوالا جي تاريخ... سگهه ۽ جاکوڙ جي تاريخ، اهڙي تاريخ جيڪا پاڻ دهرائيندي رهي آهي ۽ هڪ ڀيرو پاڻ کي ٻيهر دهرائي ايـاز جي شاعريءَ تـي ابد تائين امرتا جي ڇاپ هڻي ڇڏيندي.

— ماهتاب محبوب
۱۸ جون ۱۹۸٦ع

کي گرفتار نہ ڪيو هو، ۽ نہ وري ٽئگور تي ڪا ٻري آئي هئي. ها باقي ’ودروهي‘ جي مصنف قاضي نذرالاسلام جا ڪتاب بندش هيٺ آندا ويا ها ۽ ڪجھ راجا جي ڏاڍ، ڪجھ پرجا جي ڏمر ۽ ڪجھ پنهنجيءَ ذات جي بوجھ هيٺ هو نيٺ ڍهي ڍير ٿي پيو هو ۽ اڄا تائين هن جي ماس جو لوٿڙو ڪلڪتي ۾ دوا درمل لاءِ پارت سرڪار جو ڪانيارو آهي ۽ هن جو جنم ڏن ڏوم ڏام سان ڍاڪا ۾ ملهائبو آهي. هيل تہ ڍاڪا ۾ بنگلا ڀاشا وارن ٽئگور ۽ مڌوسوڌن جا بہ ڳڻ ڳايا ها ۽ ٽئگور جي باري ۾ پاڪستان جي مرڪزي وزير جي بيان کي ڪنگھيو بہ ڪونہ هيائون. مون سوچيو تہ هن قوم ۽ حڪومت مون کي بہ نذرالاسلام بڻائڻ ۾ ڪائي ڪسر نہ ڇڏي آهي پر شايد منهنجي ذات هر ڏولائي کان ڏاڍي آهي، جو مان پاڳل نہ ٿو ٿي پوان؛ شايد منهنجو اهو احساس تہ منهنجي چوڌاري سڀ پاڳل آهن، مون کي پاڳل پڻي کان بچائي رهيو آهي. سان بودليئر ۽ رامبوءِ وانگر حشيش بہ نہ ٿو ڇڪيان ۽ نہ وري ميراجيءَ وانگر سگريٽ جي پنيءَ ۾ ويڙهيل لوهي جا گولا ٿو جهپيان؛ عجب آهي تہ پوءِ بہ ايترا ڏک سهي منهنجي ڪنڌ نہ ٿي ٽٽي! مون کي ياد اچي رهيو آهي تہ بين هُر (Ben Hur) فلم ۾ مون هيءَ سين ڏٺي هئي— هيرو سان گڏ ٻيا ڪيئي غلام ڪنهن وڏي ٻيڙي جي تري ۾ ونجھ هلائي رهيا ها. آهي غلام خريد ڪيا ويا ها ۽ سوداگر آنهن کي ٻڌي ڪنهن ڏيساور ڏانهن وڪري لاءِ وٺي وڃي رهيو هو. غلامن جي مٿان مقرر ڪيل پهريدار هٿ ۾ وڏو ڪوڙو جهلي بيٺو هو. هڪڙي غلام کي ونجھ هلندي، پانواٽي اچي وئي ۽ هن جا هٿ ونجھ تي ڍرا ٿي ويا تہ پهريدار آچانڪ ڏٺي، هن کي زور سان بہ ٽي ڪوڙا هنيا. ڏک کائي، هن جو ڳاتو لڙي پيو ۽ جيئن پهريدار هن کي وارن جي ڳُت کان جهلي، هن جو مُنهن مٿي ڪيو، تيئن هن جون ڦڙايون اکيون

چيچل ترجمو سکر ۾ منهنجي ڪاڏي جي ميز تي پيو هوندو
جو ته مون چاهيو ٿي ته آن مان ڪجهه نظم سنڌيءَ ۾ ترجمو
ڪيان ۽ اِن ڪري مون آن کي ميز تان هٽايو نه هو (منهنجي
ڪاڏي جي اڌ ميز انهن ڪتابن ۽ رسالن سان ستيل هوندي آهي
جي منهنجي مطالعي هيٺ هوندا آهن ۽ جي مان ماني ڪائڻ
کان اڳ، ماني کائڻ وقت ۽ ماني کائڻ کان پوءِ پڙهندو
آهيان، ۽ جن کي منهنجي زال زرينه منهنجيءَ اجازت کان سوا
ميز تان نه هٽائيندي آهي، ۽ جن کي آن وقت عارضي طور
هٽايو ويندو آهي جڏهن ڪوئي مهمان گهر ايندو آهي ۽ مون
سان گڏ ميز تي ماني کائيندو آهي). مون اڃا ناظم حڪمت
جو ترجمو شروع به نه ڪيو هو ته مون کي گرفتار ڪيو ويو
هو. ڇا ڪيان، هن حڪومت کي جنهن وقت وڻي ٿو، مون
کي ڪٺي ڪاٺ ۾ ٿي وجهي ۽ منهنجا ادبي خواب بي تعبير
رهجي وڃن ٿا. مون ناظم حڪمت جي پوري زندگي ته نه پڙهي
آهي— شايد آن تي ڪوئي ڪتاب لکيو به ڪونه ويو آهي.
مون کي پيو ڪوئي مسلمان شاعر نه سُجهي، جنهن مذهب جي
باري ۾ ايتريءَ شدت سان لکيو هجي ۽ سو به هڪ اسلامي
مُلڪ ۾! تصوّريت (Idealism) جي فلسفيءَ برڪلي (Berkley)
تي هن جو لکيل نظم ته فن شاعريءَ جو ڪمال آهي. مان جي
اهڙو نظم ابن العربيءَ تي لکان ته هيءُ ملڪ، جو هونءَ ته مجدد
الف ثانيءَ، شاه ولي الله ۽ علامه اقبال جي فلسفي جو پيروڪار
آهي ۽ وحدت الشهود جو قايل آهي، جيڪر مون کي وحدت الوجود
جي نظريي جي توهين ڪرڻ سبب ڦاهي تي چاڙهي. مان چاهيان
ٿو ته پنهنجو ڪوئي ڪتاب ناظم حڪمت جي نالي سان منسوب
ڪيان ڇو ته هن کي به پنهنجي وطن جا مسلمان هم وطن ۽
حڪومت، پنهنجيءَ هر مذموم ڪوشش جي باوجود، ديوانگيءَ
تائين پهچائي نه سگهيا ها ۽ سرمايدارانه نظام ۽ زندگيءَ جي
رجعت پرست نظريي لاءِ نفرت هن کي زنده رکندي آئي هئي.

هاڻي چنڊ ڪوليءَ جي سامهون بيٺل نم جي ٽاريءَ مٿان وڃي رهيو آهي ۽ ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪنهن پينوءَ جي پاڻهن اڇلايل اشرفيءَ جي ڪڏ وڏي رهي آهي. ٻاهران واچ ٽاور تي بيٺل پهري دار جا هوڪرا، ڪُتن جي ٻُونڪار سان ملي، رات جي خاموشيءَ کي وڌائي رهيا آهن. لالٽين پويان پڙڪا ڏئي رهي آهي ۽ سگريءَ ۾ اگرن تي رڪ ڄمي وئي آهي. اڄ ٿڪو به ڏاڍو آهيان ۽ سيٺاندو به ٿي رهيو آهي. ڪوليءَ کان ٻاهر ولهه ٿي وسي. بهتر آهي ته سوڙ ويڙهي سمهي رهان ۽ سپاڻي سڄ سنئين آئي، ساري حقيقت لکان ته پهرينءَ نومبر کان وٺي هن وقت تائين مون تي ڇا گذريو آهي. ساڄهر اٿي ته مون کان ٿيندو ڪونه. مون وٽ نه مولانا آزاد واري چاءِ آهي جنهن جون ويهي سُرڪيون پريان ۽ 'غبارِ خاطر' لکان ۽ نه پرسان ڪوليءَ ۾ ڪوئي نهرو آهي جنهن جي ڪونگهرن تي اک کلي وڃي. اڳ پٺي صاحب جي وارڊ ۽ منهنجي وارڊ جي وچ ۾ فقط ديوار هئي پر مون ڪڏهن به هن جا ڪونگهرا نه ٻڌا هيا. آهي ته نهروءَ وانگر سوشلسٽ ۽ اڇي به ساڳي طبقي مان ٿو!

ڏهين بجي ناشتو ڪري مون چانهه پيتي ۽ پوءِ مادام سارا برنارڊ (Sarah Bernard) جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب پڙهڻ لڳس، جو ڪجهه اڳ مون ڪراچيءَ مان خريد ڪيو هو ۽ ساهيوال ڏانهن پوليس وٺي ايندي ڪجهه پڙهيو هيم.

سارا برنارڊ نه فقط فرانس پر پوريءَ دنيا جي بهترين ائڪٽريس تسليم ڪئي وئي هئي. آمريڪي بئليٽ ڊانسر (Ballet dancer) آئزوڊورا ڊنڪن جي ڪهاڻيءَ وانگر هن جي زندگيءَ جي ڪهاڻي به نهايت دلچسپ آهي. ڪتاب جي ليکڪا ڪارنيليا، سارا برنارڊ جي دؤر جي فرانسي زندگيءَ جي تصويرڪشيءَ ۾ پنهنجي مطالعي ۽ فن جو ڪمال ڏيکاريو آهي. ڪتاب پڙهندي مون ڪان پنهنجي ٤ فوٽ X ٨ فوٽ ڪوٺي وسري وئي ۽ مان لوئي فلپ (Louis Philipe) ۽ هن ڪان پوءِ واري دؤر ۾ وڃي پهتس. مون اڳ به آندري مارو جي ڪتاب 'فرانس جي تاريخ' ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ اُنهيءَ دؤر جي باري ۾ پڙهيو آهي، جڏهن وڪٽرهيوگو ڪنهن ائڪٽريس جي ڪيڏ هوندو هو ۽ هيوگو جي جوءِ مشهور نقاد سينٽ بيو (Sainte-Beuve) سان معاشقو لڙائيندي هئي ۽ جڏهن مشهور ناول نگار اليگزينڊر ڊيوماس کي داشتائن جي پوري حرم سرا هوندي هئي ۽ نيسائي آزاديءَ جي تحريڪ (Feminist Movement) جي اڳواڻ جارج سئنڊ (George Sand) کي ڪيئي آشنا هوندا هيا. ڪتاب پڙهندي منهنجو ڌيان بالزاڪ (Balzac) جي ناولن ڏانهن ويو ۽ پوءِ جارج سئنڊ جي خطن جو مجموعو ياد آيو جو مون ڪيئي سال اڳ سکر جي ميونسپل لئبرريءَ مان وٺي پڙهيو هو. (پاڪستان کان پوءِ سنڌ جون لئبريون ڪيئن ناس ڪيون ويون، اهو هڪ ڏکوئيندڙ داستان آهي.) مون کي اهو ڏسي حيرت آئي ته ليکڪا سارا برنارڊ جي دؤر تي اٽڪل ساڍا ٽي سو صفحا لکيا آهن پر ان ۾ پئرس ڪميون (Paris Commune) جو ذڪر فقط ڏهن سٽن ۾ ڪيو اٿائين ۽ اُن

۾ گهريا هئاسين تہ اسان جو هيانءُ منجهڻ لڳو هو. هيءَ منهنجي ڪوليءَ بہ ڪا مراد واريءَ ڪوٺيءَ کان خاص چڱي نہ آهي ۽ مون وٽ خود فراموشيءَ لاءِ مراد وانگر آفيم بہ ڪونہ آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ جيل خانن جو آءِ-جي-پي جيل جي سپرنٽنڊنٽ سان گڏجي منهنجي ڪوليءَ ۾ آيو هو ۽ مون کان پڇيو هئائين، ”اوهان کي تنهائيءَ کان گهٻراهٽ تہ ڪانہ ٿي ٿئي؟ ٻين نظربندن وٽ آءُ ويو آهيان تہ اُنهن شڪايت ڪندي پڇيو آهي تہ ڪين قيدِ تنهائيءَ ۾ ڇو رکيو ويو آهي.“ ان تي مون هن کي جواب ڏنو تہ ”اوهان فڪر نہ ڪيو، مان جيل کان ٻاهر بہ پوري پاڪستان ۾ تنها آهيان.“ ان تي سپرنٽنڊنٽ مُرڪي چيو، ”آءِ-جي-پي صاحب، هي شاعر ماڻهو آهي، تنهائي تہ شاعريءَ لاءِ سازگار ٿيندي آهي.“ مون چيو، ”سازگار ٿيندي بشرطيڪ ڪوئي اُنهيءَ تنهائيءَ ۾ دخل نہ ڏئي.“

هو منهنجي طنز سمجهي نہ سگهيا ۽ شايد مون تي کلندا هليا ويا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ مان ڪوليءَ ۾ ٿوري دير ويٺس تہ جمعدار اڄوڪي ’پاڪستان ٽائيمس‘ کڻي آيو. اخبار ۾ اهو پڙهي مون کي حيرت آئي تہ سرڪاري ڌر هاءِ ڪورٽ ۾ چيو آهي تہ اسلم حيات جو ڀٽي صاحب سان رشتو اڳواڻ ۽ پوئلڳ وارو آهي. ڇا، هي سرڪاري پٺو اهڙيون ڳالهيون لکي ڀٽي جي اهميت گهٽائي سگهندا!

اڄ چوڏس جي رات آهي. آڀ ۾ ڪجهہ ترڪرڙي آهي، جا ڪوليءَ جي دروازي مان نظر اچي رهي آهي. مون کي گيتا ڏاڍو ياد اچي رهي آهي. دليءَ کان بمبئي ويندي، اسان اڌ رات جو بيجاپور جي هڪ ڊاڪ بنگلي ۾ ترسيا هياسين. ريسٽ هائوس جو باورچي ماني پچائي رهيو هو ۽ راج ۽ ڀٽي ٿڪجي ليٽي پيا ها تہ هنن کي ننڊ اچي وئي هئي. ٻاهر ڏاڍو سيءُ ٿي پيو. گيتا چيو هو، ”ڪوي، ٻاهر پونم جو چنڊ آهي پر مون کي

٦ ڊسمبر،

اڄ مون صبح جو اُس ۾ ويهي، ناشتو ڪري، ۱ نومبر کان ۱٦ نومبر تائين ساري واردات قلمبند ڪرڻ ٿي چاهي ته جيل جو چيف وارڊر جيل لئبرريءَ جي ڪتابن جي فهرست کڻي آيو. ڪجهه ڏينهن کان مان هن کان انهيءَ فهرست جي گهر ڪندو رهيو هيس، پر هر ڀيري هن کان اها ڳالهه وسري ويندي هئي. مون فهرست پڙهي ڏٺي. اُن ۾ انگريزيءَ ۾ ”جديد پلاسٽڪس جي الف بي“ (A.B.C of Modern Plastics)، ”گهر، ڪارخاني ۽ ٻنيءَ تي بجلي“، ۽ هٽلر جي Mein Kampf سان گڏ ”گرو گوبند سنگهه جو جيون چرتر“، ”مکن جون رسمون“، ”هندستان جو ورثو“، ”گانڌيءَ سان هڪ هفتو“، ”مرزا غلام محمد قادياني — انسان جي حيثيت ۾“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل هياه اُردوءَ ۾ ۲٦٦ ڪتاب موجود هئا جن ۾ ”سنگيت رامائڻ (پنجابيءَ) جا چار حصا“، ڀڳوت گيتا، زبانِ فارسي، رام ۽ سيتا، جغرافيه هندو دنيا، پورن ڀڳت، شيواجي، راجا رام موهن راءِ، ڀڳتي، احمديت جو پيغام، احمديءَ ۽ غير احمديءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي، تماڪوءَ جا خطرناڪ اثرات، ڪامياب مرغي خانو، بالِ جبريل ۽ ٻيا ڪتاب هياه لسٽ ڏسي، مون چيف وارڊر کي چيو ته ساهيوال جيل تي اڃا نظرياتي يلغار نه ٿي آهي، پر هن منهنجي ڳالهه نه سمجهي. مون کي مهيني ۾ ڏهن ڪتابن وٺڻ جي اجازت آهي، ان ڪري مون هن کي هٽلر جو Mein Kampf، بالِ جبريل ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب آڻڻ لاءِ چيو، جنهن تي هن چيو ته Mein Kampf ڀٽي صاحب وٽ آهي؛ جي پورو ڪيو اٿائين ته کڻي ٿو اچان.“ مان جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايل.ايل.بي پڙهندو هيس، تڏهن ايم.اين.راءِ جو ڪتاب ’فاشزم‘ پڙهيو هيم جو نهايت دلچسپ هيو ۽ جنهن مون کي فاشزم جي فلسفي سان واقفيت ڏني هئي. ان کان پوءِ مون هٽلر، مسولنيءَ ۽ فاشزم تي ڪيئي ڪتاب پڙهيا ۽ Rise and Fall of the

پاڪستان ٽائيمس اخبار ڪٺي آيو. اُن ۾ هڪ خبر هئي ته، ڊسمبر تي هڪ ٽئڪسي سکر کان شڪارپور ويندي ڪنهن ٽرڪ سان ٽڪري ۽ پنج ماڻهو اُتي مري ويا ۽ ست ڏاڍو ڦٽجي پيا. خبر پڙهي مون کي ڪنبڻي پئجي وئي. ڪڏهن ڪڏهن منهنجا ٻار به سکر مان شڪارپور ناناڻي گهر ويندا آهن. هتان کان چار سؤ ميل پري اُنهن جي خير و عافيت جو پتو ڪيئن رکان؟ خط ۽ تار به سي. آء. ڊي وارا پاڻ وٽ رکي ٿا ڇڏن! مون هر هفتي ۾ خط لکيا آهن (اُنهن کان وڌيڪ خط جيل جي قانون مطابق لکي نه ٿو سگهان) ۽ پنهنجي خرچ تي تارون به موڪليون آهن پر هن وقت تائين ڪوئي جواب نه آيو آهي. مون سوچيو ته منهنجا ٻار پنهنجيءَ ڪار ۾ شڪارپور ويندا آهن پر پوءِ خيال آيو ته متان ڪار خراب ٿي پئي هجي يا ڊرائيور بيمار هجي ۽ ان ڪري ٽئڪسيءَ ۾ ويا هجن. وري پاڻ کي آٿت ڏنم ته منهنجا ٻار وڃن ها ته پوري ٽئڪسي ڪري وڃن ها؛ هن ٽئڪسيءَ ۾ ته ٻارنهن ڄڻا هيا ۽ منهنجا گهر جا ڀاتي ٿورا آهن. ايتري ۾ اُن جو به رد سُجهي آيو ته متان بس اسٽئنڊ تي فقط هڪ ئي ٽئڪسي موجود هجي ۽ آها اڳ ۾ ڪجهه پريل هجي ۽ هُو ضرورت کي مدنظر رکي، اُن ۾ سوار ٿيا هجن. مطلب ته ٽيستائين چين نه آيو جيستائين شام جو ٽيٽمڪڙو منهنجي لاءِ ’جنگ‘ اخبار گهي آيو جنهن ۾ حادثي وارن فوتين ۽ زخمين جا نالا ڏنل هيا ۽ اُنهن مان ڪوبه منهنجو واقف نه هيو. اڄ مون کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته مون کي پوڙ به ٿيندو آهي.

شام جو وري اسلم حيات سڏ ڪيا. مون هن جو سڏ ورائيو ته هن پڇيو، ”اڄوڪيءَ اخبار ۾ مُنهنجي ڪيس جي ڪاروائي پڙهيئه؟“ مون جواب ڏنو، ”هائو، پڙهيم.“

”چا تو سمجهين، قصوري صاحب تقرير چڱي ڪئي آهي نہ؟“

”تقرير لاجواب آهي.“

”ڀلا مان ڇٽي ويندس؟“

”مان نہ ڀانيان ٿو اوهان ضرور ڇٽي ويندا.“

”چڱو، خدا خير ڪندو. السلام عليڪم.“

”وعليڪم السلام.“

ٽيسنائين مون ان موضوع تي قلم کڻڻ ڪنيو هو ڇوته منهنجي
يارن جواب ڏيڻ وارا سنڌ جا پورا ترقي پسند حلقا هيا ۽ منهنجا
سنڌي مخالف انهن جي پيٽ ۾ اڏ پڙهيل ۽ اناڙي لڳندا آهن،
جن کي آزاد نظم ۾ به اسلام جي بيخ ڪني نظر ايندي آهي،
ڇڻ ته پابند شاعريءَ جو اسلام سان ڪوئي تعلق آهي! پر
هاڻي مقابلو انهن سان هو جن اردوءَ ۾ ٽيهارو سال ترقي پسنديءَ
جي مخالفت ڪري، اردوءَ جي هر ترقي پسند شاعر ۽ اديب
کي ماري منُجِ ڪري وڌو آهي. انهن وٽ سر سيد کان وٺي
علامه اقبال تائين، جُملهِ لاءِ مڙُدا تڪا ڪاٽ ڪهاڙا آهن. انهن
وٽ نه فقط نظرياتي هٿيار آهي پر انهن روسي ڪميونسٽ
پارٽيءَ جي ويهين ڪانگريس ۾ اسٽالن جي ستياناسيءَ جي باري
۾ به پڙهيو آهي ۽ اهو به ڄاڻن ٿا ته ڪجهه روسي اديب وطن
دشمنيءَ جي ڪوڙي الزام هيٺ سزائون ڪاٽي رهيا آهن ۽
چين جو ثقافتي انقلاب انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي ۽ نادان
انقلابين ڪنفيوشس جو مندر ڊاهي ڇڏيو آهي. اها بي ڳالهه
آهي ته انهن نه جارج آرويل پڙهيو آهي، نه آرٿر ڪوئسلر، نه
هاورڊ فاسٽ، نه انهيءَ قبيلي جا ٻيا اديب، جي ڪنهن وقت
ڪميونزم جا فدائي ها پر اسٽالن واري دؤر جي تلخ تجربي
انهن جو منهن زهر سان ڀري ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ منهنجي
مخالف رجعت پرست اديبن کي اندر ۾ ته اهو احساس آهي ته
سندن ٺوٺيون ٺنيا پولا ٿي چڪا آهن، پر ڪين اها پڪ آهي
ته اهي ڦهڪو ڏئي نه ڪرندا ۽ هو وقت بوقت انهن کي
پشتيون ڏئي، پنهنجي اڌوهيءَ ڪاڏل اڏاوت کي بچائي سگهندا.
هنن کي اها ڄاڻ نه آهي ته اردو ترقي پسنديءَ ۽ سنڌي ترقي
پسنديءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي، ۽ ڇو سنڌ جو ترقي پسند ادب
هن وقت برصغير جي پوري ادب کان وڌيڪ جاندار آهي.
مون پاڪستان ۾ پنهنجي مخالفت ڏسي سوچيو ته 'ڇگو ٿيو،
هاڻي اوناڙ مان جان ڇٽي، گجگوڙ سان منهن ڏيڻو پيو. مون

ڊاڪٽر باقر رضوي، جميل جالبيءَ وغيره جا ڪتاب ۽ سيّد عبدالله، ڊاڪٽر حميدالله خان ۽ جسٽس انوارالحق وغيره* جا مضمون ۽ تقريرون ڪٺيون ڪيون. مضمون لکندي، مون کي اسلامي فلسفي، مصوري، فن‌تعمير ۽ موسيقيءَ وغيره جي مطالعي جي ضرورت پئي ۽ ان لاءِ مون ڪيئي ڪتاب هتان هتان ڪٺا ڪيا ۽ انهن کي پڙهي، نظريي کي حقيقت جي روشنيءَ ۾ ۽ حقيقت کي نظريي جي روشنيءَ ۾ پرکي رهيو هوس ته تنوير عباسي پنهنجي هڪ دوست سان ڪار ۾ اچي نڪتو ۽ رستي تي منهنجي ڪار روڪي چيائين ته "الصحرا هوٽل ۾ هل، اتي توسان ڪائي ضروري ڳالهه ڪرڻي آهي." هوٽل ۾ هن مون کي ٻڌايو ته مغربي پاڪستان جي هوم ڊپارٽمنٽ مون تي پاڪستان دشمنيءَ سبب قلم ۱۲۳ الف ۽ ۲۹۵ الف تعزيرات پاڪستان هيٺ ڪيس ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي (انهن ڏوهن مان پهرئين ڏوهه لاءِ وڌ ۾ وڌ سزا سخت پورهئي سان ڏهه سال آهي ۽ ٻئي ڏوهه لاءِ ٻه سال). هن اهو به ٻڌايو ته منظوري ايس. پي سکر وٽ پهچي چڪي آهي ۽ اهو ٻڌو ويو آهي ته 'توکي ڇنڇر شام جو گرفتار ڪري، هٿڪڙيون هڻي، پيرين پيادو، وچ شهر مان لاڪپ تي ڏيو ويندو ۽ ٻي ڏينهن تي آرتوار هجڻ سبب تنهنجي ضمانت به نه ٿي سگهندي.' مون سرمد جي اها سٽ ورجائي، جا هن جلاد کي تلوار سان ايندو ڏسي چئي هئي، "بيا، بيا ڪه تو بهر صورت مي آئي، من ترا خوب مي شناسم" (اچ، اچ، تون جنهن صورت ۾ به اچين ٿو، مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو) ۽ پوءِ تنوير کان پڇيم، "توکي اهو معلوم ٿيو آهي ته ڪيس ڪهڙي بنياد تي ٻڌو

* جسٽس انوارالحق سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس هيو جڏهن سپريم ڪورٽ مرحوم وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي سزا بحال ڪئي هئي.

سرٽيفڪيٽ جو بندوبست ڪجانءِ“. ان تي تنوير واٺڙو ٿي ويو ۽ پڇيائين ته ”ڇا جو سرٽيفڪيٽ“؟ مون هن کي مٿيون لطيفو ٻڌايو ته هو به کلڻ لڳو ۽ هن تان گنڀيرتا جو پاڇو هٽي ويو.

آن وقت مون تنوير کي ٻيو لطيفو ياد ڏياريو، جو منهنجو دوست قادر صديقي ڏاڍي چشڪي سان ٻڌائيندو آهي. ١٩٦٥ واريءَ جنگ وقت مون کي جيل ۾ ٣ مهينا نظربند ڪيو هيائون ته تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، قادر صديقي، شمشير الحيدري، تاج بلوچ ۽ فتاح ملڪ سکر ۾ گڏيا ها ۽ منهنجيءَ رهائي لاءِ سوچيو هئائون ۽ پوءِ سڀئي گڏجي ان ڏس ۾ سکر جي ڊپٽي ڪمشنر سان مليا ها. مڙني جو منهندار تنوير هيو. تنوير ڊپٽي ڪمشنر سان ڳالهائيندي هن کي چيو هو ته ”جڏهن سارتري الجيريا ۾ بغاوت جي حمايت ڪئي هئي، تڏهن فرانس جا ڪجهه دانشور ڊيگال سان مليا ها ۽ هن کي سارتري تي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ چيو هيائون، جنهن تي ڊيگال هنن کي جواب ڏنو هو ته ’سارتري به ته فرانس آهي، آنهيءَ تي ڪاروائي ڪيئن ڪيان؟‘ اها ڳالهه ٻڌي ڊپٽي ڪمشنر واٺڙو ٿي ويو هو ۽ تنوير کان انگريزيءَ ۾ پڇيو هيائين، ’سارتري ڪير آهي؟ ۽ ڊيگال ڪير آهي؟‘

تنوير ۽ ٻيا دوست ڊپٽي ڪمشنر وٽان مايوس ٿي موٽيا ها ۽ پوءِ اُنهن کي ڏاڍي اُڃ لڳي هئي ۽ بيئر جون ٻوتلون پي اُڃ اُجهائي هيائون ۽ مون کي ياد ڪيو هيائون. قادر اهو لطيفو ٻڌائي ٺهڪ ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر کان هڪڙو سوال رهجي ويو هو ته ”فرانس ڪٿي آهي؟“

اهو لطيفو ياد ڪري تنوير مرڪي چيو ته ”هيءُ مذاق جو وقت نه آهي. هاڻي ٻڌاءِ ته ڇا ٿو ڪرين؟ سپاٽي چنچر آهي.“ مون هن کي جواب ڏنو ”مون تي هونءَ به چنچر جو

’هيڪليون هلن جي، سي ٽاڪئن سندي ٽوڙ‘! تڏهن ته مان چوندو آهيان ته پارٽيءَ کان سوا پنهنجي مسئلي جو حل ناممڪن آهي. پٺاڻي چئي ٿو ته هيءَ اهڪي پوڻه سونهن کان سوا سٽري ٿيڻ واري نه آهي. باقي جڏهن آهي پارڪو پڇن ٿا ته ڏونگر جا ڏنا جهڪيو پون ٿا.“

مون جواب ڏنو، ”اڃا ته هيڪلو هلڻو آهي، جيسين تون سونهان پيدا ڪري سگهين.“

پوءِ مان ۽ پليجو ضامن جي درخواست لکي ويٺاسين جا اڌ ڪلاڪ کن ۾ تيار ٿي وئي. جي پليجو سياست ۽ ادب تي ايترو وقت صرف نه ڪري ها ۽ فقط وڪالت تي توجهه ڏي ها ته پاڪستان جي بهترين وڪيلن مان هجي ها. تقدير هن کي ڪڏهن ڪيري نه بي ڳالهه آهي نه ته مون کي هن جو مستقبل نهايت درخشان نظر ايندو آهي. ڳالهيون ڪندي مون پليجي کي چيو، ”انڊا اونڌا ويچ سنڌ کان ٻاهر به گهٽيئي تي ويا آهن.“ جنهن تي پٺيءَ چيو، ”هاڻي ته ڪل به ڪاري رهيا آهن.“ اُن کان پوءِ ڪيترو ئي وقت پليجو موجوده مسئلن جو تجزيو ڪندو رهيو، جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن اسان هن سان نااتفاقي ٿي ڏيکاري. پليجي کي مارڪس، اينجلز، لينن ۽ ماڻو برزبان ياد آهن ۽ هو ڪنهن وقت به پنهنجن دليلن کي اُنهن جي حوالن سان هٿي ڏئي سگهندو آهي. هو هڪ ڪتاب پڙهي مصنف جي ساري زندگيءَ جي تجربي جو نچوڙ ڪڍي وٺندو آهي. هن جي بي انتها ذهانت کان ڪنهن کي به انڪار نه آهي جيتوڻيڪ ڪيترائي ساٿي هن جي حڪمت عمليءَ سان متفق نه هوندا آهن. هو اُردو، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جو نهايت چڱو مقرر آهي ۽ هن ۾ هڪ عظيم انقلابي Theoretician ٿيڻ جا سڀ امڪان آهن، جي حالات هن جو ساٿ ڏنو ته هو ڪنهن وقت سنڌ جو هوچي‌منهه ٿي ويندو. مون کي ان ڳالهه

سماجي جوالا جي اندروني ڇُرپر ڏسي وٺندي آهي. روسي شاعر ماياڪووسڪي ۱۹۱۷ع جي انقلاب کان اڳ هڪ نظم لکيو هو جنهن ۾ هڪ سٽ اها به هئي ته ۱۹۱٦ع ۾ انقلاب اچي رهيو آهي. هڪ سال اڳ مان حيدرآباد جي اورئينٽ هوٽل ۾ چاءِ پي رهيو هوس ته اوچتو هڪ سنڌي نوجوان ڪرسي ڇڪي منهنجي ڀرسان اچي ويٺو. هن ويهڻ سان لينن جو ڪتاب On Religion ميز تي رکيو ۽ مون کي چيائين، "مون کي اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي." هن کي ڪاڏيءَ جا کهرا ڪپڙا پيا ها ۽ پيرن ۾ چمڙي جو ٽلهو گهيتلو پيو هو ۽ هو پنهنجي ڊيل ڊول، قد ڪاٺ ۽ هلول چال مان گورڪيءَ جي ناول 'ماءُ' واري ڪردار پاويل وانگر ٿي لڳو. اڄ هن تي پاولوف نالو پئجي چڪو آهي ۽ هو شاگرد تحريڪ جو نهايت بيباڪ رهنما آهي. هن جو اصل نالو ڄام ساقي آهي. هن جو مطالعو پاڻيجي جيترو نه آهي ۽ نه هن کي پاڻيجي واري تيز ذهانت آهي، پر هن کي انقلاب جي تصوّر سان بيحد وابستگي آهي ۽ اها وابستگي نهايت بيلوث آهي. هو انقلاب لاءِ نه رڳو پنهنجو جان مال (مال ته هن کي آهي ڪونه) پر گهر گهاٽ سڀ ڪجهه قربان ڪري سگهندو آهي. هو هاري طبقي جو ماڻهو آهي، پيدائشي انقلابي آهي، هن جي رڳ رڳ ۾ ظلم ۽ تشدد جي نظام لاءِ بغاوت آهي ۽ هو پنهنجي نظريي لاءِ ڪاٻه ڪوهه-ڪَنِي ڪري سگهندو آهي. مون سان ٻيا شاگرد ليڊر يوسف ٽالپر، مجيب پيرزادو، اقبال ترين، مير ٿيبو، مسعود نوراني، لالا قادر وغيره به مليا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اُنهن مان به ڪو اڳتي هلي سنڌ جي تقدير ۾ اهم ڪردار ادا ڪري.

هڪ ڀيري مان رٽز هوٽل ۾ ترسيل هوس. مون کي آتان ٽاٽي بولا خان وٺڻو هو جتي ڪجهه ڏينهن گذارڻا هيا ۽ اُن جي سانت ۾ پنهنجو پاڻ سميٽڻو هو ۽ پنهنجي هنگامه خيز زندگيءَ جو اڳ پوءِ جاچي، مستقبل لاءِ ڪجهه فيصلا ڪرڻا

ٿو. ٿاٿو بولا خان حيدرآباد کان اٽڪل چاليهارو ميل ٿيندو ۽ مون سوچيو ته ٽئڪسي ڪري هليو وينديس، پر مون ٽئڪسيءَ لاءِ ماٿهو موڪليو ته ٽئڪسيءَ وارن هلڻ کان انڪار ڪيو جو ته انهن ڏينهن ۾ ڏاڍا مينهن وٺا ها ۽ برسات کان پوءِ ٿاٿي بولا خان ڏانهن ويندڙ پهاڙي رستي تي نوڪدار پٿر وڏيڪ ترڇا ٿي ويندا آهن ۽ ٽائرن جا ٽڪر ڪڍي وجهندا آهن. مان سوچي رهيو هوس ته موٽي وڃان ته ايتري ۾ نياز همايوني اچي نڪتو. نياز همايوني هونءَ ته پنهنجي شاعريءَ جي عوامي لب و لهجي ۾ نظير اڪبر آباديءَ جي پايي جو شاعر آهي پر پنهنجيءَ حرفت ۽ رسائي بازيءَ ۾ ملا دوپيازي جو به استاد لڳي. مون جڏهن هن کي پنهنجو مسئلو ٻڌايو ته هن يڪدم چيو ته ”موٽي ڇو ٿو وڃين؟ منهنجو فلاڻو سي-ايس-پي آفيسر دوست آهي. اُن کان جيپ وٺي تو کي صبح جو پهچائينديس.“ ٻي ڏينهن مان اچا ناشتو ڪري رهيو هوس تہ همايوني اُنهيءَ سنڌيءَ سي-ايس-پيءَ سوٽو منهنجي ڪمري ۾ اچي نڪتو. مون پنهي کي ڪيڪاريو ۽ هو ڪرسين تي ويهي رهيا. رسمي طرح مون پنهي کي چيو، ”چاءِ پيئندا؟“ نياز تہ انڪار ڪيو باقي هن جي سي-ايس-پي دوست ڪجهہ سوچي چيو، ”جي گهرايو ته بهتر.“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ذري گهٽ چاءِ جو ڪوپ هٿ مان ڪري پيو هو، پر مون پاڻ کي سنڀالي هن کي چيو، ”مون کي خبر نہ آهي ته هن هوٽل ۾ بار بہ آهي!“

”بار آهي“ هن چيو، ”مون ڪيئي پيرا هتي ناشتي کان اڳ جن پهتو آهي“. مون بيري کي سڏي آرڊر ڏنو ته هو جن جو هڪ پيگ کڻي اچي. ڳالهيون ڪندي، هن ٻڌايو ته هن جو والد بزرگوار هڪ عالم دين هو پر هن جي دلچسپي علم الانسان (Anthropology)، مذهبن جي تقابلي مطالعي (Comparative Study of Religions) ۽ علم النسل Science of Genetics وغيره ۾ آهي. هن ڊارون جي ارتقا جي نظريي تي چڱيءَ طرح

بحث ٿي ڪيو ۽ مٿين موضوعن تي هن جو مطالعو چڱو ٿي نظر آيو. مون هن کان پڇيو ته ”ڇا ڊارون جي ارتقا جي نظريي ۽ مارڪس جي طبقاتي ڪشمڪش جي نظريي ۾ ڪوئي تعلق آهي؟“ هن جواب ڏنو، ”مون کي ته ڪوئي تعلق نظر نه ٿو اچي“. مون هن کي ٻڌايو ته ”مون انگريزي رسالي ’اينڪائونٽر‘ (Encounter) ۾ ڪٿي پڙهيو هو ته مارڪس جي ڪتاب ڊاس ڪئپيٽل تي جرمنيءَ جي ڪنهن اخبار چڱو تبصرو شايع نه ٿي ڪيو، ان ڪري مارڪس اينجلز کي لکيو هو تہ ’فلاڻيءَ جرمن اخبار جو ايڊيٽر ڊارون جو وڏو مداح آهي تہون اُن احمق کي مطمئن ڪر تہ ڊاس ڪئپيٽل ۾ ڊارون جي حياتياتي نظريي جو اقتصادي پهلو ڏنو ويو آهي.‘ اينجلز اُنهيءَ جرمن ايڊيٽر کي اهڙي تيڪر ڏني ۽ هو ان باري ۾ ايترو مطمئن ٿي ويو، جو هن ڊاس ڪئپيٽل تي ڪيئي مضمون شايع ڪيا ۽ مارڪس جي نظريي کي پوريءَ جرمنيءَ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ پڙهندڙ مارڪس جي طبقاتي ڪشمڪش جي نظريي کي ڊارون جي ارتقا جي نظريي جو لازمي نتيجو سمجهڻ لڳا. ’اينڪائونٽر‘ ۾ ان موضوع تي مارڪس جا اينجلز ڏانهن لکيل خط بہ شايع ڪيا ويا ها جي پڙهي مان ڏاڍو کليو هوس. پر پوءِ مون کي معلوم ٿيو هو تہ ’اينڪائونٽر‘ جي اشاعت ۾ سي.آءِ.اي جو هٿ آهي ۽ ان ڪري انگريز شاعر Stephan Spender (اسٽيفن اسپينڊر) ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن اُن سان قطع تعلق ڪيو هو ۽ ان ڪري مون ڊارون ۽ مارڪس متعلق ان مضمون کي اهميت نہ ڏني هئي“.

هن چيو تہ ”مان پانيان ٿو تہ ’اينڪائونٽر‘ ۾ اهو مضمون حقيقت تي ٻڌل هيو.“ ان کان پوءِ اسان جي گفتگو نسل پرستيءَ جي موضوع ڏانهن ڦري وئي. مون هن کي هڪ حادثو ٻڌايو تہ ”مان ڪجهہ سال اڳ سڌو آمريڪا مان ڪتاب ۽ رسالا

چاڪاڻ ته مون تي زور رکيو ويو ته مان انهيءَ ڇوڪريءَ کي سمجهايان ته جنهن دؤر مان اسان گذري رهيا آهيون ان ۾ جنسي انارڪزم (Sex anarchism) آنهيءَ هر ڳالهه لاءِ مهلڪ آهي جا اسان جوڙي راس ڪئي آهي، ۽ ڇاڪاڻ جو انهيءَ ڇوڪريءَ ۽ انٽليڪچوئل سان منهنجي ڪافي واقفيت هئي، مون انهيءَ ڇوڪريءَ سان ملاقات ڪئي ۽ هن کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن جي اها روش پنهنجي تحريڪ لاءِ نقصانڪار آهي. ڇوڪريءَ مون کي نهايت اطمينان سان چيو، ”مان هن ڪان جدا ڇو ٿيان؟ مان هن جي زال آهيان. شاديءَ لاءِ نڪاح ضروري ته نه آهي. جڏهن هن پهرينءَ زال کي طلاق ڏني، ۽ وارڊ ڪميٽيءَ جي چيئرمئن ڪان اها طلاق بحال ڪرائي، تڏهن اسان نڪاح وجهنداسين.“ مان چپ ٿي ويس.

اهڙا ڪيئي واقعا گذريل ٻن ٽن سالن ۾ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ آيا آهن ۽ مون پنهنجي گرفتاريءَ کان اڳ واقعات جو تسلسل ٽوڙي، مٿيان ٽي واقعا اهو ڏيکارڻ لاءِ لکيا آهن ته سنڌ جو نئون نسل سنڌي معاشري جا قدر تيزيءَ سان بدلائي رهيو آهي.

۳ نومبر تي صبح جو مان، رشيد ۽ رباني حيدرآباد مان ڪراچيءَ لاءِ نڪتاسين. منهنجو ڊرائيور بچو به پنهنجي نالي سان آهي. هو اڳ آغا غلام‌نبي خان جو ڊرائيور هو، جو ڪنهن وقت سنڌ ۽ مغربي پاڪستان جو وزير هو ۽ ان ڪري بچو پاڻ کي سياست تي سند سمجهندو آهي. رستي تي هو پنهنجا معرڪا ٻڌائيندو رهيو ته ڪيئن راتو واهيءَ آغا غلام‌نبي خان کي سکر مان ڪراچيءَ نيو هيائين ۽ هن کي عين موقعي تي ون-يونٽ جي ٺهراءَ پيش ٿيڻ کان اڳ سنڌ اسيمبلي هال وٽ پهچايو هيائين. ”صاحب! مون وارو وزير مڙس ماڻهو هو، باقي گهڻو ڪري اسيمبليءَ جا ميمبر پاڙي لڌو هيا. فلاڻي وزير جي

باقي هن کان وڌيڪ دلچسپ ٻي ڪهڙي صحبت ملندي؟ آنهيءَ ڏانهن ٿي ٿا هلون.“

مون پيرزادي کي چيو ته ٽائيپ ٿيل درخواست ٻيهر ڏينهن ٿي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪٽي اچي، ۽ پوءِ اسان هن کان موڪلايو.

رستي تي مون رباني کي علي محمد شاه راشديءَ سان هڪ ملاقات جي باري ۾ ٻڌايو. ڪجهه سال ٿيا ته راشدي صاحب ۽ هن جو فرزند حسين شاه لاهور مان ڪار ۾ نڪتا ها ۽ ڪراچيءَ وڃي رهيا ها. سکر وٽ هنن جي ڪار خراب ٿي پئي هئي ۽ راشدي صاحب ڪار ڪارخاني ۾ ڇڏي سکر جي فوجدار وٽ اچي لٿو هو، جتان مون کي فون ڪري گهرايو هيائين. ڳالهيون ڪندي راشدي صاحب چيو هو، ”مان ته هرڪنهن کي چوندو وتندو آهيان ته مون کي هانگ ڪانگ مان سنڌ ۾ موٽائي تنهنجي شاعريءَ آندو هو. جي مان تنهنجا ڪتاب نه پڙهان ها ته سنڌ ۾ موٽي نه اچان ها. سمجهين ٿو، تون وڏي شيءِ آهين.“

مون چپن تي آڱر رکي راشدي صاحب کي چيو هو، ”راشدي صاحب! آهستي ڳالهايو، فوجدار صاحب نه ٻڌي وڃي. مون کي خبر نه هئي ته اوهان کي به اهو راز معلوم ٿي ويو آهي. مون ته سمجهيو هو ته انهيءَ راز جو پتو فقط مون کي ۽ ابراهيم جويي کي آهي.“

ان تي راشدي صاحب ٽهڪ ڏئي چيو هو، ”تون سمجهين ٿو ته مان توکي نه ٿو سمجهان. تو جا چٽنگ لڳائي آهي، آها پاڻ ئي پنيت ٿيندي. هاڻي تون شاعري ڇڏي به ڏيندين، تڏهن به ڪوئي فرق نه پوندو.“

۽ پوءِ مون سوچيو هو، ”ڇا، واقعي ائين آهي؟ ائين ته نه ٿيندو ته جيستائين آها چٽنگ دکي، مان جيئرو جلايو ويندس.

جيتوڻيڪ مان علي محمد شاهه راشديءَ جي سياسي نقطہ نظر سان متفق نہ آهيان، مان هن جي ذهانت ۽ علمي لياقت جو قائل آهيان. هو اُردو صحافت ۾ اوچتو آيو ۽ اُن تي ڇانئجي ويو. هن سنڌي قوم سان کهڙا ڀال ڀلايا آهن اهو پاڻ ڄاڻي، باقي جي هو چاهي تہ اڄا سنڌيءَ ٻوليءَ جا گهڻا پيري سگهندو آهي. هن جي ڪتاب ’آهي ڏينهن آهي شينهن‘ جو مهاڳ سنڌي ادب جو هڪ شهپارو آهي. مون کي گمان آهي تہ ان ڪتاب جو نالو ’يونريري آڪاس‘ جي هڪ سٽ، ’ڏينهن ٿيا ڪنهن شينهن اسان وٽ ناهہ ڪئي گجگوڙ‘ تان ورتو ويو آهي پر ممڪن آهي تہ ائين نہ هجي.

راشدي صاحب اسان کي پنهنجي بنگلي تي مليو ۽ اسان هن سان حال احوال ٿي ڏنو تہ مسز راشدي اچي وئي. راشدي صاحب اسان سان هن جو تعارف ڪرايو تہ معلوم ٿيو تہ هوءَ مون کي اڳ ئي سڃاڻندي هئي ۽ منهنجي غير حاضريءَ ۾ ٻهر اڌ منهنجي آفيس ۾ ترسي هئي. مسز راشدي بينگالي آهي ۽ هن کي انگريزي زبان تي ڪافي عبور آهي ۽ اسان سان انگريزيءَ ۾ گفتگو ٿي ڪيائين. مان ڀانيان ٿو تہ جنهن وقت هن جي علي محمد شاهہ سان شادي ٿي هئي تہ هوءَ پئرس ۾ پاڪستاني سفارت خاني ۾ ملازمہ هئي ۽ علي محمد شاهہ مرڪزي حڪومت ۾ وزير هيو. راشدي صاحب هن کي ٻڌايو تہ مون تي بغاوت جو ڪيس ٿيو آهي ۽ مان ضمانت جي لاءِ ڪراچيءَ آيو آهيان. جنهن تي هن افسوس جو اظهار ڪيو، پر راشدي صاحب ٻيءَ راهہ جو هيو ۽ هن مون ڏانهن ڏسي فرمايو، ”مان چاهيان ٿو تہ هن کي ٻوٽي ٻوٽي ڪيو وڃي، جيئن هن کي وڏيڪ پريشان ڪيو ويندو تيئن هن جي شاعريءَ ۾ وڌيڪ بغاوت ايندي جا ڪنهن ڏينهن هن کي زنده جاويد ڪري ڇڏيندي.“ ان تي مون راشدي صاحب کي چيو، ”مان پنهنجي صليب ڳهلي ڳهلي ٿڪجي پيو آهيان. هاڻي اها ڏاڏي ڳوري ٿي لڳي ۽ منهنجو ڪنڌ ڏکي رهيو آهي. چاهيان ٿو تہ اها امانت ٻي ڪنهن کي سپرد ڪيان.“

جي ڪتاب 'پوءِ ڇا ڪجي' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو ادبي بورڊ ڇپايو آهي. مان ڀانيان ٿو ته هن دوستوسڪيءَ جا ترجما به ڪيا ٿي، پر پوءِ گهڻيءَ مصروفيت سبب هن اهو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. هو نه فقط سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو سرگرم ڪارڪن آهي پر اردوءَ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ به چاتل سڃاتل آهي. هن جي زال شمس صديقي، جا منهنجي مرحوم دوست جمال صديقيءَ جي ڀيڻ آهي، خود به سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ چڱو لکندي آهي. هڪ ڀيري مون کي اردوءَ جي نقاد باقر رضويءَ چيو هو ته شمس جيتريءَ فصاحت سان لکنوي ۽ دهلوي عورتون به اردو ڳالهائي نه سگهنديون آهن. سرڪيءَ سان منهنجي جهوني واقفيت هئي ۽ سال ۱۹۴۷ع ۾ هن سان گڏ ميٺارام هاسٽل ۾ ساڳي ڪمري ۾ رهندو هوس. سرڪيءَ جي ڪمري ۾ سان ڪيئن اچي رهيس، ان ڪان اڳ نعيم صديقيءَ جو ذڪر ضروري آهي. مان ۱۹۴۷ ۾ جڏهن ايل.ايل.بي جي امتحان ۾ پاس ٿيس، نعيم صديقيءَ جي ڪمري روپ‌ولاس ۾ رهندو هيس. نعيم ان وقت ايم.بي.بي.ايس جي پوئين سال ۾ هو. هو منهنجو ننڍي هوندي جو دوست هو ۽ اسان ٻئي جڏهن شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندا هياسين تڏهن روز شام جو ملندا هياسين ۽ هڪٻئي کي پنهنجا لکيل نوان شعر ٻڌائيندا هياسين. اُن وقت اسان جو مرغوب مطالعو اردو ۽ فارسي شاعري هوندي هئي. مون کي نه فقط غالب جو پورو ديوان، عمر خيام جون سڀ رُباعيون، حافظ جا ڪيئي غزل، علامه اقبال جا بانگِ درا، بالِ جبريل ۽ پيامِ مشرق ياد هوندا ها پر ٻيا به هزارين شعر ياد هوندا ها. اسان اردو نثر جو به ڪافي مطالعو ڪيو هو ۽ انگريزيءَ ۾ شيلي، ڪيٽس، بائرن ۽ ٽئگور جي شاعري ۽ ٿامس هارڊيءَ ۽ ميري ڪاريليءَ جا ناول به پڙهندا هياسين. نعيم پنهنجو تخلص 'وجدي' رکيو هو— جڏهن منهنجي دوست لال‌محمد احمر هن جو مون سان تعارف ڪرائي چيو هو ته

”هن جو تخلص وجدي آهي“، تڏهن مون يڪدم چيو هو ته ”پٺ ته سعديءَ واري اٿس، شعر پڙهي ته پتو پوي.“ ان تي نعيم ڏاڍا ٺهڪ ڏنا ها ۽ اسان پهرينءَ ملاقات ۾ دوست ٿي ويا هياسين. نعيم ۽ مون تي آردو شاعريءَ جو ڏاڍو اثر هوندو هو ۽ اسان روز ڪوئي نئون غزل، قطع يا نظم لکندا هياسين. شام جو اسان لکيدر ڪان سنڌ واهه تائين ۽ ٿي ميل پنڌ ڪري ويندا هياسين جتي واهه جي پر تي ويهي هڪٻئي کي پنهنجي تازي تخليق ٻڌائيندا هياسين. ڪڏهن ڪڏهن اسان سان لال محمد احمر ۽ مرحوم احسان بدوي به ساڻ هوندا هيا. لال محمد هائي شڪارپور ۾ وڪالت ڪندو آهي ۽ احسان بدوي، جو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو هو، ڪجهه سال اڳ ڪار جي حادثي ۾ گذاري ويو. لال محمد آردوءَ جي ڪلاسيڪي رنگ ۾ غزل لکندو هو ۽ اردوءَ جا پراڻا آستاد انشا، مومن، ناسخ وغيره هن جا دلپسند شاعر هوندا ها. هو ڏاڍي ’پڪي‘ شاعري ڪندو هو ۽ شعر ۾ بندش کي سڀ کان زيادهه اهميت ڏيندو هو. اسان کي هن جي نالي لال ۽ تخلص احمر ۾ به ڪائي بندش نظر ايندي هئي. شڪارپور مان هن ’آفتاب‘ نالي سان رسالو شايع ڪيو هو جنهن ۾ منهنجو هڪ غزل به شايع ڪيو هيائين. هڪ ڀيري هن اسان کي پنهنجو هڪ غزل پڙهي ٻڌايو جو پوءِ ’آفتاب‘ ۾ شايع ڪيائين. غزل جو مطلع هو—

فلڪ تي برق ٿي ڏسجي ڪر پيچ و تاب ۾ نانگ
لڙن ٿا پاڻ ۾ شايد ته ڪي سحاب ۾ نانگ

غزل ۾ ’آفتاب ۾ نانگ‘ ’عتاب ۾ نانگ‘ ’ڪتاب ۾ نانگ‘ وغيرهه قافيا ۽ رديف هيا. ٻي ڏينهن تي نعيم لال محمد کي چيو ته ”مون تنهنجو تتبع ڪري هڪ غزل لکيو آهي. لال محمد کي ڏاڍي آترويلا ٿي ته هو اهو غزل ٻڌي. نعيم گهڻو لنوايو پر پوءِ سنگت جي زور ڪرڻ تي هن اهو غزل ٻڌايو. هن جو غزل ته مون کي ياد نه آهي پر آن جا قافيا ۽

جو من ڪڏهن اوپارو، ڪڏهن لهوارو، ڪڏهن ته ٻورڳو ٿيو هئي وچي ترو وٺي!

سو مان نعيم صديقيءَ جو وڌيڪ ذڪر مختصر طور تي ڪيان ٿو. جڏهن اسان ڪراچيءَ پڙهڻ وياسين، اسان مان هرهڪ شعر جا پورا ٻه ڪتاب لکي چُڪو هو. نعيم ايم-بي-بي-ايس پاس ڪري، انگلنڊ ويو جتي هن پنج ڇهه سال رهي ايف-آر-سي-ايس ڪئي ۽ ڪنهن اطالوي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پاڪستان موٽي آيو ۽ سرڪاري ملازمت ڪيائين. جڏهن هو قلات ۾ سول سرجن هو تڏهن هو پنهنجي زال سان گڏجي مون وٽ سکر آيو هو. هن ڪي شاعري ڇڏي ڪيئي سال ٿيا ها. مون فقط سه ماهي 'مهراڻ' ۾ هن جو هڪ غزل پڙهيو جو هن انگلنڊ ۾ لکيو هو ۽ جنهن جو هيٺيون مطلع مون کي اڃا تائين ياد آهي جنهن ۾ ساڳي نعيم جي خوشبو هئي جنهن سان گڏ مون ڪيئي سال شاعريءَ جي سوداءَ ۾ گذرايا هاـــ

زندگي پنهنجي خرابات ۾ گذري ويندي،
اجنبي نـــاله و نغمات ۾ گـذري ويندي.

سکر ۾ هن سان ملي، منهنجي من ۾ هن لاءِ ساڳي آڳير موٽي آئي هئي. مون هن جي چوڻ تي بيئر جون ڪيئي بوتلون گهرايون هيون ۽ اسان ڪافي وقت پيئندا رهيا هياسين ۽ هو مون کي پنهنجي جهان گرديءَ جا عجيب و غريب آزمودا ٻڌائيندو رهيو هيو. ائين ٿي لڳو ته هو مغربي يورپ جون پوريون نائيٽ ڪلبون، اوپيرائون، آرٽ گئلريون وغيره ڏسي چڪو هو. هن مون کي وڌيڪ ٻڌايو هو ته هن تي اڃا جهان گرديءَ جو شوق سوار هو ۽ هو بحرين وڃي رهيو هو جتي هن کي چڱيءَ نوڪريءَ جي آڇ ٿي هئي. مون هن کان پڇيو هو، "اڃا تائين شاعري ڪندو آهين؟" هن جواب ڏنو هو، "منهنجي زندگي مجسم شاعري آهي، فقط قافيه پيمائيءَ ۾ ڇا رکيو آهي!" مون

هن کان وري پڇيو هو، ”اڃا مسلم ليگي آهين؟“ هن ٺهڪ ڏئي چيو هو، ”توُن سمجهين ٿو ته ايتري آزمودي کان پوءِ به مون ۾ ڦيرو نه ايندو!“ ”توکي سنڌ جي چڪ نه ٿي ٿئي؟“ مون هن کان پڇيو هو. هن جواب ڏنو هو، ”مان هڪ جهان گرد انسان آهيان. خدا جي ڪائنات نهايت رنگين آهي. جي ويانا ۽ پئرس ۾ زندگي گذاري سگهجي ته سکر ۽ شڪارپور ۾ چڙي چيڪي مرڻ بيسود آهي.“ مون ٿڌو ساهه ڀري هن کي چيو هو، ”توُن چائين ٿو ته ڀٽائيءَ جي سنڌ ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي؟“ هن بيئر جو گلاس رکي، مون کي ڀاڪر پائي چيو هو، ”سنڌي ادب کي ڪوئي مستقبل به آهي ڇا جو توُن هيتري ساري ذهانت اجائي وڃائي رهيو آهين؟ توُن ڪراچي نه ڇڏين ها ته شايد ڏي ڪوئي وڪيل تو کان بهتر هجي ها ۽ توُن ايترو ڪمائين ها جو سال ۾ ٻه ٽي مهينا دنيا گهمندو وتين ها.“

مان ڪا دير هن کي خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس ۽ مون سوچيو ته ايم-اين-راءِ انگريزيءَ، جرمن ۽ هسپانوي زبان ۾ ڪيتري ڪتاب لکيا ها، هن کي يورپ ۾ پئسو به ڪافي هو پر پوءِ به هن کي مٽيءَ جي چڪ هندستان وٺي آئي هئي، جتي هن کي ڪجهه وقت کان پوءِ انگريز سرڪار ڇهه سال ٽيپ ڏني هئي. مان ته شاعر آهيان، منهنجي مادري زبان سنڌي آهي ۽ مان پنهنجي ذات کي اُن جي منطقي نتيجي تي فقط پنهنجيءَ مادري زبان ۾ پهچائي سگهندو آهيان. ڇا، هي اهو نه ٿو سمجهي سگهي ته مان ڪراچيءَ ۾ رهي پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو وڪيل ٿيان يا سپريم ڪورٽ جو جج ٿيان ته اهو مون لاءِ تيچ آهي: منهنجي امرتا ته منهنجي شاعريءَ ۾ آهي ۽ اها شاعري سنڌ جي مٽيءَ کان الڳ ٿي نه ٿي سگهي ۽ ڪراچيءَ جي رستن تي بوٽن مان ديس ديس جي مٽي ڦهلجي چڪي آهي!

گذريل آڪٽوبر جي آخر ۾ هو پنهنجي ماءُ جي وفات تي بحرين مان آيو هو ۽ مون کي نياپو موڪليو هيائين ته

جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ (Radical Democratic Party) سان وابسته هوا ۽ محمد ابراهيم جويي مون سان واقف ڪرايا ها (ابراهيم جويو منهنجي شخصيت جو حصو ٿي ويو آهي ۽ ان ڪري هن تي لکڻ واري واري سان پڻ ٿو وڃان. ٻن ٽن ڏينهن ۾ هن جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکندس).

خطيب پاڻ چاچي پماڻ هو ۽ موسيٰ لين ۾ پورٽ ورڪرس سان رهندو هو. پاڪستان کان اڳ پورٽ ورڪرس يونين جو سيڪريٽري نارائڻ داس بيچر هو. پاڪستان کان پوءِ پورٽ ورڪرس يونين خطيب واريءَ پاڪستان فيڊريشن آف ليبر ۾ شامل ٿي وئي. ان جي مقابلي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آل پاڪستان ٽريڊ يونين ڪانگريس هئي جنهن جو پريزيڊنٽ مرزا محمد ابرهيم هيو.

ڪراچيءَ ۾ ايم- اين- راءِ جي پارٽيءَ جو سيڪريٽري نگيندر وياس ۽ هن جي سانورڙي زال سشيلا ١٩٤٥ع ۾ منهنجا گهرا دوست هيا. سشيلا اڇوت هئي ۽ نگيندر وياس برهمن هو ۽ هن جو پيءُ سرمايدار هو. وياس سشيلا سان شادي ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ ماءُ، گهرگهاٽ سڀ کي خيرباد ڪيو هو. مان پڇانيان ٿو ته انهيءَ شاديءَ جو سبب پنهي ۾ پريم به هو ۽ هڪ انقلابيءَ جي اها به خواهش هئي ته هو پنهنجي انقلاب پسنديءَ جو پنهنجي زندگيءَ ۾ ثبوت ڏئي (پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هو بيسهاري رهجي ويا ها ۽ مولانا احتشام الحق ٿانويءَ جي هٿ تي مشرف به اسلام ٿيا ها. ان لاءِ نگيندر وياس مون کي اهو دليل ڏنو هو ته ايم- اين- راءِ جي ڪتاب ’اسلام جو تاريخي رول‘ (Historical Role of Islam) موجب اسلام دنيا جي ٻي هر مذهب کان وڌيڪ ترقي پسند هو، پر مون کي وياس جي ڪنهل قدم لاءِ اهو سبب دل کي نه آئڙيو هو ڇو ته وياس دهريو هيو. سال ڏيڍ کان پوءِ وياس ۽ سشيلا ٻئي هندستان هليا ويا ها.)

پوئين دؤر ۾ انگريز سرڪار جو ايجنٽ هيو. مان ايم.اين. راءِ سان ان وقت پوريءَ طرح متفق نه هوس ته مسلم ليگ ۽ ڪانگريس فسطائي جماعتون آهن ۽ ان ڪري ملڪ جي آزاديءَ کي تيستائين روڪيو وڃي جيستائين عوام ۾ ايترو سياسي شعور پيدا ٿئي، جو پنهنجن جمهوري حقن جي حفاظت ڪري سگهن. دراصل مون انگريز سامراج خلاف 'او باغي، او راج دروهي' جهڙا بغاوتي نظم ويهن ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ لکيا ها جي پروفيسر رام پنجواڻي سڄيءَ سنڌ ۾ گهڙي ٻي ڳائيندو وتيو هو ۽ هو چوندو هو ته هن سنڌ اسيمبليءَ لاءِ اليڪشن ۾ به جايون اهي نظم ڳائي کٽيون هيون. ان ڪري مون لاءِ ايم.اين.راءِ جي مٿي ذڪر ڪيل هدايت تي عمل ذرا مشڪل هو. ايم.اين.راءِ هڪ دوانديش مارڪسوادي هو، پر هن وقت به مان انهيءَ خيال جو آهيان ته جڏهن انسان تاريخ جي ڌارا کان اوچتو ڪٽجي وڃي ٿو تڏهن هو هڪ تلاءُ جي بيٺل پاڻيءَ وانگر سينوارجي وڃي ٿو. مون کي ايم.اين.راءِ جي مطالعي مان خاص طور اهو فائدو پهتو ته ١٩٤٦ع ۾ ئي مون کي اسٽالن جي آمريت ۽ اُن جي مهلڪ نتيجن جو علم ٿي ويو ۽ اسٽالن جي موت کان پوءِ، روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويهينءَ ڪانگريس ۾ خروشيف جيڪي انڪشاف ڪيا، اهي دنيا جي ٻين ترقي پسند اديبن وانگر، منهنجي ايمان کي لوڏي نه سگهيا. ٻه سال اڳ مون رجني پامردت جو هڪ ڪتاب 'دي انٽرنيشنل' (The International) پڙهيو هو جنهن ۾ هن چيو آهي ته اسٽالن تي اجا تاريخ کي فتويٰ ڏيڻي آهي، ۽ روس جي موجوده حڪومت جي فتويٰ جي باوجود، مان پامردت سان ڪنهن حد تائين متفق آهيان ۽ پائيان ٿو ته اها فتويٰ اڌوري آهي. مان آمريت کان نفرت ڪندو آهيان ۽ نه اسٽالنسٽ آهيان ۽ نه ٿي سگهان ٿو. نه وري مان ڪنهن به سياسي/انقلابي پارٽيءَ جو ميمبر آهيان، پر هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ منهنجو قومي ۽ بين الاقوامي سياست سان ايترو واسطو آهي ته مان انسان ذات جي تاريخ ۽ تقدير کان

جج هجي ها. هن وقت هو ڪراچيءَ جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان آهي ۽ مان بقول حافظ ـــــ

در ڪوئي نيڪنامي مارا گذر نه دادند
گر تو نمي پسندي تغيير ڪن قضا را*

خالد اسحاق، شيخ عبدالقادر ۽ مان ايل. بي ۾ ڪلاس فيلو هياسين. ۽ وڪالت ۾ به پائيوار هياسين. اسان جينوئيڪ وڪالت ۾ ڇهه پارنهن مهينا رهيا هياسين تڏهن به اسان کي ڪاروبار ڪافي هوندو هو ۽ پنهنجي هانوَ جي سوجهري تي اسان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪاميابيءَ سان ڪيس هلائي ويندا هياسين. خالد هڪ مذهبي انسان آهي ۽ اجا تائين هن کي اسلاميات ۾ بيحد دلچسپي آهي. هن جو فلسفي جو مطالعو به ڪافي وسيع آهي. آمريڪي فلسفيءَ وليم جيمس (William James) جي فلسفي سان هن منهنجي واقفيت ڪرائي هئي ۽ مارڪسزم ۽ ماديت جي فلسفي جي گهري مطالعي جي باوجود، مون تان وليم جيمس جي مطالعي جو اثر ميساريو نه آهي. جڏهن اسان گڏ وڪالت ڪندا هياسين، تڏهن خالد جي 'طلوعِ اسلام' جي مدير چوڌري پرويز سان ڪافي محبت هوندي هئي، جو مان پانيان ته اُن وقت مرڪزي حڪومت ۾ اطلاعات جي محڪمي جو سيڪريٽري هو. سول اسپتال ڪان ڪجهه مفاصلي تي ڊاڪٽر حميد هوميوپاٿ جو دواخانو هوندو هو، جتي فرصت جي وقت چوڌري صاحب اچي ويهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن خالد مون کي هن وٽ وٺي ويندو هو. چوڌري صاحب نه فقط علامه اقبال جو وڏو معتقد هو پر هوميوپٿيءَ جو مداح به هو جو نه هوميوپٿيءَ موجب انسان جو هر مرض هن جي خوديءَ

* چڱمڙسيءَ جي گهٽيءَ مان منهنجو لنگهه نه آهي، جي تو کي اها ڳالهه نه ٿي وڻي ته منهنجي لکئي کي ڦيراءِ.

(ترجمو)

(Elan Vital) جي ڪنهن ڪمزوريءَ ڪري ٿئي ٿو ۽ هوميو پٿيءَ جون دوائون هن جي پوريءَ خوديءَ کي صحت ياب ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ جو علامہ اقبال خود برگسان جي تصوّرِ خودي (Elan Vital) جي نظريي کان متاثر هو، چوڌري صاحب چوندو هو ته هوميوپٿيءَ جو طبي فلسفو صحيح آهي ۽ عين اسلامي آهي. مان پنهنجي اندازي مان سمجهان ٿو ته هو اهل قرآن آهي ۽ علامہ اقبال جي هيٺ ڏنل نظريي کان متاثر آهي—

واعظِ دستان زن و افسانہ بند
معنیء او پست و حرفِ او بلند
از تلاوت برتو حق دارد کتاب
تو ازو کامے کہ می خواهي بہ ياب

آن دؤر ۾ مون به ڪجهه اسلامي فلسفي جو مطالعو ڪيو هو ۽ نه فقط ابي سينا، ابن العربي، ابن رُشد وغيره تي ڪتاب پڙهيا ها پر اسلام جي تاريخ ۽ مسلمانن جي نظرياتي تحريڪن جو به مطالعو ڪيو هو. مجدد الف ثانيءَ، شاه ولي الله، سيّد احمد بريلوي، شاه اسماعيل شهيد، جمال الدين افغاني، ڪمال اتاترڪ، عبيدالله سنڌي، مولانا شبلي، مولانا حالي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا حسين احمد مدني ۽ راءِ بريليءَ کان بانس بريليءَ جي جهيڙي تائين، مون هر موضوع تي ڪتاب پڙهيا ها ۽ ان مان نه فقط منهنجي معلومات ۾ اضافو ٿيو هو، پر ان مان جي مون نتيجا ڪڍيا ها، اُنهن منهنجي زندگيءَ جي نظريي ۾ اڳي کان وڌيڪ پختگي آندي هئي.

مون هڪ ڀيري اوچتو ارادو ڪيو ته مان ڪراچي ڇڏي اندر سنڌ ۾ رهندس ۽ ڪراچي ڇڏڻ کان چوويهه ڪلاڪ اڳ مون اهڙو اطلاع خالد کي ڏنو هو. دراصل اها ڪشمڪش منهنجي دل ۾ ڪيتري ئي وقت کان هلندڙ هئي ته جي مون کي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻي آهي ته مون کي ڪراچي ڇڏڻي

پوندي، پر مان پنڊتر ۾ هوندو هيس ڇو ته ڪراچيءَ ۾ پيسو ميڙهڻ وانگر ايندو هو ۽ اندر سنڌ ۾ مون کي روزگار جي گنجائش گهٽ نظر ايندي هئي. خالد کي منهنجي اهڙي اٽل ارادي تي حيرت آئي هئي ۽ چيو هيائين ته "تون هفتي ۾ موٽي ايندين." اڄ مون کي سکر ۾ رهندي ذري گهٽ ويهه سال ٿي ويا آهن.

ڪراچي بار جي ڪمشنين ۾ مون ارادو * ڪيو ته شام جو طفيل علي عبدالرحمان جي آفيس تي وڃي هن کي چوندس ته ضامن جي درخواست داخل ڪري.

دراصل سڀني دوستن جو اهو رايو هو ته بروهي صاحب جي عدم موجودگيءَ ۾، طفيل صاحب کي ئي وڪيل ڪجي، پر ٿوري طفيل صاحب منهنجي پياري دوست مرحوم جمال صديقيءَ جو گهرو دوست رهيو هو ۽ منهنجا به هن سان ذاتي تعلقات هيا، مون ائين ڪرڻ کان لنوايو ٿي ڇوته مون هن کي اڳ به تڪليف ڏني هئي ۽ هن حيدرآباد مان منهنجي شهر نيڪاليءَ خلاف هاءِ ڪورٽ کان اسٽي آرڊر (Stay order) ورتو هو ۽ مون کان في نه ورتي هئي.

ڪمشنين کان ٻاهر نڪتاسين ته حفيظ قريشي مون کي ڀاڪر پائي مليو ۽ چيائين، "ضامن جي درخواست داخل ڪئي؟" مون کي اهو ٻڌي حيرت لڳي ۽ مون هن کان پڇيو، "اوهان کي ڪيئن خبر پئي ته مون تي ڪيس ٿيو آهي؟"

هن جواب ڏنو، "بادشاهه! اها خبر سڄيءَ سنڌ ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي آهي. ٣ نومبر تي ڪل سنڌ شاگرد فيڊريشن جي ڪنوينشن تي مون پورو اڌ ڪلاڪ تنهنجي شاعريءَ تي ڳالهايو ۽ آتي سڀني کي انهيءَ ڪيس جي باري ۾ ٻڌايو."

---

* طفيل صاحب پڇتي صاحب جي دؤر ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هو ۽ پوءِ سنڌ جو گورنر هو جنهن وقت گذاري ويو.

مون هن کان پڇيو ته ”ڪنوينشن ڪيئن هئي؟“ چيائين، ”عالي شان“.

پوءِ مون سمجهيو ته حفيظ صاحب کي اها خبر رسول بخش پليجي ڏني هوندي.

حفيظ قريشي هڪ نهايت صاف گو ۽ مخلص انسان آهي: هو ڪيترو ئي وقت خاڪسار تحريڪ ۾ هو پر هاڻي هو سنڌ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ آهي. سر سيّد احمد خان چوندو هو ته ”وہابی تین قسم کے ہوتے ہیں— وہابی، وہابی کریلا اور وہابی کریلا اور نیم چڑھا.“ جي سنڌي قوم پرست به ائين ٽن درجن ۾ ورهايا وڃن ته حفيظ صاحب ٽئين درجي ۾ ايندو.

حفيظ صاحب جو حالات جو تجزيو بلڪل منفرد هوندو آهي ۽ هو پي ڪنهن جي قول کي پنهنجي گفتگوءَ ۾ ورلي ڪم آڻيندو آهي ۽ اهو به فقط رنگ روغن لاءِ. هڪ دفعي مان، حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو ڪار ۾ غالباً بدين وڃي رهيا هياسين. پليجي ڪارل مارڪس جو حوالو ڏئي چيو ته ”آئرلينڊ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ جيتوڻيڪ اشتراڪي نه هئا، پوءِ به اهي ڪنهن به انگريز اشتراڪيءَ کان بهتر هئا ڇو ته هو جيڪو سياسي ڪردار ادا ڪري رهيا هئا اهو مارڪسوادي هو ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ اهي قوتون پيدا ڪندي آهي جي اڳتي هلي طبقاتي جدوجهد جي رهبري ڪنديون آهن.“ حفيظ صاحب ڪافي وقت هن کي صبر سان ٻڌي چيو، ”پليجا صاحب! هڪڙي ڳالهه ته ٻڌايو. جي مارڪس ائين ٿو چئي ها ته اوهان ڪنهن به قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اعتبار نه ڪيو ها ڇا؟“

حفيظ صاحب جڏهن تيار ٿي پليٽ فارم تي ايندو آهي، تڏهن ٻڌندڙ هن جي ذهانت ڏسي حيران ٿي ويندا آهن. ڪڏهن

ڪڏهن هو منهنجيءَ شاعريءَ کان اهو سياسي ڪم وٺندو آهي، جو مان خود حيران ٿي ويندو آهيان. هن کي سنڌي بول چال، لنڱي ڪپڙي، ڪاڏي پيتي ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ سان بيحد محبت آهي ۽ هن کي جنهن شيءِ مان به سنڌ جي سڳنڌ ايندي آهي، هو ان تي گهوريو ويندو آهي. سنڌي پير هو اهڙي مزي سان ڪائيندو آهي جو ڄڻ آهي به قومي تحريڪ جو حصو آهن. هو حيدرآباد جو هڪ ڪامياب وڪيل آهي پر مون هن ۾ متئين وچولي طبقي جي چندڦوڪ، نٽ نانگر ڪڏهن به نه ڏٺو آهي. سادي لٺي جي شلوار ۽ ململ جي چولي ۾ هو هزارها ماڻهن جي ميڙ کي پنهنجي آواز جي آتار چڙهاوَ، ٻوليءَ جي ساءَ سواد ۽ ذهانت جي چمڪ دمڪ سان موهي ڇڏيندو آهي ۽ ڪيترائي هن کي ڏسي مولانا محمد علي، ابوالڪلام آزاد ۽ عطا الله شاه بخاريءَ جهڙا مقرّر ياد ڪندا آهن.

حفيظ صاحب ٿوري دير ويٺو. هو تڪڙ ۾ هو، سو پڇيائين، ”قيام ڪٿي آهي؟“ مون هن کي هوٽل جو پتو ٻڌايو ته چيائين ته ”شام جو ڳڏباسين.“

اسان هاءِ ڪورٽ بلڊنگ مان نڪتاسين ته ديوان پرمانند مليو. ديوان منهنجو شڪارپور هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڪلاس فيلو هيو ۽ اڄڪلهه ڪوئٽا ۾ وڪالت ڪندو آهي. هو ڪنهن اصيل جي موت بعد، هن جي ملڪيت تي پيل ٽئڪس گهٽ ڪرائڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو. مون هن کي هوٽل جو پتو ۽ فون نمبر ڏئي ڇڏيو ته هو مون سان اُتي ملي.

اسان اُتان ’ٿامس اينڊ ٿامس‘ بڪ اسٽال تي وياسين جتان مون ويهارو ڪتاب خريد ڪيا جن مان مون Andre Gides’ Journals، هڪ انگريزي ناول Snakes and Ladders جنهن جا اڪثر ڪردار پاڪستان بيورو ڪريسيءَ مان هيا، ۽ مٿي ذڪر ڪيل سارا برنارڊ جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب پاڻ وٽ

پڙهڻ لاءِ رکيا، ۽ باقي ڪتابن لاءِ ڪتاب گهر جي مالڪ کي چيم ته منهنجي ائڊريس تي سکر موڪلي ڏي. پوءِ اسان هوٽل ۾ ماني کاڌي، ايم-ايم پيرزادي جي آفس تي آياسين. هن جي آفس هيٺان ڪنهن ڪباڙيءَ اڏوراڻا ڪتاب ٿي وڪيا. رشيد ڀٽي، جو نه فقط اڏوراڻا ڪوٽ وٺندو آهي پر اڏوراڻا ڪتاب به پريون ڀڏي خريد ڪندو آهي، ڪباڙيءَ وٽان ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ ويهي رهيو. مان هونءَ ته اڏوراڻي ڪتاب ۽ وڏوا جي ويجهو نه ويندو آهيان پر ڀٽيءَ جي ڪُسنگ ۾ به اڏوراڻا ڪتاب خريد ڪيم. هڪڙو سٽئٽرزلئنڊ جي باري ۾ هو جنهن ۾ هڪ باب ۾ ڏيکاريو ويو هو ته اُتي ٻوليءَ جا ڪهڙا مسئلا آهن ۽ اُتان جون مکيه * لساني قوميتون ڪروٽ (Croat) ۽ سرب (Serb) * اهي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿيون آهن. ٻوليءَ جو مسئلو گذريل اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي لاءِ برصغير جو هڪ اهم مسئلو رهيو آهي. جڏهن بنارس يونيورسٽيءَ ۾ هندي رائج ڪئي وئي هئي ته سرسيد، رد عمل طور، عليگڙه ڪاليج جو بنياد رکيو هو. عليگڙه ۾ پڙهيل هڪ خطبي ۾ سيد سليمان ندويءَ (غالباً ١٩١٧ع ۾) چيو هو ته اسان مسلمان هندن سان ٻوليءَ جي مسئلي تي ايترو دور وڃي پونداسين، جو وري نه ملنداسين، ۽ ٿيو به ائين. چاڪاڻ جو سنڌين لاءِ به اڄڪلهه ٻوليءَ جو مسئلو هڪ نهايت اهميت وارو مسئلو آهي، مون اهو سٽئٽرزلئنڊ تي ڪتاب خريد ڪيو. ٻيو ڪتاب هو 'سازشي' (Conspirators)، جو پهرينءَ نظر ۾ مون کي نهايت

* ڪروٽ (Croat) اصل يوگوسلاويا جي ضلعي ڪروٽيا جا رهندڙ آهن.

* سرب (Serb) اڳين بالڪن (Balkan) حڪومت سربيا (Serbia) جا رهندڙ هئا، جا ١٩١٩ع کان پوءِ يوگوسلاويا جو حصو آهي.

دلچسپ لڳو هو. ان ۾ پرولتاري حڪومت خلاف روس جي اندر ۽ روس کان ٻاهر زارپرست روسين جي ڪيل سازشن جو تفصيلي احوال ڏنل هو.

پيرزادي جي آفس مان پيرزادي سان گڏجي، اسان طفيل صاحب وٽ آياسين. جنهن ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ هو ويٺل هو اُن ۾ يو-ڊي-ڪلون جي ايتري ته خوشبو هئي جو دم پئي منجهيو. هن اسان واري ٽائيپ ڪرايل درخواست ۾ هڪ اڌ ٽائيپ جي غلطي درست ڪئي ۽ پيرزادي کي چيائين، ”سپاٽي درخواست داخل ڪري تاريخ ونجانء ۽ درخواست جو نقل مون کي ڏياري موڪلجانء.“ طفيل صاحب گهٽ ڳالهائو ۽ ڏاڍو سمجهو وڪيل آهي. هن وٽان اُٿي اسان مٿئين ڏسڻ لاء ٻئمبينو سئنيما آياسين جتي Peter O' Toole جي فلم Night of the Generals هلي رهي هئي. پيٽر او ٽُول جي اداڪاري مون کي ڏاڍي وڻندي آهي. هن جي فلم لارينس آف عربيا (Lawrence of Arabia) ۾ آها سين، جنهن ۾ لارينس، زندگيء جي علامت طور، ماچيس جي تيلي ٻاري اُن کي ڦوڪ سان وسايو هو، مون کان اڃا تائين نه وسري آهي. اُن ۾ هڪ ٻي به ناقابلِ فراموش سين هئي. جنهن وقت لارينس جو عرب نوڪر واريء جي گرڻ گهرڪائي رهي هئي، اُن وقت هن جي چهري تي پنهنجيء اندرينء ڪيفيت جو اهڙو ته اظهار هيو، جو آها ڪيفيت مون کي اڃا تائين ياد آهي. سئنيما مان نڪتاسين ته مولانا عبدالواحد سنڌي مليو، جو مولانا گهٽ ۽ سنڌي وڌيڪ آهي. هو ڪيئي سال سرڪاري رسالي ’نئين زندگي‘ جو ايڊيٽر رهيو آهي ۽ سنڌي ادب سان ڏاڍا پيار پلايا اٿائين. ڪنهن وقت هن جي سنڌي ادب ۾ ايتري دلچسپي ڏسي، تعجب ايندو آهي، ڇو ته هو ڪيئي سال ڊاڪٽر ذاڪر حسين سان جامع مليّ دهليء ۾ رهيو آهي جتي درس و تدريس جي زبان اُردو هئي. هن منهنجي شاعريء تي رشيد ڀٽيء جو مضمون ’جوڳيء تي جڙاءُ، نسورو ٺڪي

لهس هن کي به نه اچي وڃي!“ رستي تي مان سوچيندو آيس ته منهنجن ڪيڏن گهڻگهرن منهنجي ڪري ٽڪليفون سٺيون آهن!

هوٽل تان مون پيرزادي کي فون ڪيو ته ”اسان جي رات جي ماني راشدي صاحب وٽ آهي ۽ ان ڪري صبح جو هاءِ ڪورٽ ۾ ملنداسين.“ ان تي پيرزادي چيو، ”حفيظ قريشي صاحب تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. اُنهيءَ سان ڳالهاءِ.“ مون کي حفيظ صاحب فون تي چيو ته ”رات جي ماني گڏ ڪائجي جنهن تي مون هن کي ٻڌايو ته منهنجي ماني ته راشدي صاحب وٽ آهي.“ ان تي هو چپ ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين، ”چڱو، مان اُتي ٿو اچان“.

شام جو مان ۽ پٽني راشدي صاحب جي گهر وياسين. راشدي صاحب ڪيڏانهن ٻاهر ويو هو؛ مسز راشديءَ اسان جي آجيان ڪئي. اُتي هڪ مهاجر به ويٺو هو جنهن جو نالو مون کي ياد نه آهي. ڳالهين ڪندي مسز راشديءَ مون کان پڇيو، ”اوهان جو شعر ڪنهن مغربي زبان ۾ به ترجمو ٿيو آهي؟“ مون هن کي ٻڌايو ته منهنجي پنجابي دوست مونس منهنجا ڪجهه ترجما انگريزيءَ ۾ ڪيا ها جي راولپنڊيءَ مان نڪرندڙ Orient رسالي ۾ شايع ٿيا ها ۽ ڪافي پسند ڪيا ويا ها. اُن کان پوءِ جي.الانا صاحب پاڪستاني شاعريءَ جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا ها، جي Persenting Pakistani Poetry جي نالي سان رائيٽرس گلڊ شايع ڪيا ها، جنهن ۾ منهنجن ٻن نظمن جو ترجمو شامل هو. منهنجا ڪجهه نظم جرمن زبان ۾ اولهه جرمنيءَ جي ڪجهه رسالن ۾ ڇپيا ها ۽ مون کي فرئنڪ-فرٽ مان هڪ جرمن شاعره خط لکيو هو ته اهي نظم اولهه جرمنيءَ جي ادبي حلقن ۾ ڪافي پسند ڪيا ويا ها. اطالوي زبان ۾ به منهنجا ڪجهه ترجما ڇپيا آهن. حيدرآباد جي سنڌي اديب پريتوان شري تيرٿ داس ڪجهه يوناني شاعرن سان

ان سلسلي ۾ خط و ڪتابت ڪئي هئي پر معلوم نہ آهي تہ يوناني ٻوليءَ ۾ منهنجي ڪنهن نظم جو ترجمو ٿيو يا نہ. هڪ دفعي پاڪ-سويت ڪلچرل ائسوسيئيشن ڪراچيءَ ۾ روسي انقلاب جا پنجاهہ سال ملهائي رهي هئي، مون اُتي هڪ انقلابي نظم پڙهيو هو. اُتي روسي اخبار پراودا جو نمائندو ويٺو هو، جنهن ڪي نظم جي ترنم ۽ ٻڌندڙن جي ردعمل ايترو تہ متاثر ڪيو هو جو هن مون کان اهو نظم سنڌيءَ ۾ اُن جي انگريزيءَ ۾ ترجمي سان گڏ لکائي ورتو هو. مون کي پوءِ ڪنهن ٻڌايو هو تہ اُن نظم جو روسي ترجمو 'پراودا' ۾ شايع ٿيو هو."

مسز راشديءَ ان تي مون کان پڇيو، "پاڪستاني زبانن ۾ اوهان جو ڪجهہ ترجمو ٿيو آهي؟"

مون هن کي ٻڌايو تہ ڪيترو وقت اڳ مون خود اردوءَ ۾ پنهنجن ڪيترن ئي نظمن جو منظوم ترجمو ڪيو هو، جو 'بوئے گل نالهٔ دل' جي نالي سان ڇپيو هو. ان کان پوءِ بہ مون پنهنجيءَ شاعريءَ ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا اُردوءَ ۾ منظوم ترجما ڪيا ها جي پاڪستان جي اردو رسالن ۾ ڇپيا ها، ۽ اُنهن تي ڪراچي رائيٽرس گلڊ مون کي 'هم قلم' اوارڊ ڏنو هو. ساڳي وقت گلڊ ٻيو اوارڊ اُردو جي مشهور شاعر ۽ اُردوءَ ۾ غير مقفا شاعريءَ جي بانيءَ ن.م.راشد کي ڏنو هو. اهو اوارڊ ڪراچي رائيٽرس گلڊ سال جي ٻن بهترين شاعرن کي ڏيندي آهي. مون سٺن اٺن سالن کان اردوءَ ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو آهي ڇو تہ مون محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي مادري زبان کي منهنجي وڏيڪ ضرورت آهي ۽ فقط ان ۾ ئي مان پنهنجي ذات کي منتطقي نتيجي تي پهچائي ٿو سگهان. پر هاڻي مون سوچيو آهي تہ پنهنجي وڏيڪ ڪلام جو پاڻ اُردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيان. اُردوءَ جي ڪجهہ اديبن منهنجا ڪجهہ ترجما ڪري ڇپيا آهن پر مان انهن سان مطمئن نہ آهيان. معلوم نہ آهي تہ منهنجي ڪنهن نظم جو بنگاليءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي يا نہ! هڪ

پيري ڪوي جسيم الدين ۽ ڪوي غلام مصطفيٰ منهنجي پرسان ڪراچيءَ جي سينٽرل هوٽل ۾ ترسيل ها ۽ مون اُنهن کي پنهنجا ڪجهه نظم انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌايا ها جن کان هو ڏاڍو متاثر ٿيا ها پوءِ هنن مون کان ڪجهه نظمن جو ترجمو انگريزيءَ ۾ لکائي ورتو هو ۽ چيو هيائون ته هو اهي نظم بنگلا ڀاشا ۾ ترجمو ڪري ڇپائيندا.“

ان تي مسز راشديءَ پڇيو، ”توکي اهي ٻئي بنگالي شاعر ڪيئن لڳا ها؟“

مون جواب ڏنو ته ”ڪوي جسيم الدين جو نالو ته وڏو آهي پر مون کي هو هڪ معمولي سنڌي سگهڙ وانگر لڳندو آهي. باقي ڪوي غلام مصطفيٰ جهڙا ڏڪ بند ته سنڌيءَ ۾ هزارين آهن. هڪ پيري هو سکر آيو هو ۽ پنهنجو بنگالي نظم پڙهي ٻڌائڻ کان اڳ ۾ ٻڌايو هئائين ته اهو فعولن فعولن جي وزن تي لکيل آهي ۽ مثال طور هن

کريما بہ بخشائے بر حالِ ما
کہ ہستیم اسیرِ کمندِ ہوا

واري دعا وڏي استغراق سان پڙهي چيو هو ’ڪريما/ فعولن، بہ بخشا/ فعولن، ئے برحا/ فعولن، لِ ما[ فعو: اهڙي تقطيع مون کي انگريزيءَ جي ٻهرين درجي ۾ مون کي منهنجي اُستاد کيئلداس فانيءَ سيکاري هئي جڏهن منهنجي عمر ڏهه سال هئي.“

ان تي مسز راشديءَ چيو ”تون مون کي پنهنجو شعر انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏي ته مان اُن تان بنگاليءَ ۾ ترجمو ڪيان.“

ايتري ۾ هڪ نواب صاحب اچي نڪتو، جنهن کي سنڌ ۾ ڪافي زمين ڪليم ۾ ملي آهي. هو تراش خراش، ڪڙائي ٽڙائيءَ وارو ڪرڙوڙ هيو ۽ هن جي لڇيدار ٻوليءَ ۾ هند مسلم نوابيءَ جا ڪجهه آثار ملي رهيا ها. هن پنهنجو تعارف پئي ڪرايو ته ”مان خود ڪاشتڪار آهيان ۽ سنڌ ۾ مون کي ڪجهه زمين

مون تائيوان جي منتخب چيني شاعريءَ تي به هڪ ڪتاب پڙهيو هو جو مون کي آمريڪي سفارت خاني جي ڪلچرل اتاشيءَ موڪليو هو پر ان ڪتاب مان مون کي ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ آئي هئي.“ ان تي مسز راشديءَ چيو ته چين جي انقلابي شاعري نهايت جاندار آهي ۽ مثال طور هن ڪنهن چيني شاعر جو نالو ورتو جو مون کي هينئر ياد نه آهي. هن وقت جا چيني شاعر Chinese Literature رسالي ۾ اچي رهيا آهن آن مون کي متاثر نه ڪيو آهي پر چين به شايد انهيءَ ادبي بحران مان گذري رهيو آهي، جنهن مان روسي ادب اسٽالن جي دؤر ۾ گذريو هو. مون مسز راشديءَ کي روس ۾ جديد ادب، خاص ڪري اليااهرنبرگ جي ناول Thaw، ڊوڊنٽسوف جي ناول Not by Bread Alone، سولزي نتسن جي ناول One Day in Siberia ۽ پيسترنڪ، يووتوشينڪو، آندري ووزنيسينسڪي جي باري ۾ پنهنجا تاثر ٻڌايا. يووتوشينڪو (Yevgeny Yevtushenko) ۽ آندري ووزنسينسڪي (Andrei Voznesensky) هن وقت روس ۾ چوٽيءَ جا شاعر آهن. مون مسز راشديءَ کي يووتوشينڪو جي آتم ڪهاڻيءَ مان هيٺيون گفتگو ٻڌايو جو هن کي ڏاڍو وڻيو:-

”ڪامريڊ! انقلاب مري چڪو آهي“

”نه، انقلاب مئو نه آهي، بيمار آهي ۽ مان پنهنجي شاعري اڊمبيولنس ڪري ڪم آڻي رهيو آهيان.“

مون هن کي ووزنيسينسڪيءَ جي هڪ نظم My Achilles Heart مان هيٺيون بند به ٻڌايو جو مشهور شاعر آڊن (Auden) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي:-

* Our destruction is unthinkable,
More unthinkable what we endure,

---

* اسان جي تباهي سوچ ۾ به نه ٿي اچي سگهي،
ان کان وڌيڪ سوچ ۾ نه ايندڙ اهو آهي جو اسان سهي رهيا آهيون،
ان کان اڃا به وڌيڪ سوچ ۾ نه ايندڙ اهو آهي ته ڪوئي بندوقچي
ڪنهن لرزندڙ ڏاکي کي ڪٽي سگهي.

تي مقدمو هلايو. گهٽ ۾ گهٽ مون کي بچاءَ جو پورو موقعو ته ڏيو. پوءِ پلي فيصلو ڪيو ته مون جو ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو تاريخي طور لازمي هيو يا نه.“

”فتوي اڳيئي ملي چڪي آهي، رڳو سزا ڏيڻي آهي“، حفيظ صاحب چيو ۽ پوءِ پورو ڪلاڪ سنڌ جي موجوده ۽ گذشته دؤر تي تقرير ڪيائين.

پهرين ته راشدي صاحب گهٻرائجي ويو ۽ شايد سختيءَ سان جواب ڏيڻ تي چاهيائين. پوءِ ڪجهه مهمان نوازيءَ جي لوازمات کي مدنظر رکي ۽ ڪجهه حفيظ صاحب جي سياسي تجزيي جي منفرد انداز ۽ هن جي طنز ۽ مزاح کان متاثر ٿي، هن ڪوئي جواب نه ڏنو. حفيظ صاحب نئين اسرائيل جو ذڪر ڪيو ته راشدي صاحب ڏاڍا ٺهڪ ڏنا ۽ ماحول جي سنگينيءَ رنگينيءَ ۾ بدلجي وئي. پنهنجي تقرير پوري ڪري حفيظ صاحب منهنجا ڪجهه شعر پڙهيا جنهن تي راشدي صاحب مون کي پنهنجي آواز ۾ ڪوئي شعر پڙهڻ جي فرمايش ڪئي. مون هن کي پنهنجو اڻ ڇپيل نظم ”تون هونءَ به مرندين ڪاڇي ۾— اڄ ناهر وانگر چال ڏئي— تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾“ پڙهي ٻڌايو، جنهن مان هن کي اهي سٽون ”هر گوليءَ کي ڪا ٻولي آ— جا هرڪو چاڻو چاڻي ٿو“ ڏاڍيون وڻيون. اٽڪل رات جي ٻارهين بجي اسان راشدي صاحب کان موڪلايو ۽ حفيظ صاحب کي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي، هوٽل تي موٽي آياسين. هوٽل ۾ پهچي مون کي چيو، ”حفيظ صاحب ته ڪو ڏاڍو زوراور آهي“. مون هن کي چيو، ”پڪ، مان راشدي صاحب جو احسان مند آهيان. مون کي هن جي نيت جو علم نه آهي پر منهنجي شاعري ڪنهن حد تائين هن جي سياسي اعمال جو منطقي نتيجو آهي. جي پير علي محمد شاه راشدي سنڌ ۾ نه هجي ها، ته منهنجي شاعري اتي نه پهچي ها جتي هاڻي آهي“

٥ نومبر تي پيرزادي هاءِ ڪورٽ ۾ ضامن جي درخواست داخل ڪئي جا ٦ تاريخ تي شنوائيءَ لاءِ رکي وئي. اسان ضامن جي درخواست جو نقل طفيل صاحب کي پهچايو ۽ هن کي Twenty Years of Pakistan (پاڪستان جا ويهه سال) ڪتاب به ڏنو جو مرڪزي حڪومت ڇپايو آهي ۽ جنهن تي اطلاعات جي مرڪزي سيڪريٽري الطاف گوهر جو پيش لفظ آهي. ان ڪتاب ۾ پاڪستان جي سنڌي ادب تي ڪجهه صفحا لکيا ويا آهن جنهن ۾ منهنجي ادبي حيثيت جو خاص طور ذڪر آهي ۽ منهنجي ضبط ٿيل ڪتاب 'پونر پيري آڪاس' جي ساراهه ڪئي وئي آهي. اهو ضروري هو ته طفيل صاحب منهنجي خلاف آندل الزامن جي ترديد لاءِ اهو ڪتاب ڪورٽ ۾ پيش ڪري، باقي مون کي ادب ۾ پنهنجي حيثيت تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪنهن مرڪزي سيڪريٽريءَ جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت نه هئي. مون چاتو ٿي ته ڪاليداس هجي يا ٽئگور يا ڪوئي ٻيو، ڪنهن به شاعر برصغير جي تاريخ ۾ اهو ڪردار ادا نه ڪيو آهي جو مون ڪيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته في الحال منهنجي اهميت ايتري ٿيندي جيتري منهنجي صوبي ۽ منهنجي ٻوليءَ جي آهي.

اسان ٻـوءِ هوٽـل تـي موٽـي آيـاسين. رات ٽائين مون Conspirators جا ڏيڍ سو صفحا پڙهيا.

٦ نومبر تي ائڊووڪيٽ جنرل هاءِ ڪورٽ کان وقت گهريو ۽ ضامن جي درخواست ٨ نومبر تي رکي وئي. مون ائڊووڪيٽ جنرل ڏانهن ڏسي سوچيو ته هي انسان جو فاني آهي، ان کي شاعر جي وقت جو ڪهڙو قدر، جنهن جو وجود صدين جي بقا جي ضمانت آهي.

هـاءِ ڪورٽ ۾ شيخ ميرمحمد مليو جـو منهنجو مـائٽ آهـي ۽ ڪراچـيءَ ۾ وڪالت ڪندو آهـي، ڪجهه وقت اُن سان شيزان هوٽل ۾ گذاريوسين. هو سمجهي نه ٿي سگهيو ته آخر

مون تي گورنمينٽ اهڙو سنگين ڪيس ڇو ڪيو آهي! مون هن کي ساريون حالتون ٻڌايون جنهن تي هن کي افسوس ٿيو ۽ چيائين، ”مان ڪراچيءَ ۾ مصروف رهان ٿو ۽ ان ڪري مون کي معلوم نه آهي ته سنڌ ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي.“ ان تي مون سوچيو ته ترڪيءَ ۾ گهڻا وڪيل ها جن کي اها ڄاڻ هئي ته ناظم حڪمت کي نو سال جيل ۾ ڇو رکيو ويو آهي؟

اسان شيخ ميرمحمد کان موڪلائي ديوان پرمانند کي موناليزا هوٽل تي فون ڪيو پر هو موجود ڪونه هو. مون پوءِ فيض صاحب کي ڪڏي ڪاليج تي فون ڪيو، معلوم ٿيو ته هو ڪنهن مشاعري جي سلسلي ۾ ٻاهر ويل هو. ان وقت مون چاهيو ته پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سيڪريٽري جنرل جميل الدين عالي ۽ نيشنل بڪ ٽرسٽ جي سيڪريٽري ابن انشا سان ملان، جي ٻئي منهنجا دوست هئا، پر پوءِ مون ارادو ڦيرائي ڇڏيو ۽ منجهند جي ماني ڪائي هوٽل تي آياسين. شام جو نثار آيو جنهن سان گڏجي ڊاڪٽر حسان جي جاءِ تي وياسين. ڊاڪٽر حسان ڪڏي ڪاليج ۾ وائيس پرنسيپال آهي جتي فيض احمد فيض پرنسيپال آهي. ڊاڪٽر صاحب اردوءَ جو ترقي پسند اديب آهي ۽ هن اسان سان گڏجي پوري پاڪستان لاءِ عوامي ادبي انجمن ٺاهي آهي. هو اٺ ڏهه مهينا اڳ سکر آيو جتي، مون، محمدابراهيم جويي، ڊاڪٽر حسان، اردوءَ جي ترقي پسند شاعر ۽ هن وقت پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ جي جائنٽ سيڪريٽري حسن حميديءَ ۽ گل خان نصير* گڏجي

* گل خان نصير ــ بلوچي زبان جو وڏو ترقي پسند شاعر، ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ مير غوث بخش بزنجو جو دوست هو ۽ يحيٰ خان جي زوال کان پوءِ بلوچستان جي صوبائي حڪومت ۾ وزير هو. ڀٽي حڪومت هن کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪري، ڪافي وقت جيل ۾ رکيو هو ۽ هن کي مارشل لا واري دور ۾ آزاد ڪيو ويو هو ــ ڪجهه سال اڳ هو گذاري ويو.

’عوامي ادبي انجمن‘ جو منشور تيار ڪيو هو. پشتو شاعر اجمل خٽڪ* به ان ڏس ۾ اڳڀرو هو پر هن تسار ڪئي هئي ته هو ڪنهن سبب ڪري اچي نه ٿو سگهي، ۽ اسان جيڪو به منشور ٺاهينداسين، آهو هن کي منظور هوندو. اهو منشور پوءِ اردوءَ، بنگاليءَ، سنڌيءَ، بلوچيءَ، پنجابيءَ ۽ پشتو ۾ ڇپايو ويو هو. منشور ڏسي اُردوءَ جا رجعت پرست حلقا وهلور وڃڻ لڳا ها. ’جنگ‘، ’حريت‘ ۽ ’نوائي وقت‘ عوامي ادبي انجمن جي خلاف ايڊيٽوريل لکيا ها ته انهيءَ منشور ۾ سنڌين، بلوچين، پنجابين، پختونن ۽ بنگالين کي مختلف قومون ڪوٺيو ويو آهي ۽ آنهن جي زبانن کي قومي زبانون چيو ويو آهي ۽ اُردوءَ کي فقط رابطي جي زبان ليکيو ويو آهي. ’نوائي وقت‘ ته ايترو به لکيو هو ته سنڌي دانشورن کي ڏسي اُردو دانشورن جو من به وڌي ويو آهي. اُردوءَ جي مشهور رجعت پرست نقاد سليم احمد لکيو هو ته هي سياسي منشور آهي ۽ چڱو ائين تيندو ته ’ادب جا مردا ادب ۾ پوريا وڃن ۽ سياست جا سياست ۾‘: ڇو ته ادب سان سياست جي لاتعلقي پنهنجي ليکي هڪ سياسي نظريو نه آهي! اهي رجعت پرست اديب انهيءَ قومي قبرستان جا مجاور آهن جتي اهي ثقافتون دفنايون ويون آهن جن کي هو ’علاقائي‘ چون ٿا. ڊاڪٽر حسنان مون کي ٻڌايو ته باباي اردو ڊاڪٽر عبدالحق سان هن جو ان ڳالهه تي اختلاف ٿي پيو هو ته جيستائين قومي زبانن کي آنهن جي جائز اهميت نه ڏني وينديءَ، تيستائين اردو پاڪستان ۾ مقبوليت حاصل ڪري نه سگهندي. دراصل مان انهيءَ موضوع تي هڪ جدا مضمون لکي رهيو آهيان

* اجمل خٽڪ — پشتو جو قوم پرست شاعر ۽ خان ولي خان جو دوست، جو اسلام آباد ۾ نئشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪارڪنن تي فيڊرل حڪومت جي ڪرايمل فايرنگ کان پوءِ، غصي ۾ افغانستان هليو ويو ۽ اجا آتي آهي.

۽ ان ڪري هتي وڌيڪ نه ٿو لکان. اسان اڳيئي ٿي سمجهيو ته پنجاب ۽ ڪراچيءَ جا رجعت پسند حلقا اسان جي مخالفت ڪندا، جنهن لاءِ اسان بلڪل تيار هئاسين. ڊاڪٽر صاحب مون کي پنهنجو اردوءَ ۾ جواب ڏيکاريو، جو هن عوامي ادبي انجمن جي خلاف ورتل اعتراضن جي باري ۾ روزاني 'جنگ' ۾ شايع ڪرايو هو. ڪجهه وقت اسان ڊاڪٽر صاحب سان انجمن جي تنظيمي مسئلن تي ڳالهايو ۽ پوءِ هن کان موڪلايوسين. اُن کان پوءِ هيل پارڪ تي وياسين ۽ ٽڪريءَ تي ڪار بيهاري بيئر جون بوتلون کوليوسين. سامهون ڪراچي ڪونٽروءَ وانگر سيج تي سُتي پئي هئي. اونداهي رات جي جهرمر ۾ بيئر جي سُرڪين وڌيڪ مزو ٿي ڏنو، پرسان بيءَ ڪار ۾ هڪ جوڙو اسان جي موجودگيءَ کان بينياز ويٺو هو ۽ هڪٻئي تي ڳاٽ رکي رهيو هو. هوا جي خنڪيءَ منهنجي ڌيان کي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچايو....

جمنا تي سج جا پويان پاڇاوان پئجي رهيا ها.... اسان تاج محل جي پرسان ويٺا هئاسين - مان، پٽي، منهنجو جهونو دوست سترام، گيتا ۽ راج. گيتا تاج سان ٽيڪ ڏئي ويٺي هئي ۽ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ته معمارن هن کي به سنگ مرمر مان ڪٽي ٺاهيو هو.... جڏهن تاج اونده ۾ ٻُڏي ويو هو اسان آگري هوٽل تي آيا هئاسين .... راج وسڪيءَ جي بوتل کولي هئي ۽ سترام مون کي پنهنجو شعر پڙهڻ لاءِ چيو هو....

مان ۽ سترام شڪارپور ۾ نيو ايرا (New Era) اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ۽ ڪيئل داس فانيءَ جا شاگرد هئاسين. اسان ٻي درجي انگريزيءَ ۾ بيوس جو ڪتاب 'شيرين شعر' چڱيءَ طرح پڙهيو هو ۽ اُن کان متاثر ٿي، بيوس جي طرز تي شعر لکندا هئاسين. سترام مون کان به چڱو لکندو هو پر هن مئٽرڪ کان پوءِ وڌيڪ تعليم نه ورتي هئي ۽ وڃي نوڪري ڪئي

هيائين ۽ ان سان گڏ هن شاعري بہ ترڪ ڪري ڇڏي هئي. دهليءَ ۾ هو بئنڪ ۾ ملازم هو ۽ ڪنهن ٽريڊ يونين جو صدر هو. مون ڪافي وقت شعر پڙهيو هو ۽ جڏهن 'پونءِ نہ آئي يانءِ، الا مان آڏري وينڊوسانءِ' ۽ 'پنڌ تي موڙ مهار، الئو ميان، پنڌ تي موڙ مهار' واريون وايون پڙهيون هيون تہ هو اوچگارون ڏئي روئي وينو هو........

اوچتو نثار مون کي پٺيءَ تي هٿ هڻي چيو، "کهڙي ڏيان ۾ آهين. منهنجو خيال آهي تہ هاڻي هلون." هو اسان کي هل پارڪ کان فرنٽيئر هوٽل تي وٺي آيو جتي اسان تڪا ۽ چپلي ڪباب تنور جي روٽيءَ سان کاڌا ۽ پوءِ 'المدينہ' هوٽل تي موٽي آياسين. اڄ شام جو نثار جي ڪار تي ويا هياسين چو تہ ٻچو بيمار ٿي پيو هو. واپس آياسين تہ ٻچي ٻڌايو تہ هوٽل جي پرسان ڪجهہ سمگلر رهندا آهن جن سان هن ڪچهريون ڪيون هيون. مون ٻچي کي چيو، "ٻچا! مان بہ سمگلر آهيان. مان اهي خيال سمگل ڪندو آهيان جن تي بندش هوندي آهي، تڏهن تہ روپوش آهيان." ٻچي سهڻ وانگر ڪن ڪڙا ڪيا ۽ ڪجهہ سوچڻ لڳو. ايتري ۾ پٺيءَ چيو، "اڃا نو لڳا آهن. هي ليٽي پوڻ جو وقت نہ آهي. ڪامريڊ پوهو هتان تي چار سو قدم پري رهندو آهي. هل تہ اُن سان ملون." مون هن سان اتفاق ڪيو ۽ هوٽل کان ٻاهر نڪتاسين. ڪامريڊ پوهوءَ سان منهنجي پهرين ملاقات ١٩٤٨ع ۾ ٿي هئي. اُن وقت ڪامريڊ پوهو مون کي بلڪل بي‌معنيٰ لڳو هو. پوڙن ۾ ٻڌندي هاڪ جا هٿ ڏسي، منهنجو من ڳائون ماڻون ٿيندو آهي. ڪامريڊ پوهوءَ ڏانهن ويندي اسان کي ڪاري در وٽان وڃڻو پيو، جتي مون هڪ گهر سڃاتو جتي مرحومہ روشن (ريشم) رهندي هئي. هوءَ مون سان شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ منهنجو هن سان ايترو پيار هيو جو هوءَ جڏهن ڪراچيءَ تعليم لاءِ هلي آئي هئي تہ مون کي تيستائين چين نہ آيو هو

جيستائين مون ورتي ۾ آيل ڪجھ زمين وڪٽي، ڪراچيءَ ۾ تعليم لاءِ پئسا هٿ نه ڪيا ها. ڪراچيءَ ۾ اسان روز ڪاري در ڪان ڪياماڙيءَ تائين ويندا هياسين. ڪڏهن نيٽيو جيٽيءَ جي پرسان مندر وٽ ترسندا هياسين ۽ هوءَ مندر وٽان آڪا وٺي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ مڇين کي اڇليندي هئي ۽ مان ڊاڪ تان لهي ٻيٽ تائين تري ويندو هوس. مون پنهنجي زندگيءَ جو نهايت لاآبالي دؤر ريشم سان گذاريو هو. هن کي ادب سان به دلچسپي هئي ۽ هن ڪجھ گيت "هن دنيا جي ويراني ۾ منزل ملندي يا نه؟" ۽ "مکڙي ڇا ڪان مرجهائي" وغيره لکيا ها، جي مون هن کي درست ڪري ڏنا ها ۽ جي عورتن جي رسالي "ساٿي" ۾ ١٩٤٦ع ۾ ڇپيا ها. 'ساٿي' رسالو منهنجي دوست موهن پنجاپيءَ ڪڍيو هو ۽ منهنجي صلاح تي هن روشن کي اُن جي ايڊيٽوريل بورڊ تي کنيو هو. (مان ڀانيان ٿو ته سندري اتمچنداڻي به 'ساٿيءَ' جي ايڊيٽوريل بورڊ تي هئي.) ١٩٤٧ع ۾ جڏهن مون پنهنجي دوست لڇمڻ راجپال جي مدد سان شڪارپور مان "اڳتي قدم" رسالو ڪڍيو هو ته اُن ۾ مون روشن جو هڪ نظم 'او ساز زندگيءَ جا!' شايع ڪيو هو. مان شڪارپور ۾ روز هن جي گهر ويندو هوس ۽ ڪيئي ڪلاڪ هن سان گڏ گذاريندو هوس. اوچتو اسان جي دوستي ٽٽي وئي هئي ۽ ١٩٤٧ع جي آخر ۾ هن جي مرحوم محمد اسحاق کوجي سان شادي ٿي هئي، جو به مٿي ذڪر ڪيل ڪاري در واري جاءِ ۾ رهندو هو. هن جي شاديءَ کان پوءِ اسان جي به ٽي ڀيرا نهايت مختصر ملاقات ٿي هئي. شاديءَ کان پوءِ هن سرڪاري ملازمت ڪئي هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ اسڪولن جي انسپيڪٽريس هئي. نوڪريءَ ۾ هئي ته هن کي ٻارنهن مهينا ڪنهن خاص ڪورس لاءِ آمريڪا موڪليو ويو هو، جتي سان فرانسڪو ۽ نيويارڪ ۾ مون هن کي اهي خط لکيا ها جي پوءِ 'پنهل ڪان پوءِ' جي نالي سان شايع ٿيا ها. آمريڪا مان موٽي هوءَ ڪراچيءَ جي

ادبي سنگت ۾ دلچسپي وٺندي هئي ۽ مون کي شايد رباني ۽ ٻڌايو هو ته هڪ ڀيري جنهن ڪمري ۾ ادبي سنگت جي ميٽنگ ٿيندي هئي، ڪنهن شرارت ڪري علامہ اقبال ۽ نذرالاسلام جي فوٽو ڀرسان منهنجو فوٽو ٽنگي ڇڏيو هو. هوءَ جيئن ڪمري ۾ گهري هئي، هن جي انهن فوٽن تي نظر پئي هئي ۽ هوءَ ڪجهه سوچي ديوار ڏانهن وئي هئي ۽ منهنجو فوٽو ڦيرائي اُبتو ڪري ڇڏيو هيائين. آمريڪا کان واپسيءَ کان پوءِ هوءَ ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ رهي هئي ۽ پوءِ سري لنڪا وئي هئي ۽ اُتان موٽي پنهنجي آنم ڪهاڻي ٿي لکيائين ته بيمار ٿي پئي هئي ۽ گذاري وئي هئي. مون کي هن جي موت جا اڳواٽ پروڙ پيا ها جن جو تفصيل ڪنهن ٻي وقت لکندس. مون هن جي موت تي هڪ دردناڪ نظم لکيو هو جو اڃا تائين ڇپيو نه آهي. هڪ ڀيري اڌ رات جو مان ڪاري در ۾ ڪوجن جي قبرستان ۾ هن جي قبر تي ويو هوس جنهن جو تفصيلي احوال مون ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ‘ ۾ شايع ٿيل هڪ خط ۾ ڏنو آهي.

جڏهن مرحومه روشن جي جاءِ وٽان لنگهياسين ته هيٺيون فارسي شعر بي اختيار منهنجي زبان تي آيو:—

حيف در چشم زدن صحبتِ يار آخر شد
روئے گل سير نہ ديديم و بهار آخر شد

روشن جي گهر کان چاليهارو قدمن تي ڪامريڊ پوهوءَ جي جاءِ هڪ سوڙهيءَ، سڙاند واريءَ گهٽيءَ جي هڪ جهونيءَ ماڙيءَ ۾ هئي. هو رشيد جي سڏ تي هيٺ لهي آيو ۽ هن سان نهايت گرمجوشيءَ سان هٿ ملايائين ۽ پوءِ سامهون سگريٽ جي پڙيءَ ڏانهن وڌيو ۽ پڙيءَ واري کان سگريٽن جو پئڪيٽ خريد ڪيائين. مون سوچيو ته پوهوءَ مون کي سڃاتو نه آهي پر هو اڃا مون کي پٺي ڏئي، پڙيءَ واري کي پيسا ڏئي رهيو هو ته مون ڏانهن منهن ورائي کان سواءِ چيائين، ”ڪر خبر،

ضامن جي درخواست جو ڇا ٿيو؟“ مان واڙو ٿي ويس ۽ هن
کان پڇيم، ”تو کي ڪيئن خبر پئي ته مون ضامن جي درخواست
ڪئي آهي؟“ هن هاڻي مون ڏانهن منهن ورايو ۽ چيائين، ”مون
کي سڀ خبر آهي.“ ڪامريڊ پوهو اڇا تائين ڪڙو تڙو، سٺيو
۽ سوٽ ٿي نظر آيو، جيتوڻيڪ هن کي اکين وٽ ڪانوَ ـــ
پيرا پئجي چڪا ها، جي منهن مان ڪنهن به انسان جو عزم
۽ ايمانداري بکي سگهندي آهي ته مون ڪامريڊ پوهوءَ جهڙو
منهن ڪٿي نه ڏٺو آهي. هو اسان سان گڏجي المدينه هوٽل
تي آيو ۽ اهڙو گهائل مائل ٿي لڳو ڄڻ مون سان ڪالهه
مليو هو. هن مون کي ٺهه پهه چيو، ”تنهنجي ڪراچي ڇڏڻ
کان پوءِ جڏهن مون ڀهريون ڀيرو تنهنجا شعر پڙهيا ها تڏهن مون
چيو * هو ته ’باغيءَ‘ ۽ ’ڪوليءَ‘ جي نظمن وارو شاعر مري
چڪو آهي ۽ هي ڪو پيٽي بورجوا (Petit Bourgeious)
جذباتي جڪ ماري رهيو آهي، پر هاڻي.“ ڪامريڊ پوهوءَ منهنجي
پٺي ٺپيندي چيو، ”هاڻي، ڳالهه نه پڇ! باهه ٻاري ڏني تي، باهه!“
ڪامريڊ پوهو هن وقت ڪنهن خانگي فرم جي نوڪري ڪندو
آهي ۽ هن کي ڇهه ست سوَ رپيا پگهار ملندي آهي. ها،
پاڪستان کان اڳ هو ڪيئي ڀيرا سياسي قيدي ٿي رهيو هو
پر پاڪستان کان پوءِ هن کي ڪنهن خانگي فرم جي پيسن
ڦٻائڻ جي ڏوهه ۾ ٽي سال ٽيپ اچي وئي هئي. هن مون کي
ٻڌايو ته هن تي اهو ڪيس بنهه ڪوڙو هو ۽ مون هن تي
اعتبار ڪيو هو جيتوڻيڪ بورجوازيءَ سان خيانت ڪامريڊ پوهوءَ
جي مذهب ۾ جائز هئي. هن مون کي وڌيڪ ٻڌايو ته هن

---

* منهنجو ”باغي“ نظم سنڌي سرڪل جي ڪتاب ’لهرون‘ ۾
ڇپيو هو ۽ ’ڪولي‘ نظم ”سوشلسٽ“ هفتيوار ۾ ڇپيو هو، جا
ڪراچيءَ ۾، آءٌ، لڇمڻ راجپال، علي مڪراني ۽ رُڪن الدين
قاسمي گڏجي ايڊٽ ڪندا هياسين.

انسان مٿيءَ جي ڍير ۾ دٻجي ويا ها پر ڪامريڊ پوهو ڪنهن تِتل شهتير جي آڏ ۾ لڪو ويٺو هو ۽ چوڌاري گهٽ ٻوساٽ جي باوجود، زنده هو. ڪامريڊ پوهوءَ اسان سان هڪ ڀيري رات جو موڪلايو ۽ چيائين، ”سياڻي ساجهري ڊيوٽيءَ تي وڃڻو آهي نه ته جيڪر اڃا ڪچهري ڪيون ها.“

٧ نومبر تي به ٻچي جي طبيعت خراب هئي پر مون هن کي ڏيهه رپيا خرچي ڏنا جن مان هو هڪ پئنٽ ۽ قميص وٺي آيو، جا پائي هو چاق‌وچوبند ٿي لڳو ۽ اٺ آنا هڪ ڏسٽي واڊسٽيءَ فقيرياڻيءَ کي ڏني هن کي اک پيهائين. پوءِ هو سامهون ڪنهن چرس فروش سان ڳالهائڻ لڳو جنهن جي شڪل ڪنهن مافيا جي گئلهي - ڪئپ ڪاروباريءَ وانگر ٿي لڳي.

يارهين ٻجي نثار ڪئميرا کڻي آيو ۽ منهنجو پٺيءَ جو هوٽل جي پس‌منظر ۾ فوٽو ڪڍي چيائين، ”هي فوٽو تنهنجي آتم‌ڪهاڻيءَ ۾ ڇپائيندا سين، جيئن معلوم ٿي سگهي ته سنڌ جو شاعر ڪٿي روپوش رهيو هو.“ هوٽل جي سامهون ناليءَ مان ڏپ اچي رهي هئي ۽ چرس فروش چرس جون گوليون وڪڻي پيسا ڳڻي رهيو هو. ايتري ۾ ٻچو اسان وٽ اچي ويٺو ۽ چيائين، ”صاحب! هي چرس وڏا ماڻهو ئي سمگل ڪرائن. ڪراچيءَ ۾ به مٽن جا مڻ ٿو اچي ۽ ظاهر ظهور ٿو وڪامي.“ پوءِ نثار ٻڌايو ته ڪراچيءَ جي شاگردن جلوس ڪڍيو هو ۽ ڪافي ٽوڙ ڦوڙ ڪئي هيائون، جنهنڪري هن جو ڪاليج به ٻين ڪاليجن وانگر بند ٿي رهيو هو. اسان اڳ اخبار ۾ پڙهيو هو ته حيدرآباد ۾ ڪجهه شاگرد، جن ڪنوينشن ۾ ڀرو وٺو هو، گرفتار ڪيا ويا ها. ايتري ۾ ديوان پرمانند به اچي نڪتو. هن ٻڌايو ته هو پنهنجي ڪنهن مسئلي ۾ وچڙي ويو هو ۽ ان ڪري وعدي موجب اچي نه سگهيو هو. ديوان هونءَ ته نشي نشي وارو ماڻهو آهي پر دوستيءَ ۾ ويل نه وڃائيندو آهي. هو

محاورا ياد آهن جي پنهنجي مرضيءَ سان موقعو ۽ محل ڏسي ڪم آڻيندو آهي. هن جو داد وٺڻ ۽ داد ڏيڻ جو طريقو به عجيب آهي. داد وٺڻ مهل هو چوندو آهي، ”متان نه مڃين!“ ۽ داد ڏيڻ مهل هو چوندو آهي، ”شل، تنهنجا ٻچا جيئن!“ هن کي هڪ اڌ پارسيءَ جو شعر به ياد هوندو آهي جو هو ادبي محفل ۾ اوچتو پڙهي گفتگوءَ ۾ پنهنجي گهريءَ دلچسپيءَ جو ثبوت ڏيندو آهي. مثال طور ڪوئي پنهنجي ثنا ڪندو آهي ته ديوان چوندو آهي ’زنے پستان خود مالد حظوظ نفس کے یابد‘. باقي هو اردو شاعريءَ سان ’ڪشٽ‘ نه ڪندو آهي. ’ڪشٽ‘ ديوان جي ٻوليءَ جي ذخيري جو هڪ املهه لفظ آهي.

ديوان پرمانند کي ڪافي زمين آهي ۽ شايد ان ڪري هو لڏي نه ويو آهي، جيتوڻيڪ هن کي ڪليان ڪئمپ لاءِ ڏاڍي ڏڪار آهي جتي ڪنهن پرشناچار جي واقعي هن کي لوڏي وڌو هو. زمينداريءَ ۽ وڪالت مان هن جو سٺو گذر ٿيندو آهي ۽ مون هن کي سدائين ’الوڪ آنند‘ ۾ ڏٺو آهي. اهو محاورو به ديوان جي ٻوليءَ مان آهي جنهن کي هو ’شرنارٿي سنڌي‘ ڪوٺيندو آهي پر جيڪا ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي طنز ۽ مزاح لاءِ ڪم آڻيندو آهي. ڪنهن موقعي تي مون هن کي هڪ ٽري / راجستاني ڪارڙ دوهي جي هڪ سٽ ’پترناريءَ جي پريتڙي، پنج پرڪارن ڪاءِ‘ ٻڌائي هئي جا هن کي ڏاڍي وڻي هئي ۽ هاڻي هو آها سٽ منهنجي خلاف ڪم آڻيندو آهي. هو هڪ صلح پسند انسان آهي ۽ هندو مومن، ڇهڙي چمار سڀ جو خير گهرندو آهي. مون هن ۾ نه فقط تعصب پر جذبات جي شدت به ڪڏهن نه ڏٺي آهي. سياست ۾ نه هو ڳنگوتيلٰيءَ جو ساٿي آهي، نه راجا ڀوڄ جو. دراصل هن کي سياست ۾ ڪا دلچسپي نه آهي. ها، هڪ ڀيري هو بي. ڊي اليڪشن جي چڪر ۾ آيو هو ۽ ڳڙهي ياسين ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمئن به چونڊيو ويو هو پر چيئرمنيءَ هن جا دشمن وڌايا ها ۽ ان ڪان پوءِ هن

سياست کان ’ٻان‘ ڪري ڇڏي هئي. ’ٻان ڪرڻ‘ ديوان جو ٻيو محبوب محاورو آهي.

ديوان اڄ مون سان پنهنجو حال احوال ٻڌايو. هو اٽڪل ڏينهن کنهن ڪنس جي ڪن ۾ مرلي وڄائيندو رهيو هو پر هن جي ساري محنت اڪارت وئي هئي. هن جي چرچي گهٻي جو نثار تي چڱو اثر پيو ۽ مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي ته هن کي ديوان جي صحبت پسند آئي هئي. مون ديوان کي چيو، ”ڀلا هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟“ ”جيڪا صلاح يارن جي“، ديوان ٺهه پهه جواب ڏنو. ”مان چوان ٿو ته مونٽيزا هوٽل مان ٽپڙ کڻي هليو آءُ،“ مون چيو. ”ڪلاڪ ڏيڍ لڳي ويندو،“ ائين چئي ديوان موڪلايو ۽ پوري ڪلاڪ ۾ ٽپڙ ٽڪسيءَ ۾ کڻي موٽي آيو.

جيتوڻيڪ مان هن وقت دارورسن جي آزمائش مان گذري رهيو آهيان، هي انسان جنهن جو آدرش رڳو گهر گرهستيءَ جو سک چين آهي، مون کي پيارو آهي ڇو ته هن سان ويهي مان پنهنجي ننڍپڻ جا ڪيترائي سال ٻيهر جي سگهان ٿو.

اسان آتي ٿي منجهند جي ماني گڏجي کاڌي. پوءِ نثار موڪلائي گهر هليو ويو ۽ پٺي آهلي پيو ته هن کي ننڊ وٺي وئي. مان ۽ ديوان ڳالهيون ڪندا رهياسين. هڪ ڀيري شڪارپور ڪاليج ۾ ڪنهن برهمو سماجيءَ ڪيشب چندرسين جي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ سمپوزيم ڪرايو هو ۽ سڀ کان چڱو ڳالهائيندڙن کي ٻه انعام آڇيا ويا ها. چٽاڀيٽيءَ ۾ نه فقط شڪارپور ڪاليج جا ڇوڪرا هيا پر ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي ڪاليجن جا ڇوڪرا به حصو وٺي رهيا ها. اسان جي اسڪول کي به چٽاڀيٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي نينڊ ڏني وئي هئي ۽ ان لاءِ اسان جي اسڪول جي هيڊ ماستر مون کي ۽ سترام کي چونڊيو هو. مون کي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب راجا رام موهن راءِ

۽ هڪ ڪتاب ڪيشب چندرسين جي حياتيءَ تي ڏنو ويو هو جن تان نوٽ وٺي، مون تقرير تيار ڪئي هئي ۽ مون کي ويهن ٽيهن ڳالهائيندڙن مان پهريون انعام مليو هو. پهريون انعام شايد ڊي-جي-سنڌ ڪاليج جي ڪنهن شاگرد کي ڏنو ويو هو. اها ڳالهه نڪتي ته ديوان چيو، ”تو جڏهن تقرير شروع ڪئي نڌهن ڪجهه هڪيو هئين، پر پوءِ تو ايتري جوش ۽ جذبي سان تقرير شروع ڪئي هئي، جو تنهنجي فصاحت ۽ رواني ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا ها.“

مون جواب ڏنو ته ”مان به ائين ٿو سمجهان ته منهنجي تقرير ۾ جذبو ڪجهه دير سان آيو هو.“

”ڇو؟“

”ڇا مطلب؟“

”تنهنجي نظر مَنوءَ تي پئي هئي. هوءَ تنهنجي سامهون ويٺي هئي پر تنهنجي نظر هن تي دير سان پئي هئي.“

”ڪهڙي منو؟ اوهه..... ديوان، واهه جو پڪڙيو آٿي!“

”ڇا ٿو سمجهين؟ متان نه مڃين!“

مون کي هاڻي ياد آيو ته مَنو منهنجي ڪلاس فيلو هئي جا مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. هوءَ شڪارپور ۾ هاٿي در جي اندران ڪاري نهائينءَ جي پرسان رهندي هئي. منهنجو گهر هن جي گهر کان ميل ڏيڍ پري هو پر پوءِ به مان روز رات جو هن جي گهر جي ٻاهران به ٽي چڪر ڏيندو هوس. هڪ پيري رات جا ڏهه وڳا ها ۽ ڏاڍي ٿڌ ٿي پئي. مان هن جي گهر وٽان لنگهيو هوس ته هوءَ چائنٺ وٽ ويٺي هئي ۽ لالٽين جهلي ڪنهن گيڙو رتي ٻڪاريءَ کي ٻڪيا ڏئي رهي هئي. ٻڪاريءَ جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ ڪافي وقت چائنٺ تي ويٺي رهي هئي ۽ مان گهٽيءَ ۾ بيهجي ويو هوس. ان وقت مون کي پڪ ٿي وئي هئي ته مون گهٽو اڳ هن کي ڪٿي ڏٺو آهي ۽

اسان جنم جنم جي چڪر ۾ ڪٿي مليا آهيون. نہ چاڻ ھوءَ هاڻي ڪٿي آهي؟ اڪي تہ هوءَ ليمي جي ٽاريءَ وانگر هٿي ۾ هاڻي هن جو سرير وڻ، پڪن انبن جي پاڇاڙي ڏرڪ ڏيندو هوندو. اڻين تہ نہ آهي تہ هوءَ مري وئي آهي!

پوءِ ديوان رمتي پاڻيءَ ۾ پيا رڄ ڦٽي ڪيا. هو شاهي باغ جي پرسان مانڊا، هو آغا صوفيءَ جا ڊراما، هو شنڪر جا ميلا، هو سنڌ واهہ تي شيل، لال لويون، ڏياريون، منائيءَ جا دونا، موتيءَ جون ڪلفيون، رابيل جون ڪنڊيون، الاجي اونهي مان ڇا ڇا چڪي ڪيندو ويو ۽ مرحوم الله بخش سومري واري شڪارپور جيٺري جاڳندي اکين اڳيان هلي آئي. نيٺ هو ڳالهيون ڪري ٽڪجي پيو ۽ مرڪي چيائين ”آسو آڪاٽيءَ جڳ مڙيوڻي سپنو.“

شام جو اسان نثار سان گڏجي ڪلفٽن تي وياسين. مون کي ڪلفٽن ڏٺي لڳ ڀڳ چار سال ٿيا ها. جڏهن پوئين ڀيري مان آئي ويو هوس تڏهن مون سان آتم، سندري، رباني ۽ پٽي ساڻ هيا. اڌ رات جو وقت هو ۽ آسمان ۾ چانڊوڪيءَ جي لس ليٽ هئي. اسان ڪناري تي ڪرسيون وجهي ويٺا هياسين ۽ ڳالهيون ڪندي رات لڙي هئي. ڇا اسان وري ملنداسين يا وڇوڙو ابدي آهي؟ تاريخ اسان لاءِ ڪيڏو نہ عذاب ٿي پئي آهي! اُردوءَ جا پاڪستاني ۽ هندستاني اديب هڪٻئي سان ملن تہ ڪنهن کي اعتراض نہ آهي، سنڌيءَ جا پاڪستاني هندستاني اديب ملن تہ سنڌي اديبن کي ڪال ڪوٺڙيون ڏسڻيون پون! آخر مون کي ١٩٧٥ع جي جنگ دوران جيل ۾ رکڻ جو هڪ سبب اهو بہ هيو تہ آتم ۽ سندري منهنجا مهمان هيا؟ ڇو؟ ائين ڇو؟؟؟

ديوان بہ ٽي ڀيرا منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو پر مان اونداهي سمنڊ ۾ گهوري رهيو هوس. نيٺ پڇيائين، ”ڇا ٿيو

”هلي ٿا هوٽل تي جڪ ماريون“. مون جواب ڏنو.
موٽڻ وقت پيرزادي پڇايو ته شيخ مير محمد اسان جي رات جي ماني ڪٿي هئي.

رات جو ١٢ بجي تائين مير محمد وٽ هياسين. هن وٽ ٻه نوجوان سنڌي وڪيل آيل ها جي پڪا محب وطن ٿي ڏنا ۽ جي منهنجي شاعريءَ کان بيحد متاثر هئا. وڪيلن جو هي نسل بروهيءَ ۽ طفيل کان ڪيترو نه مختلف هيو! ڪجهه وقت کان پوءِ شيخ مير محمد جي محلي جو هڪ راجستاني پاڙيسري به اچي نڪتو جو ڪوئي بي.ڊيءَ جو ميمبر هيو. ان ڪري اسان جي گفتگو بدلجي وئي ۽ ڪاڏي پيتي ۾ پارنهن لڳي ويا.

٩ نومبر تي مون Conspirators پڙهي پورو ڪيو ۽ آندري ڳيڊ (André Gide) جي جرنل جا سؤ صفحا به پڙهيا جي بلڪل بي چسا هيا. دراصل مون کي ڳيڊ جو آسڪروائيلڊ تي لکيل ڪتاب De Profundus ڏاڍو وڻيو هو ۽ ان ڪري مون اهي جرنل به خريد ڪيا ها. شام جو مون رٻانيءَ کي فون ڪيو ته پتي به تي ڏينهن سکر وڃي رهيو آهي ۽ ان ڪري هو شام جو هليو اچي ۽ آرتوار اسان سان گذاري. شام جو ڪامريڊ پوهو آيو ته محفل مٿي. هن ’نئين دنيا‘ جا ڪيترائي پرچا جلد ٻڌائي مون لاءِ تحفي طور آندا ها. مان پانيان ٿو ته ’نئين دنيا‘ ۽ ’روح رهاڻ‘ سنڌي ذهن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي ۽ حميد سنڌيءَ سنڌ ۾ هڪ ناقابلِ فراموش ڪردار ادا ڪيو آهي.

مون کي سوچ ۾ ڏسي پوهوءَ پڇيو، ”اڄ ڪلهه سوڀو ڇا ٿو ڪري؟“

”ايل.ايل.بي جي پهرئين سال جو امتحان ڏنو اٿائين“، مون جواب ڏنو.

”اها ته مون کي خبر آهي، پيو ڇا ٿو ڪري؟“ پوهوءَ پڇيو.

”پيو ڇا ڪري؟ هو هڪ ڏ.ـمنهين بـلا آهي— هندو، سنڌي، اشتراڪي! هن لاءِ سياست ۾ ڪهڙي گنجائش ٿي سگهي

ٿي! هو هندستان ۾ هجي ها ته ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هجي ها يا نهرو ڪئبينيٽ ۾ وزير هجي ها.“

مان پوهوءَ وارن رسالن جا پنا اٿلائي لڳس ته ايتري ۾ رباني اچي نڪتو. هن سان گڏ نثار ۽ هن جا ٻه دوست به آيا جن مان هڪ ڊاڪٽر هو ۽ ٻيو اردو ادبيات جو پروفيسر. نثار ڪتان اسڪاچ جي بوتل هٿ ڪئي هئي جا هن وچ تي کولي رکي. پروفيسر اردو غزل تي تحقيق ڪئي هئي ۽ اُن تان گهور ٿي ويو. هن چيو ته ”غزل ۾ محبوب جو تصوّر به قري رهيو آهي. اڳي ته غزل ۾ محبوب * کي ’سبزهء خط‘ به هيو ۽ ’ڪاڪلِ مشڪين‘ به هئي، هو ’ترڇي ڪُلاهه‘ به پائيندو هو ته ’شڪار‘ به ڪندو هو، هن وٽ ’دشنه‘ ۽ ’خنجر‘ به هوندو هو ته ’تيرِ نگاه ۽ ڪمانِ ابرو‘ به هوندا ها. هو ’سمندِ ناز‘ تي سواري به ڪندو هو ته هن جي ’فتراڪ ۾ نخچير‘ به هوندو هو، هو قاتل به هو ۽ هن جي دامن تي خون جا داغ بہ هئا، هن جي ڪوچي ۾ ڪيئي عاشق ڪُسي ويا ها. مطلب ته نواب يا شهزادو جنهن جو هر غزل گو شاعر وظيفي خوار هو، اُن جون سڀ خوبيون/ خاميون غزل جي محبوب ۾ هيون ۽ وظيفي جي ڪمي بيشيءَ تي جنهن حسد جو اظهار شاعر هڪٻئي سان دربار ۾ ڪندا ها. شاعريءَ ۾ اُن جو اظهار رقيب روسياهه جي منهن ۾ ڇائي وجهي ڪندا ها. غزل ۾ عاشق جو گريبان چاڪ، وار پريشان، چشم نم ۽ دل بيمار هوندي هئي. هو دربار جون جتيون به چنڊيندو هو، رقيب جا موچڙا به کائيندو

* سبزهء خط – ڳلن تي وارن جي ڇٽ.
ڪاڪُل مشڪين – مشڪ جهڙا گهنڊيدار لوُٽا.
دشنه – هٿيار جو نالو. ’سمندِ ناز‘ نخريلو گهوڙو.
فتراڪ – گهوڙي تي لڙڪندڙ ڳوٿري.
نخچير – ماريل شڪار
رقيب رو سياهه – ڪار مُنهون رقيب.

هو ۽ سارو وقت حسد جي آگ ۾ جلندو پچرندو به هيو. ڪنهن وقت هو مجنون ۽ وانگر سڪي ڪاٺ ٿي ويندو هو ته ڪنهن وقت فرهاد وانگر مٿي ۾ ڪهاڙو هڻي خودڪشي ڪندو هو. جڏهن هو هجر ۾ ڳري ڪک ٿي ويندو هو، تڏهن هن جو محبوب هن جي رقيب جي پهلوءَ مان نڪري، هن جي عيادت لاءِ ايندو هو ۽ هن کي ڏسي، ويچاري عاشق کي آخري هڏڪي ايندي هئي ۽ جڏهن هو مري ويندو هو ته هن جي لاش کي ڪفن به ڪونه ملندو هو. ها، ڪڏهن ڪڏهن هن خسته جان جنازي تي ڪوئي روئيندو هو ۽ ڪڏهن هن جو سنگ دل محبوب هن جي مزار تي فاتحه خوانيءَ لاءِ ايندو هو، ۽ محشر جي ڏينهن ويچارو عاشق اهڙي ته آه ووفغان ڪندو هو، جو هرڪوئي پڇندو هو ته هي داد خواه ڪير آهي."

مون پروفيسر صاحب کي چيو ته "اسان وٽ به سانگيءَ ۽ گدا کان وٺي جميعت الشعرا جي لڏي تائين ساڳيءَ لڪير جا فقير هيا. هڪ ڀيري حيدرآباد جو هڪ نامي گرامي شاعر منهنجي آفس تي آيو هو ۽ هن منهنجي فرمايش تي غزل پڙهيا ها ته آهي مون کي انشا ۽ ناسخ جي آتيءَ وانگر لڳا ها." ان تي پروفيسر صاحب چيو ته "حسرت موهانيءَ جي غزل ۾ محبوب جو تصوّر بلڪل مختلف آهي." مون اُن تي چيو، "حسرت موهاني به ڪنهن رويا سان عشق ۾ آهي. فيض ۾ عورت جي گرم و گداز جسم سان عشق ملي ٿو. پر جيستائين عشق و محبت جو تعلق آهي مون کي هندي شاعري اُردو شاعريءَ کان هزار ڀيرا وڌيڪ وڻندي آهي. ها، اُردو غزل جو فلسفيانه پهلو ٻي ڳالهه آهي. مون کي اصغر گونڊويءَ جي شاعري وڻندي آهي. غالب ۾ به ڪي شعر ته اهڙا آهن جو آهي پڙهي مون کي خاطري ٿي وئي هئي ته شاعر پيغمبر ٿيندا آهن ۽ اُنهن جي دور رس نگاهه پنهنجي دوُر کان سؤ سال اڳتي ڏسي سگهندي آهي." مثال طور مون هن کي غالب جا ڪجهه شعر ٻڌايا___

مری تعمیر میں مضمر ہے اک صورت خرابی کی
ہیولا برقِ خرمن کا ہے خونِ گرم دہقاں کا

---

دیوار بارِ منتِ مزدور سے ہے خم
اے خانماں خراب نہ احساں اُٹھائیے

---

کہ وہ کن گرسنہ مزدورِ طربِ گاہِ رقیب
بے ستون آئینۂ خوابِ گرانِ شیریں

اهي شعر ٻڌي پروفيسر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته ”اوهان ته اردو شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. مون ته ٻڌو هو ته اوهان کي اردو شاعريءَ سان چڙ آهي.“

ان تي مون چيو ته ”منهنجو هڪ دوست، جو جج هيو، مذهب ۾ اعتبار نه ڪندو هو. هڪ ڀيري هن جو پيءُ، هن جي چيمبر ۾ آيو ته ڏٺائين ته ٻين قانوني ڪتابن سان گڏ هن جي شيلف تي هئملٽن (Hamilton) جو ’هدايا‘ (Hedaya)، ’فتاواي عالمگيري‘ جا ڪيئي جلد، امير عليءَ جو ’محمدن لا‘ ۽ ٻيا ڪيئي اهڙا اسلامي قانون تي ڪتاب رکيا هئا. ان تي هن جي پيءُ چيو ته ”بابا، ماڻهو ته ڏاڍا ڪُوڙا آهن، مون کي چوندا آهن ته تنهنجو پٽ ڪافر آهي. تو وٽ ڪهڙا نه چڱا ڪتاب رکيا آهن!“ ان تي جج صاحب ٽهڪ ڏئي چيو هو، ”بابا، توهان ڇا اهو سمجهيو هو ته مان بنان پڙهڻ جي ڪافر ٿيو آهيان؟“

پروفيسر ان تي ڏاڍو کليو ۽ چيائين، ”ڇا، اوهان لاءِ اردوءَ جي ڪائي اهميت آهي؟“

مون جواب ڏنو، ”تمام گهڻي. اردو برصغير جي رابطي جي زبان ٿي قلعہءِ معليٰ ۾ پيدا ٿي هئي. اردوءَ جي ڪري برصغير جو ورهاڱو ٿيو ۽ اردو ئي ماڻهن جي ورهايل دلين کي ڳنڍي سگهندي آهي پر ان لاءِ اردوءَ کي اهو روپ وٺڻو پوندو جو اُن کي مولانا حاليءَ جي نظم ’بيوه کی دعا‘ ۾ آهي.

مون کي غالب ۽ جوش مليح آباديءَ واري اردو زبان نه وڻندي آهي. ها، آرزو لکنوي ۽ ميراجي جي گيتن جي زبان مون کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي. اردوءَ کي برصغير ۾ صحيح معنيٰ ۾ رابطي جي زبان بڻائڻ لاءِ اهو ضروري هو ته کڙي ٻوليءَ، برج ڀاشا، پوربيءَ، راجستانيءَ، ميواتيءَ وغيره ٻولين مان هزارين لفظ ان ۾ شامل ٿي وڃن. مون کي سيد مطلبي فريدآباديءَ جو لنبو نظم 'پنرماري' ان ڏس ۾ هڪ ڪامياب ڪوشش لڳو هو. ڪنهن به زبان کي قومي زبان ٿيڻ ۾ صديون لڳي وڃن ٿيون. پاڪستان ۾ اردو سرڪاري طرح ته قومي زبان آهي پر ان کي صحيح معنيٰ ۾ قومي زبان ٿيڻ لاءِ آئر اولهه برصغير سان صدين جي رابطي جي ضرورت آهي ۽ رڳو به لفظ 'سائين' ۽ 'مهراڻ' ان ۾ شامل ڪرڻ سان اها عوامي سطح تي قومي زبان نه ٿيندي. پر ان ڪري توکي اردوءَ جي مستقبل جي باري ۾ ڪوئي خدشو ٿيڻ نه گهرجي. اردو اڄ به پوري برصغير جي رابطي جي زبان آهي ۽ آئنده به رهندي. ها، اردوءَ جي نالي ۾ استحصال ۽ صوبائي ٻولين ۽ انهن جي ادب کي نهوڙڻ جي هر ڪوشش جي مخالفت خود اردوءَ وارن کي ڪرڻ گهرجي ڇو ته ان ۾ اردوءَ جي بقا جو راز مضمر آهي."

پروفيسر جي گفتگوءَ جو ٻيو موضوع اردوءَ جي جديد شاعري هيو. مون هن کي ٻڌايو ته مون تصدق حسين خالد کان مجيد امجد تائين ۽ نئين نسل جا اڪثر شاعر پڙهيا آهن. مون کي ميراجي ۽ فيض پسند آهن پر زبان جي لحاظ کان ميراجي عظيم آهي. هن ۾ برصغير جي ثقافت جي لافاني خوشبو آهي جا فيض، پنهنجيءَ سيڪيولرزم جي باوجود، پنهنجي شاعريءَ ۾ پيدا نه ڪري سگهيو آهي. مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي هئي ته فيض ميراجيءَ جي ڪتاب 'ديس ديس کي نظمون' جو پيش لفظ لکيو هو، نوڙي اردوءَ جا ترقي پسند شاعر ميراجيءَ تي جنس پرستيءَ وغيره جا الزام هڻي هن کان نفرت ڪندا

آهن. منهنجي نظر ۾ ميراجي دور جديد ۾ اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿيو آهي.

هن وري پڇيو، ”ڇا اوهان شاعريءَ جي انقلابي مقصديت جا قائل آهيو.“

مون جواب ڏنو ته ”اهو سمجهڻ ته شاعري فقط انقلاب جو ذريعو آهي، شاعريءَ جي توهين آهي. شاعر جي ڪائنات هڪ انقلابيءَ جي ڪائنات کان وڌيڪ وسيع هوندي آهي. انقلابي آرٽ جي Self-sufficiency جي خلاف آهن. هو چاهن ٿا ته آرٽ انقلاب جي ڪم اچي ۽ آرٽ پنهنجي ليکي مقصد نه آهي، آرٽ ذريعو آهي انقلاب جو- يعني آرٽ پنهنجي دؤر جا، بوجوازيءَ جا، زنجير ٽوڙي، انقلابيءَ جا زنجير پاڻ تي وجهي؛ آرٽ پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ وڙهي، پاڻ کي آزاد ڪرائي، پنهنجي غلامي پاڻ تي مسلط ڪري—— مان ان نظريي سان متفق نه آهيان. آرٽ پنهنجو مقصد پاڻ آهي. آرٽسٽ ان کي انقلاب لاءِ ڪم آڻي جيئن شوپن Chopin پنهنجي موسيقي پولنڊ جي آزاديءَ لاءِ ڪم آندي هئي، ته ان تي مون کي اعتراض نه آهي. پر ڪنهن به انقلابيءَ کي اهو حق نه آهي ته هو آرٽسٽ تي پنهنجا نظريا مسلط ڪري. آرٽسٽ آرٽ کي انقلاب جو ذريعو بڻائي به عظيم آرٽ پيدا ڪري سگهي ٿو پر آرٽسٽ لاءِ اوليت آرٽ کي آهي. دراصل منهنجيءَ نظر ۾ انقلاب آرٽ لاءِ ذريعو آهي، ذريعو ان اقتصادي پريشانيءَ مان نجات جو، جا آرٽسٽ کي پنهنجي آرٽ جي تخليق لاءِ فرصت ۽ فراغت مهيا ڪري سگهي. اسان جا ڪي انقلابي سمجهن ٿا ته انقلابي شاعر ٿيڻ لاءِ ڪنهن چارڻ يا ڀٽ وانگر رڳو تڪبندي ڪافي آهي، ۽ انقلابي شاعر جو مکيه ڪم انقلاب جو ڍنڍورچي ٿيڻو آهي. هو ان ۾ غلط آهن. ڍنڍورچي وڏا شاعر نه ٿيندا آهن. فقط قصيده گو، چاهي انقلاب جا ڏي ڇو نه هجن، شاعر نه آهن.

ڪوبہ عظيم آرٽسٽ ڪنهن بہ عظيم انقلابيءَ جو همسفر تہ ٿي ٿو سگهي پر پنهنجي فن جي دنيا ۾ هو ڪنهن بہ انقلابيءَ جي نظرين جو پابند نہ آهي. اهڙي پابندي، آرٽ ۾ ٿوري وقت لاءِ تہ جان پيدا ڪري سگهي ٿي، پر انت اُن جو موت آهي. ٽالسٽاءِ، ترگنيف، گوگول ۽ ڊوسٽووسڪي لينن جي بالشيوزم کان اڳ جي پيدائش ها ۽ آهي گورڪيءَ کان وڏا تخليق ڪار آهن جيڪو لينن جو دُم ڇلو هو. اسٽالن جي نظرياتي جبر ڪيئن روسي ادب جي ستياناسي ڪئي، اُن مان سبق سکڻ گهرجي. Chinese Literature ۾ جي چيني شاعريءَ جا ترجما اچي رهيا آهن، انهن کان گهٽو بهتر تہ مان تڏهن لکندو هوس جڏهن مئٽرڪ ۾ پڙهندو هوس. ماڙوءَ جي ينان ڪانفرس ۾ ڪيل تقرير وڏي بڪواس آهي. اهي انقلابي ليڊر آرٽسٽ کي بہ پنهنجي فوج جو سپاهي ٿا سمجهن جنهن جا هو ڪمانڊر آهن ۽ هن کي پنهنجي آرڊر جي انحرافيءَ تي ڪورٽ مارشل ٿا ڪن. جي شاعر واقعي عظيم شاعر آهي تہ هو ڪنهن بہ انقلابي ليڊر سان اختلاف جو حق رکي ٿو — حق، جو ماياڪو-وسڪيءَ، ٻيو ڏگ نہ ڏسي، خودڪشي ڪري استعمال ڪيو هو.

”انقلابي دنيا جي تاريخ جو مطالعو نهايت ضروري آهي پر ادب ۾ بہ اسان کي ائين پنهنجا ويچار هجڻ گهرجن جيئن انقلابي سياست ۾ ويچار، جن جو ٻانڊاپو اسان جي ڌرتيءَ ۽ ان جي حالتن سان آهي. جڏهن منهنجي دؤر جي تاريخ لکي ويندي تہ محقق اهو پروڙي ويندا تہ مون کي ڪاليداس، ودياپتي ۽ ’گيت گووند‘ جي مصنف جئديو جي ڪوتا ايترو پسند ڇو هئي ۽ مان ميراجيءَ جي مهانتا ڇو ٿو مڃان.“

رات جو ٻارهين بجي اسان جي محفل برخواست ٿي. ربانيءَ ۽ ديوان کي ننڊ وٺي وئي. مان ڊريسنگ گاؤن پائي

۽ مفلر ويڙهي هوٽل کان ٻاهر آيس. آسمان ۾ ستارا اونده کي ٽهنڊون پائي رهيا ها. چوڌاري خاموشي هئي. مون سوچيو ته هيءَ خاموشي جنهن ۾ شراب جي مدهوشي آهي ۽ جا آسمان مان ڏرتيءَ تي ڪري جام و مينا وانگر ٽٽي نه ٿي پوي، مون کي هر هنگامي کان وڌيڪ پياري آهي. منهنجي شاعريءَ جي اصلي برادري ته ان خاموشيءَ سان آهي.

۱۰ نومبر تي مون اي-ڪي-بروهي صاحب کي فون ڪيو. هوءَ ڪراچيءَ پهچي چڪو هو ۽ مون کي ملاقات لاءِ شام جو ٽائيم ڏنائين.

هوٽل ۾ ڪچهري ڪندي مون ربانيءَ ۽ پرمانند کي ٻڌايو ته "مهينو کن اڳ سکر جي ڊپٽي ڪمشنر مون کي فون ڪيو هو ته وزير داخلا جناب قاضي فضل الله مون کي ياد ٿو ڪري. ان تي مون کي ياد آيو هو ته هڪ ڀيري مون حيدرآباد ۾ 'سنڌي شام' جي صدارت تي ڪئي ته منهنجي روبرو شاگرد رهنما جام ساقيءَ کي نياپو مليو هو ته هن کي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر ٿو سڏي، جنهن تي جام ورائيو هو ته 'مون کي اڄڪلهه ايتري فرصت نه آهي جو ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر سان ملي سگهان. بهر صورت جي هن کي مون سان ملاقات جو ايترو شوق آهي ته پاڻ هيڏانهن هليو اچي يا ڪنهن ڪاري قلم هيٺ منهنجي گرفتاريءَ جو وارنٽ موڪلي.' جام ته هيو ڇڙوڇانڊ ۽ ننڍيءَ وهيءَ ۾ هن جي رت اُبڙڪا کائي رهي هئي. مون کي ته ٻار ٻچا آهن ۽ دنيا جون لاهيون چاڙهيون ڏسي، مون ۾ ڪنهن هيمون ڪلاڻيءَ واري همت ته نه رهي آهي، سو مون رشيد ڀٽيءَ کي ڦڪي منهن چيو، 'قاضي صاحب منهنجو جهونو واقف آهي. هل ته انهيءَ وٽ هلون.' سرڪٽ هائوس ۾ مون قاضي صاحب جي پي-اي کي فون تي اطلاع ڏنو پر هن ترسڻ لاءِ چيو ۽ چيو ته قاضي صاحب وٽ اڳ ئي

ڪو ئي ملاقاتي ويٺو هو. ٿوريءَ دير ۾ سڪر مسلم ليگ جو سابق صدر، حسن ميان، ٻاهر نڪتو ته رشيد ڀٽيءَ هن کي ڏسي منهن گهنجايو. ميان صاحب مون سان رسمي عليڪ سليڪ ڪئي. هو اسان جي بار جو ميمبر هيو ۽ هن جا اسان سان اختلاف هيا. هو پاڪستان کان اڳ الله باد ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ سابق وزير اعظم مرحوم لياقت علي خان سان دوستيءَ جو دم ڀريندو هو. ڀٽيءَ جي چهري تي انديشي جا پاڇاوان هيا ۽ هن پڇيو، 'هي ڇو آيو هو؟' ايتري ۾ قاضي صاحب مون کي اندر گهرايو ۽ ظاهري قرب سان مليو. مان اڳيا سرڪٽ هائوس جي ڪمري کي ڏسي رهيو هوس، جو مون کي هڪ مهذب قيدخاني وانگر ٿي لڳو، ته قاضي صاحب چيو، 'اياز صاحب اسان جي دوستي نه آهي. اڳي هڪ اڌ ڪيس گڏ هلايو آهي، ان ڪري پاڻ ۾ دعا سلام آهي.' مون به جواب ڏنو، 'مان به ائين ٿو ڀانيان.'

ان تي هن چيو، 'مون کي ڪجهه وقت اڳ مغربي پاڪستان جي گورنر چيو هو ته توکي نظربند ڪيو وڃي پر مون هن کي چيو ته 'سنڌ ۾ اياز هڪ Small fry آهي ۽ هن کي نظربند ڪري هرويرو هيرو ڪري ڇڏينداسين.'

مون جواب ڏنو، 'اوهان پنهنجي نقطه نگاه کان ٺيڪ چيو هو. دراصل اهڙي نادان کي هٽائي اوهان کي گورنر ڪيو وڃي.' قاضي صاحب مون کي ڪوڙين نظرن سان ڏسي، ڳالهه جو سلسلو جاري رکيو ۽ چيائين 'پر هاڻي هو وري تنهنجي گرفتاريءَ لاءِ چئي رهيو آهي. سي - آءِ - ڊي وارا ڏڙا ڏڙ رپورٽون ڪري رهيا آهن ته سنڌ ۾ جي - ايم - سيد کان پوءِ تون سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ ماڻهو آهين ۽ دراصل تون جيئي سنڌ تحريڪ جو باني آهين.'

مون چيو، 'اوهان خود چاڻو ٿا ته مان شاعر آهيان ۽ منهنجي سياست ۾ دلچسپي ڪانه آهي.'

قاضي صاحب ڪجهه طنز سان چيو 'ها، اهو ته مان ڄاڻان ٿو. تون وڪيل ته چڱو آهين پر تنهنجي سياسي پهچ ڪابه نه آهي. مان نه ٿو ڄاڻان ته تون بي-ڊيءَ جو ميمبر به ٿيڻ چاهيندين.'

'بي-ڊيءَ جو ميمبر ته ڇا، مان منسٽر به ٿيڻ نه چاهيندس — هوم منسٽر به نه'، مون به طنز ڪندي چيو، 'ڪجهه ڏينهن اڳ خيرپور جي ڪمشنر مون کي چيو هو ته "ايوب خان چاهي ٿو ته مون کي ڇا گهرجي."'
اهو ٻڌي قاضي صاحب ڇرڪي ويو ۽ مون کي ڇتائي ڏٺائين. مون ڏٺو ته قاضي صاحب پوڙهو ٿي ويو آهي. ڇا، هي شخص ڪنهن وقت سنڌ جو چيف منسٽر هو؟ قاضي صاحب هاڻي نرميءَ ۽ ڀاءُرئين خلوص سان ڳالهائڻ لڳو ۽ پڇيائين 'تنهنجيءَ شاعريءَ تي ايترو هنگامو ڇو ٿيو آهي؟ در اصل مون تنهنجا ڪتاب ڏٺا ها، پر انهن ۾ سنسڪرت جا ايترا لفظ هيا جو مون کي تنهنجي شاعري پوري سمجهه ۾ نه آئي هئي ۽ جي مون کي سمجهه ۾ نه آئي هئي ته ٻي ڪهڙي سنڌيءَ کي آئي هوندي؟'

منهنجين اکين ۾ ٿهڪ اچي وياه مون هن کي وري ڇتائي ڏٺو ۽ جواب ڏنو، 'قاضي صاحب! علي محمد شاهه راشدي ته چوي ٿو ته "هن منهنجي شاعري سمجهي آهي."'

هن کي شايد اها ڳالهه نه وڻي ۽ چيائين، 'پر هي سي-آءِ-ڊي وارا ڏوڻي ايترا رپورٽون ڇو ٿا ڪن؟'

'مان ڀانيان ٿو ته انهن کي ميان صاحب چرچ ڏني آهي'، مون مذاق ۾ وراڻيو.

'ڪهڙو ميان صاحب؟'

'حسن ميان صاحب'

'اياز! تون ان ڳالهه کي چرچو نه سمجهه، بهتر ائين ٿيندو ته گورنر کي هڪ درخواست موڪل جنهن ۾ ساري

حقيقت ڄاڻاءِ‘، قاضي صاحب صلاح ڏني.

’ساري حقيقت ڄاڻايان!‘ مون دل ۾ چيو، پر هن کي چيم، ’مون کي ڪوئي اعتراض نہ آهي. مان اڄ ئي هن کي درخواست موڪليندس‘. اهو چئي مون قاضي صاحب سان موڪلايو ۽ غالب جو شعر ’ہوتا ہے شب و روز تماشا مرے آگے‘ جهونگاريندو هيٺ آيس. پٺي هيٺ ڪار ۾ ويٺو هوس- مون کي مرڪندو ڏسي چپائين، ’ڇا ٿي ٿو مرڪين؟‘

مون جواب ڏنو ’فيض صاحب کي پيش آيل هڪ واقعو ٿو ياد اچي.‘

’ڪهڙو واقعو‘، پٺيءَ پڇيو.

مون ڪار ۾ ويهندي چيو، ’ڪافي سال ٿيا جو سکر جي ڪليڪٽر مرحوم يوسفاڻيءَ هڪ مشاعرو ڪرايو هو جنهن ۾ فيض صاحب کي بہ گهرايو هيائين ۽ هن کي براج ڪالونيءَ ۾ ڪنهن سنڌي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر وٽ رهايو هيائين. شام جو منهنجو دوست آفاق صديقي مون وٽ آيو هو ۽ چيو هيائين، ’فيض صاحب ڪاوڙجي ويو آهي. هو تپڙ ٻڌي اچي نشاط هوٽل ۾ ويٺو آهي ۽ مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ کان سواءِ، رات واريءَ گاڏيءَ ۾ هليو ويندو. يوسفاڻي صاحب اوهان ڏانهن نياپو موڪليو آهي تہ ”اوهان فيض صاحب کي ريهي ريبي اتي ترسايو ڇو تہ هو ٻي ڪنهن جي ڳالهہ نہ ٿو مڃي. اوهان هن سان ضرور ملو“

مون هن کان پڇيو تہ ’فيض صاحب ڇا تي رنو آهي؟‘ هن کان معلوم ٿيو تہ جنهن انجنيئر وٽ فيض صاحب کي رهايو ويو هو، اُن جي ۽ فيض صاحب جي وچ ۾ هيٺين گفتگو ٿي هئي:-

انجنيئر صاحب:- اوهان ڇا ڪندا آهيو؟

فيض صاحب:- مان پاڪستان ٽائيمز جو ايڊيٽر آهيان.

انجنيئر صاحب:- پاڪستان ٽائيمز ڪٿان نڪرندي آهي؟

فيض صاحب:- لاهور مان.

انجنيئر صاحب:- اوهان فقط اردوءَ ۾ شاعري ڪندا آهيو يا انگريزيءَ ۾ به؟

فيض صاحب:- فقط اردوءَ ۾.

انجنيئر صاحب:- انگريزي بين‌الاقوامي زبان آهي، اوهان اُن ۾ شعر ڇو نه ٿا لکو؟

فيض صاحب چُپ.

انجنيئر صاحب:- اوهان پاڪستان کان ٻاهر ويا آهيو؟

فيض صاحب:- ساري دنيا گهمي آيو آهيان سواءِ آمريڪا جي، جا اوهان ڏٺي آهي.

انجنيئر صاحب:- آمريڪا ته اوهان کي سڀ کان اول ڏسڻ گهربي هئي. عاليشان ملڪ آهي.

بس پوءِ ته فيض صاحب پنهنجو اڌ جليل سگريٽ ڦٽي ڪري نئون سگريٽ ٻاريو ۽ پنهنجي بئگ کڻي، رسمي ٽـان ٽانگو ڪري، سڌو نشاط هوٽل تي آيو جتي هو اچا وينو آهي.

مان ان انجنيئر کي سڃاڻندو هوس. هو اڪثر انجنيئرن وانگر جم‌خاني ۾ وسڪي پيئندو هو ۽ پياريندو هو. باقي هن ۾ ٻيو افعال ڪونه هو. مون سوچيو ته فيض کان سواءِ مشاعرو بگڙي ويندو ۽ ان ڪري هن وٽ ويس ۽ هن کي ريهي ريبي مشاعري ۾ شريڪ ڪيم...."

ايندڙ نسل تصوّر به نه ڪري سگهندو ته هن دَور ۾ شاعرن سان کهڙيون تعديون ڪيون ويون! هاڻي جڏهن متيون واقعو مون ڊائريءَ ۾ لکيو آهي، ته ٻيو حادثو ياد اچي رهيو آهي. بهتر ٿيندو اهو به لکي ڇڏيان. جڏهن منهنجو نظم ’هي سنگرام سامهون آ نارائڻ شيام‘ ”روح رهاڻ“ ۾ شايع ٿيو هو، تڏهن منهنجن مخالفن اهو نظم اردو ترجمي سميت آدم قد پوسٽرن تي ڇپايو هو، جن ۾ مون تي ڪاروائيءَ جو مطالبو ڪيو هيائون، ۽ پوءِ

اهي پوسٽر سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ هنيا ويا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ اولهه پاڪستان جو هڪ ٻيلي ڪاتي جو وزير سکر ۾ آيل هو، جنهن وٽ منهنجا ڪجهه مخالف ميڙاڪو ڪري ويئا ها ۽ هن کي اهو پوسٽر ڏيکاري چيو هيائون ته هو حڪومت کي مون تي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪري. مسٽر گل حسن منگي به اتي ويٺو هو جو ان وقت اولهه پاڪستان جي اسيمبليءَ جو ميمبر هو. وزير صاحب هن کي اهو پوسٽر ڏيکاري چيو هو، ”مون کي سنڌي ته نه ايندي آهي، اوهان ٻڌايو ته انهيءَ سنڌي نظم جي اها ساڳي معنيٰ آهي جا اُردو ترجمي ۾ ڏني وئي آهي؟“ ان تي منگي صاحب منهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه ڳالهائي معاملو رفع دفع ڪري ڇڏيو هو. مون کي جڏهن اها خبر پئي هئي تڏهن مان منگي صاحب وٽ ويو هيس ۽ پنهنجي احسان منديءَ جو اظهار ڪيو هيم. ان تي منگي صاحب مون کي هيٺين حقيقت ٻڌائي هئي:-

”ڪجهه غير سنڌي صحافي ۽ اديب وزير صاحب وٽ اهو پوسٽر کڻي آيا ها ۽ هن کي چيو هيائون ته شيخ اياز، جنگ (١٩٦٥ع واري) جي خلاف نظم لکيو آهي ۽ هو پاڪستان جو دشمن آهي. اتفاق سان مان اُتي ويٺو هوس. وزير صاحب اهو پوسٽر ڏسي مون کي چيو، ’مون کي سنڌي ته نه ايندي آهي. اوهان پڙهي ٻڌايو ته ان نظم ۾ ڪائي اعتراض جوڳي ڳالهه آهي يا نه.‘ اياز صاحب! مون اوهان جو نظم ڏاڍي ڌيان سان پڙهيو ۽ مون کي اوهان جي مخالفن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون وزير صاحب کي چيو، ’نارائڻ شيام خدا جو هندڪو نالو آهي. شاعر سچ چيو آهي ته مان خدا کي گولي ڪيئن هڻان! دراصل هن جي مخالفن کي سنڌي ٻولي نه ٿي اچي، ان ڪري هو اعتراض ٿا وٺن. مون شاهه جو رسالو پڙهيو آهي. ان ۾ نارائڻ شيام، راڌي شيام، گنگا رام، سڀڪجهه آهي. ها، باقي مون کي هڪ ڳالهه تي اعتراض آهي. ڪنهن به مسلمان شاعر کي پاڪستان کان پوءِ اها واڪي ٻولي لکڻ نه گهرجي.

خدا خدا آهي، نارائڻ شيام اسان جو خدا نہ نہ آهي. شاهہ جو رسالو ٻيءِ ڳالهہ آهي، اهو پاڪستان کان اڳ لکيو ويو آهي.“ منگي صاحب پوءِ مون کي ڏسي محبت سان چيو، ”مون شاهہ جو رسالو پڙهيو آهي. مون کي سڀ ڪجهہ معلوم آهي. پر اسان مسلمان آهيون، اسان جو نارائڻ شيام، راڏي شيام، گنگارام سان ڪهڙو ڪم!“ مان هن جي مهرباني مڃي، گهر موٽي آيو هوس. نارائڻ شيام، راڏي شيام تہ ٺهيو، پر گنگارام وڏي ڳالهہ ٿئي.

جي ڪجهہ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا اردو اديب، سبطِ حسن، محسن ڀوپالي وغيره ان پوسٽر جي جواب ۾ اشتهار شايع ڪري منهنجو بچاءُ نہ ڪن ها تہ نارائڻ شيام تہ ويٺو دليءَ ۾ هائڪو لکي ها پر مون کي جيتري گنڌهہ جي پيٽ ۾ پوريو وڃي ها.

مون کي ياد ٿو اچي تہ منهنجي خلاف نڪتل پوسٽر کان ڪجهہ وقت پوءِ سيد باقر شاهہ (جو غالباً ان وقت سنڌ نئشنل عوامي پارٽي سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صدر هو) ۽ تنوير عباسي منهنجي آفس ۾ آيا ها ۽ مون کي چيو هيائون ”تو اهو نارائڻ شيام وارو نظم ’روحِ رهاڻ‘ ۾ ڇو شايع ڪرايو؟ توکي ڪهڙو حق آهي جو تو اڏين پوري جيئي سنڌ تحريڪ کي پريشانيءَ ۾ وڌو آهي؟“ مون جواب ڏنو هو، ”مان جيئي سنڌ تحريڪ کان وڌيڪ پنهنجي ضمير سان ذميدار آهيان.“

١٩٦٥ع ۾ جڏهن ٻين نظربندن سان گڏ جيل مان منهنجي رهائيءَ جو آرڊر آيو هو تڏهن مون سان گڏ ٣٠/٤٠ ٻيا نظربند بہ پوليس جي پهري ۾ ٻاهر آندا ويا ها جي سڀ هندو هيا. ٻاهر پوليس جي وئن (گاڏي) بيٺي هئي. مون کي اُن وقت ٿري پيس (Three piece) ڊل سوٽ پيو هو. هڪ پوليس جي صوبيدار، جنهن مون کي قيدي نہ سمجهيو هو، ٻين سڀني

نظربندن کي هٿڪڙيون هڻي ڇڏيو. قيدين مان هڪڙو ڪٿو ته هن جيل جي سپاهيءَ کان پڇيو ته ”باقي هڪ قيدي ڪٿي آهي.“ ان تي سپاهيءَ مون ڏانهن اشارو ڪيو پر صوبيدار کي ان ڳالهه تي اعتبار نه آيو ۽ هن کان پڇيائين، ”هن صاحب لاءِ ٿو چئين ڇا؟“ جڏهن سپاهيءَ ورنديءَ ۾ هائو ڪئي تڏهن هو هٿ ڪڙي کڻي مون ڏانهن وڌيو پر مون هن کي هٿ سان اشارو ڪري چيو، ”ترس، وڌيڪ نه وڌجانءِ. منهنجي رهائيءَ جو آرڊر جيل تي پهچي چڪو آهي. توکي ڪوبه اختيار نه آهي ته مون کي هٿڪڙيون هڻن.“ هن ڪوڙيون اکيون ڪري چيو، ”رهائيءَ جو آرڊر ته سڀني نظربندن جو جيل ۾ پهچي ويو آهي، پر فلاڻي صاحب جو آرڊر آهي ته....“

”تنهنجي فلاڻي صاحب جي ته ........“ مون ڊرتيءَ تي پيل سر هٿ ۾ کڻي، صوبيدار تي حملي لاءِ ٻانهن مٿي ڪئي، ته ايتري ۾ جيل جو سپرنٽنڊنٽ وڌي آيو ۽ هن کي چيائين ته ”اياز صاحب مشهور وڪيل آهي. هي رها ٿي چڪو آهي ۽ هن کي هٿڪڙي هڻڻ قانوني طور جائز نه آهي.“ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون صبر جو دامن هٿان ڇڏيو هو.

پوءِ مان ٻنهي هٿڪڙيءَ جي پوليس جي گاڏيءَ ۾ ويٺو هيس. ٿوريءَ دير ۾ صوبيدار اسان کي سکر جي مهاجر ڊپٽي ڪمشنر وٽ پيش ڪيو هو. هو هڪ مڪ جيترو ماڻهو هو پر قانون هن کي ازدها جيڏي ڇپ ڏني هئي. هن حب الوطنيءَ تي لنبي چوڙي واهيات تقرير ڪري پڇيو هو، ”اوهان کي ڇا ڇوٽو آهي؟“ ڪنهن قيديءَ ڇا چيو، ڪنهن ڇا. جڏهن منهنجو وارو آيو هو ته هن مون کان خاص طور پڇيو هو ”توکي ڪجهه ڇوٽو آهي؟“

”ڪنهن کي ڇوان؟“ مون جواب ۾ پڇيو هو.

”مون کي، ٻيو ڪنهن کي،“ هن چيو هو.

”نه“ مون ڙُڪائيءَ سان جواب ڏنو هو.

ڳالهين جي سلسلي ڪتان جو ڪٿي پهچايو آهي. بهتر آهي ته المدينه هوٽل ۾ موٽي هلان ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ ضامن جي درخواست واريءَ ڪاروائيءَ جو احوال مڪمل ڪيان. هتي رباني جهونگاري رهيو آهي—

* بنا کردند خوش رسمے به خاک و خون غلطیدن
خـدا رحمت کند آن عـاشقانِ پـاک طینت را

ربانيءَ کي به مون وانگر فارسي غزل سان محبت آهي. مون کي به هزارن ۾ فارسي شعر ياد آهن. رباني جهونگارڻ بس ڪري ٿو ته آءٌ حافظ جو هڪ شعر جهونگاريان ٿو—

* تا ز میخانه و مےء نام و نشان خـواهد بـود
سرِ ما خاکِ رهِ پیرِ مغان خـواهد بـود

شام جـو مان ۽ ربـاني اي. ڪي. بروهـي صاحب جي گهر وياسين. بروهي صـاحب سان منهنجي پراڻي واقفيت هئي—مان جڏهن ايل. ايل. بي ۾ پڙهندو هوس تڏهن ئي هن کي هڪ ڪامياب وڪيل ۽ فلسفيءَ جـي حيثيت ۾ شهرت هئي. هـو ٿياسافيءَ کان متاثر هو ۽ اسان هن جا ليڪچر ٿياسافيڪل هال ۾ ٻڌندا هياسين. هڪ ڀيري مان هن سان هن جي آفس ۾ مليو هوس، جا ڪراچيءَ ۾ سٽي ڪورٽ جي سامهون هڪ فليٽ ۾ هئي. پهرينءَ ملاقات ۾ ئي اسان جو هڪٻئي تي خوشگوار اثر ٿيو هو. ٻيءَ ملاقات ۾ مون هن کي ايم. اين. راءِ جو ڪتاب New Humanism ۽ هن جو ٽماهي رسالو Marxian Way

* مٽيءَ ۽ رت ۾ ليٿڙي چڱيءَ رسم جو بنياد رکيو اٿائون شال خدا انهن پاڪ سڀاوَ وارن عاشقن تي رحمت ڪري.

* ان لاءِ ته ميخاني ۽ ميءِ جو نالو نشان رهجي اچي، (اهو ضروري آهي ته) اسان جو سرُ پيرِ مغان جي رستي جي مٽي ٿي وڃي.

پڙهڻ لاءِ ڏنا ها. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون روزانيءَ 'ڊان' ۾ بروهي صاحب جي New Humanism تي هڪ آرٽيڪل پڙهي هئي جنهن مان اڻين ٿي لڳو ته هو ايم. اين. راءِ جي خيالات کان ڪافي متاثر ٿيو آهي. تينءَ ملاقات ۾ مون هن کان Marxian Way ۾ ڇپيل ايم. اين. راءِ جي لنبي مضمون Philosophy of Materialism جي باري ۾ پڇيو هو ته هن چيو هو ته مضمون نهايت چڱو لکيل آهي. مون کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي هئي ته بروهي صاحب، جو پاڻ هڪ روحانيت پرست آهي ۽ مئڊم بلئويٽسڪي، اڻني بيسنٽ ۽ ليڊ بيٽر وغيره کان متاثر آهي، اهو ايترو فراخدل آهي جو ايم. اين. راءِ جهڙي مادّيت پرست کي به هن جي بي انتها مطالعي ۽ ذهانت تي داد ٿو ڏئي!

جڏهن مون وڪالت شروع ڪئي هئي تڏهن بروهي صاحب پنهنجي سٽي ڪورٽ جي سامهون واري آفس منهنجي دوست ۽ ڪلاس فيلو، خالد اسحاق، کي ڏني، پاڻ بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ ۾ آفس کولي هئي جا پهرينءَ آفس کان ڪافي وڏيڪ ڪشادي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ شيخ عبدالقادر صاحب ۽ مون خالد اسحاق سان ڀائيواري ڪئي هئي. اسان کي وڪالت ڪئي چار مهينا مس ٿيا ها ته مون هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنهن اصيل جي پاران سنڌ سيفٽي ائڪٽ هيٺ هن جي گرفتاريءَ جي خلاف هيبيس ڪارپس جي درخواست (Habeous Corpus Petition) داخل ڪئي هئي. درخواست داخل ڪرڻ کان اڳ مان بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ ۾ بروهي صاحب سان مشوري لاءِ ويو هوس ۽ هن کي چيو هيم ته مون کي ٩١ ڪ. پ. ڪ تي ڪوئي اهڙو ڪيس نه ٿو ملي جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ ڪنهن سيفٽي ائڪٽ جي نظربند کي رها ڪيو هجي. ان تي بروهي صاحب چيو هو ته واقعي سنڌ هاءِ ڪورٽ هن مهل تائين اهڙيون سڀئي درخواستون خارج ڪري ڇڏيون آهن. بهر صورت هن مون کي ڪلڪتي

هاءِ ڪورٽ جي هڪ ڪيس پڙهڻ لاءِ ڇيو هو جنهن ۾ نظربند کي Bengal Criminal Law Amendment Act هيٺ جهليو ويو هو ۽ ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ نظربنديءَ جي آرڊر کي غير قانوني ٺهرائي، نظربند کي ڇڏي ڏنو هو. مان بروهي صاحب جي آفس مان نڪري رهيو هوس ته مون ڏٺو هو ته هن جي ميز تي شيشي هيٺان رام جيٺملانيءَ جو فوٽو رکيو هو. منهنجو ڌيان فوٽي ڏانهن ڏسي بروهي صاحب ڏڪ سان چيو هو، ”هي رام جيٺملاڻي آهي. هي منهنجو پارٽنر هيو. مون هن کي گهڻو روڪيو پر هن نه مڃيو ۽ هندستان هليو ويو.“ مون بروهي صاحب کي ٻڌايو ته ”رام مون سان شڪارپور جي نيو ايرا اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ مون کان ٻه سال سينئر هيو. اسان گڏجي اسڪول جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ، ماڪ (Mock) پارليامينٽ وغيره ۾ سرگرم حصو وٺندا هياسين.“ (جڏهن مان بمبئيءَ ۾ هوس* ته مون کي معلوم ٿيو هو ته رام پارٽ جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان هو ۽ تاج هوٽل ۾ رهندو ٻه هو ۽ آفس به اُتي ڪندو هو. مان پانيان ٿو ته هن گوبند مالهيءَ يا ٻي ڪنهن دوست معرفت مون کي چاءِ جي دعوت به ڏني هئي پر مان دليءَ هليو ويو هوس ۽ هن سان ملي نه سگهيو هوس.)

بروهي صاحب جي آفس مان موٽي، مون هن جي مشوري موجب درخواست تيار ڪري داخل ڪئي هئي. بينچ تي چيف جسٽس طيّبجي ۽ جسٽس ڪانسٽنٽائين هيا. مون کي انگريزيءَ تي ڪافي عبور هو ڇو ته مان شاگرديءَ واري زماني ۾ ٿي انگريزيءَ ۾ بحث مباحثا ۽ تقريرون ڪندو هوس ۽ ڪارل مارڪس

* مون کي ڪجهه سال اڳ معلوم ٿيو هو ته رام جيٺملاڻي آل انڊيا بار ائسوسئيشن جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو هو. هن جا اندرا گانڌيءَ سان اختلاف ٿي پيا ها ۽ غالباً گرفتاريءَ جي خوف کان آمريڪا هليو ويو هو.

جي انهيءَ قول تہ Judiciary is the bulwark of the status quo مون ۾ عدليہ کان مرعوب ٿيڻ جي گنجائش نہ ڇڏي هئي ۽ مان عدالت ۾ پاڻ کان گهڻو سينئر وڪيلن وانگر خود اعتماديءَ سان ڳالهائيندو هوس. مٿين ڪيس ۾ سرڪار جي پاران ائڊووڪيٽ جنرل مسٽر فتح چند آسودو مل هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو هو، جو مون تي اڳيئي مهربان هوندو هو. اتفاق سان مون اهو ڪيس کٽيو هو، جو پوءِ رپورٽ بہ ٿيو هو. هاءِ ڪورٽ مان موٽي مان بروهي صاحب کي ڪيس جي نتيجي جي باري ۾ ٻڌايو هو ۽ مشوري لاءِ هن جو احسان بہ مڃيو هو. هو اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ چيو هيائين، ”هاڻي تہ ٻين لاءِ بہ ڏگ کلي پيو. مون تہ سيفٽي ائڪٽ هيٺ نظربنديءَ خلاف تي درخواستون وڌيون هيون پر ٽئي رد ٿيون هيون. تو الائي ڪيئن عدالت کان اهو فيصلو ورتو آهي.“

مون کي هن جي نهٺائي ڏاڍي وڻي هئي. هو ڪراچيءَ جو هڪ وڏو وڪيل مڃيو ويندو هو ۽ هن جي پاڻ کان هڪ گهڻي جونيئر وڪيل جي همت افزائيءَ، منهنجن نظرن ۾ هن جو درجو اڳي کان بہ بلند ڪيو هو.

جڏهن مان سکر ۾ وڪالت ڪندو هوس تہ ڏهن هڪ ڀيري بروهي صاحب سکر جي سيشن ڪورٽ ۾ سيد سعيد محمد شاهہ جي پاران قتل جي مقدمي ۾ وڪيل ٿي آيو هو ۽ پنهنجي مدد لاءِ خالد اسحاق کي بہ آندو هيائين. پهرئين ڏينهن ٿورو ڪيس هليو هو ۽ خالد صاحب منهنجي آفس تي مون کان ڪجهہ قانوني ڪتاب وٺڻ آيو هو. ڳالهين ڪندي خالد مون کي چيو هو تہ ”مون کي ڪراچيءَ ۾ ڪافي ڪيس رکيل آهن ۽ جي تون سگهي تہ تون منهنجي پاران انهيءَ ڪيس ۾ بروهي صاحب جي مدد ڪر.“

بروهي صاحب آغا بدرالدين خان درانيءَ جي اوطاق تي

ترسيل هو. مان آتي ويس ته هو سڪ سان مليو. ٿوريءَ دير
کان پوءِ هن انگريزيءَ ۾ سرڪاري ڊر ۽ بچاءُ جي ڪيس
جو نهايت ذهانت سان تجزيو ڪيو ۽ مون کان پڇيو ته
”تنهنجو ڇا خيال آهي؟“ مون کي وري به هن جي نهٺائيءَ
تي پيار آيو هو. اسان آتي ٿي رات جي ماني کاڌي هئي ۽
پوءِ بروهي صاحب چيو هو، ”هل ته براج تان گهمي اچون.“
پوءِ اسان ڪار ۾ نڪتا هياسين ۽ براج جي ساڄيءَ پر تي ڪار
روڪي هئي. ڪار مان لهي بروهي صاحب چيو هو ”هل ته
سنڌوءَ ماءُ جا پير ڇهون (Let us touch the feet of
Mother Indus). آن وقت چوڏهينءَ جي چنڊ جو پاڇو پاڻيءَ
۾ پئجي رهيو هو. چنڊ جي پاڇي ڏانهن اشارو ڪري، بروهي
صاحب چيو هو ته ”جي ڪنهن کي خبر نه هجي ها ته آسمان
۾ چنڊ آهي جنهن جو پاڇو پاڻيءَ ۾ پئجي رهيو آهي تہ هو
آن پاڇي کي ئي اصلي حقيقت سمجهي ها.“ ڳالهيون ڪندي
مغرب جي مصوريءَ جي ڳالهہ نڪتي هئي. مون هن کي
سئلويدار ڊاليءَ جي هڪ عجيب و غريب تصوير جي باري ۾ ٻڌايو
هو جنهن ۾ هڪ نيگرو غلام ستل ڏيکاريل هو، جو ننڊ ۾
پنهنجي ديس جو خواب ڏسي رهيو هو. بروهي صاحب آن وقت
مون ڏانهن حيرت مان ڏٺو هو ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي
چيو هيائين، ”تعجب آهي. مون کي به ساڳو فن پارو خيال
۾ هو ۽ مون آن جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ پئي چاهيو پر تو
مون کان اول آن جي ڳالهہ ڪئي.“

جنهن وقت هو پاڪستان جو وزير قانون هو ته مون سکر
۾ هن کي هڪ آل پاڪستان ادبي ڪانفرنس تي مهمان خصوصي
ڪري گهرايو هو ۽ ڪانفرنس جي صدارت مون خود ڪئي هئي.

مان ٻڌايان ٿو ته جنهن وقت هو هندستان ۾ پاڪستان
جو هاءِ ڪمشنر هيو، هن جي الطاف گوهر سان ڪجهہ رنجش

تي پئي هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن هو استعفا ڏئي، ڪراچيءَ موٽي آيو هو ته منهنجي هن سان ملاقات ٿي هئي ۽ مون کي هن ٻڌايو هو ته جڏهن هن رام ڪرشن پرم هنس جي ورسيءَ تي تقرير پوري ڪئي هئي، ته جواهرلال نهروءَ هن کي پيار سان ڀاڪر پاتو هو. هن مون کي وڌيڪ ٻڌايو هو ته جڏهن به نهروءَ کي ٻڌايو ويندو هو ته پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر آيو آهي ته نهرو پنهنجي اي-ڊي-سيءَ کي چوندو هو ته ’چئه ته بروهي آيو آهي.‘ جڏهن ١٩٦٣ع ۾ مان دهليءَ ۾ هوس ته منهنجي دوست شيام ڀاٽيا، جو دهليءَ ۾ سنڌو سماج جو سيڪريٽري هو، انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪندي چيو هو ته جڏهن بروهيءَ رام ڪرشن پرم هنس جي ورسيءَ تي تقرير ڪئي هئي ته اتي موجود سنڌين جا ڳاٽ فخر کان اوچا ٿي ويا ها. (غالباً ورسيءَ تي صدارت ڀارت جي پريزيڊنٽ مشهور فلاسافر راڌا ڪرشنن ڪئي هئي.)

منهنجي بروهي صاحب سان هڪ ملاقات تڏهن ٿي هئي جڏهن ڀٽو صاحب وزير خارجه هو. اُن وقت بروهي صاحب مون کي ايوب خان جو هڪ خط ڏيکاريو هيو جنهن ۾ لکيل هو ته جنهن وقت ايوب خان لنڊن مان موٽي ايندو ته هو بروهي صاحب کي ملاقات لاءِ گهرائيندو. غالباً اُن وقت ايوب خان ڪامن ويلٿ منسٽرس ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويل هو. اُن وقت بروهي صاحب ڀٽي صاحب تي ڏاڍو رنج پئي نظر آيو. ان تي مون بروهي صاحب کي چيو هو ته ”ڀٽو صاحب ڏاڍو تيز سياستدان آهي. دشمن کي گهٽ نه سمجهڻ گهرجي.“ جنهن تي بروهي صاحب چيو هو ”مان هن کي ان جو به اهل نه ٿو سمجهان ته هن کي پنهنجو دشمن سمجهان.“ مون کي اها انا بروهي صاحب جي اُنهيءَ شخصيت سان متضاد لڳي هئي جا مون اڳ ڏٺي هئي. منهنجو خيال هو ته سنڌ به نهايت اهم

ڪيو ۽ ڇپائين نه سنڌ ۾ اندر الاجي ڇا پيو وهي واپري! ته ڇا ڪيو آهي جو توتي اهڙو سنگين مقدمو ڪيو اٿائون؟"
مون هن کي چوڻ ٿي چاهيو "سنڌو ماءُ جا پير چمڻ ايڏو آسان نه آهي ۽ اُن جي ڏاڍي گهري قيمت ادا ڪرڻي ٿي پوي، پر پوءِ ارادو ڦيرائي هن کي چيم، "اڳ جڏهن منهنجن ڪتابن تي بندش پئي هئي ته مون اوهان کي ٻڌايو هو ته سنڌ ۾ ڪيئي دقيانوسي اديب مون سان حسد ڪندا آهن ۽ آهي ادبي محاذ تي مون سان مقابلي جا اهل نه آهن، ان ڪري هو مون تي ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون ڏيندا آهن ۽ حڪومت کي منهنجي خلاف درخواستون ڪندا آهن جن ۾ مون تي ملڪ دشمن ڪاروائين جا الزام هڻندا آهن. انهن کي اُلٽي ڪوپري آهي ۽ هو ايستائين ويا آهن جو لکيو اٿائون ته آزاد نظم ۽ معرا نظم (Blank Verse) به غير اسلامي آهن ڇو ته دنياي اسلام جي شاعرن بحر و وزن جي پابندي ڪئي آهي. اتفاق سان ڪجهه روزانيون اخبارون هنن کي ملي ويون آهن ڇو ته انهن جا ايڊيٽر به منهنجي اڳيان احساس ڪمتريءَ جو شڪار هوندا آهن. هو گهڻو ڪري پراڻي قسم جا غزل لکندا آهن جي لکڻ جو هر پنوازي لکي سگهندو آهي."

ان تي بروهيءَ چيو، "مان خود سنڌي اخبارون گهٽ گهرائيندو آهيان ۽ مون کي معلوم نه آهي ته انهن ۾ ڇا ڇپجي رهيو آهي. بهر صورت ١٢ تاريخ تي مان به طفيل سان گڏ هوندس ۽ تنهنجي ضمانت ٿي ويندي." مون هن جو ٿورو مڃيو ۽ ٻاهر اچي رٻانيءَ ۽ ديوان کي بروهيءَ سان ڪيل گفتگوءَ جو ضروري حصو ٻڌايو. رستي تي مون رٻانيءَ کي چيو ته "مون بروهيءَ کي پنهنجن رجعت پرست همعصرن جي باري ۾ صحيح حقيقت ڏني هئي. مان پاڻيان ٿو ته جي ڪوئي شاعر واقعي شاعر آهي ته هن جا دوست ۽ دشمن هن کي سڃاڻڻ ۾ دير نه ٿا لائن. هن جا همعصر ان تي مشتعل ٿين ٿا ته هي پنهنجي

زندگيءَ جي نظريي جي باري ۾ ايترو مطمئن ڇو آهي ۽ اُن کي پنهن تي مسلّط ڇو نہ ڪري. هر سچو شاعر سماجي شعور ۾ ولوڙا وجهندو آهي. هو پنهنجي چوڌاري دنيا جي شعور مان پنهنجا نتيجا ڪڍندو آهي. هن جا همعصر، جي ڪجهہ خيالن ۽ تصوّرن جا عادي هوندا آهن، هن جي نون خيالن تي پوسرجندا آهن، جن کي هو ڪنهن طوفان جي اڳ ڪتي سمجهندا آهن جا هنن جي ساريءَ دنيا کي ڪک پن وانگر اڏائي ڇڏيندي. هر عظيم شاعرجو وجود اناالحق جو آواز آهي ۽ دار و رسن جي آزمايش کي دعوت آهي. ڳالهين ڪندي مون رہانيءَ کي ٻڌايو تہ زمان ۽ مڪان جو فاصلو مون لاءِ ڪائي رڪاوٽ نہ آهي. ڪبير، جاڌسي، ڀٽائي وغيره منهنجا اڻين دوست آهن جيمن هو ۽ ديوان آهي. منهنجا انهن سان ذاتي تعلقات آهن. ڪيئي ڀيرا مان اُنهن سان گفتگوءَ ۾ محو رهيو آهيان. اطالوي شاعر ڊانٽي (Dante) پنهنجي ڪتاب 'جهنم' (Inferno) ۾ ماضيءَ ۾ پنهنجي مرغوب شاعرن کي جنهن طرح ڪيڪاريو آهي، ان مان آءٌ پانيان نہ تہ ڊانٽي بہ مون وانگر زمان ۽ مڪان جا فاصلا آسانيءَ سان ٽپي ويندو هو. 'رات اسان جي ميخاني ۾، آيو خرقہ پوش' وارو نظم مون اڻين لکيو هو جڏهن تہ حافظ سان منهنجي ملاقات ڪالهہ ڪراچيءَ جي شنگريلا (Shingrila) بار ۾ ٿي هئي. ڀٽائي تہ منهنجي پير ۾ هوندو ئي هوندو آهي ۽ سامي منهنجو انت آد جو پاڙيسري آهي. مغربي فلسفيءَ برگسان اُنهن شين ۾ رشتي جي تلاش ڪئي هئي جن کي وقت وڇوڙيو هو. مان پانيان نہ تہ اهڙو رشتو آهي ۽ شاعر زمان ۽ مڪان جي سرحد کان ٻاهر دوست ۽ احباب ٻڌائي سگهي ٿو. علامہ اقبال پيرِ روميءَ سان اڻين گفتگو ڪئي آهي، جڏهن هڪ ڏينهن اڳ هن ڪان مدرسي ۾ سبق ورتو اٿائين ۽ ٽئگور Poems of Kabir لکڻ وقت اڻين تہ لڳي جڏهن ڪبير جي ست سنگ ۾ ويٺو آهي. ان ڳالهہ کي شايد انگريز شاعر ڪيٽس (Keats) بہ سمجهيو هو، جنهن پنهنجن سيني دوستن، جيئرن ۽ مئلن، سان ميخاني ۾ ملڻ تي چاهيو."

ديوان مون کي حيرت سان پئي ڏسي رهيو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ هن مون کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو ۽ هو سوچي رهيو هو ته هي شخص ڪير آهي؟

هوٽل تي آياسين ته ڪامريڊ پوهو آئي اڳيئي ويٺو هو. ايتري ۾ نثار آيو ۽ چيائين، ”فوزيه اوهان کي سڀاڻي لاءِ رات جي ماني‌ءَ جي دعوت ڏني آهي. مون ڊاڪٽر عاليه‌امام کي به اچڻ لاءِ چيو آهي جا منهنجي دوست آهي.“

پوءِ، ڪافي دير ڪچهري ڪندا رهياسين. ديوان، جو بروهي صاحب جو ڀڻائي آهي، ڪجهه وقت هن جون ڳالهيون ڪندو رهيو.

١١ نومبر تي پڻي موٽي آيو ۽ سارو ڏينهن ڪچهري ڪندا رهياسين. رباني‌ءَ به ٿي ڀيرا منهنجا اهي لفظ ورجائي ٿهڪ ڏنا ها ته ”ڪامريڊ پوهوءَ جي ويران زندگي‌ءَ ۾ فلاڻي اڪيلو زهريلو گل آهي“ ۽ آها فلاڻي منهنجي ان وقت کان واقف هئي جڏهن هن جي سانوري‌ءَ ڇاتي‌ءَ تي به نڍيا سيتا ڦل نڪتا ها.

ستين بجي شام جو اسان سڀ نثار جي گهر وياسين. نثار، نثار جي زال فوزيه، نثار جي ڀيڻيوئي رشيد آخوند ۽ هن جي زال قمر اسان جو آدرڀاءُ ڪيو. نثار جي زال عربي نسل جي آهي پر ڄائي سنڌ ۾ آهي ۽ صاف سنڌي پئي ڳالهايائين. قدرت هن کي هڪ نهايت پيارو مکڙو ڏنو آهي. نثار ۽ فوزيه مان ايتري پنهنجڪائي ٿي بکي، جو اسان محسوس ئي نه ڪيو ته اسان پهريون ڀيرو هنن جي گهر آيا آهيون. رشيد آخوند سنڌي‌ءَ جو مشهور ڪهاڻي‌ڪار آهي ۽ ڪراچي‌ءَ جو برڪ وڪيل آهي. هو ڪمپني‌لا ۾ خاص طور ماهر آهي. جڏهن هو پڙهندو هو، هن جو پيءُ سکر جو ڊپٽي ڪمشنر هيو. اُن وقت هن مون سان هڪ شرارت ڪئي هئي (ڪنهن منهنجي آفس ۾ فون ڪري مون سان عورت جي آواز ۾ ڳالهايو هو ۽ منهنجي‌ءَ شاعري‌ءَ

تي جندجان فدا ڪئي هئي. پوءِ اها فون ڪال روز ايندي هئي ۽ جڏهن مان ايتري عقيدت ڏسي، ڪجهه پنو هوس ته آها فون ڪال اوچتو بند ٿي وئي هئي ۽ وري نه آئي هئي. ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن منهنجي رشيد آخوند سان ملاقات ٿي هئي ته هن ٺهڪ ڏئي چيو هو ته اها شرارت هن ڪئي هئي ۽ هو اها فون ڪال نثار کان ڪرائيندو هو. ان ڪري جڏهن گيتا 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' پڙهي (جو جگت آڏواڻيءَ منهنجي رسالي 'ڪهاڻي' ۾ ڇپايو هو ۽ جنهن جا پروف گيتا ڏنا ها) مون کي ڏاڍيءَ سڪ سان سڪر خط لکيو هو ته مون اهو سوچي ته ڪوئي هندستاني اديب مون سان شرارت ڪري رهيو آهي، هن کي جواب نه ڏنو هو پر جڏهن مان بمبئيءَ ۾ سانتاڪروز ايئرپورٽ تي لٿو هوس ۽ آيل ميزبانن جي مون سان سڃاڻپ ڪرائي وئي هئي تڏهن انهن ۾ مان گيتا جي موهڻي صورت ڏسي حيران ٿي ويو هوس.

ٿوريءَ دير ۾ ڊاڪٽر عاليامام آئي. هوءَ وچولي وهيءَ تي پهچي چڪي هئي؛ مان پانيان ٿو ته ڪجهه سال اڳ هوءَ ڏاڍي پرڪشش هوندي.

”اياز صاحب، اوهان سان غائبانه واقفيت ته ڪافي آهي؛ دراصل ڪراچيءَ جا سيئي اديب اوهان جي نالي کان واقف آهن، پر منهنجي ڪوشش جي باوجود، اوهان سان اڳ ملاقات نه ٿي سگهي آهي. نثار به اوهان جون ڏاڍيون ڳالهيون ڪندو آهي.“ عاليه چيو.

ڳالهيون ڪندي مون هن کي چيو ته ”منهنجيءَ شاعريءَ ۾ منهنجي خيالات جي يڪسوئي آهي، ۽ اها يڪسوئي منهنجي نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ آهي ۽ ٻنهي ۾ منهنجي 'World Sense' (دنيا جي شعور) جو اظهار آهي. مون شاعري ذهين ورهين جي

عمر ۾ شروع ڪئي هئي. منهنجي قوهہ جوانيءَ کان وٺي هن وقت تائين ان يڪسوئيءَ ۾ ڪوئي فرق نہ آيو آهي“.

ڊاڪٽر عاليہ امام، جنهن اُردوءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي آهي، چيو تہ ”مان سنڌي زبان تہ نہ ڄاڻان، پر مون اوهان جا ڪجهہ ترجما اُردوءَ ۾ پڙهيا آهن ۽ اُنهن کان ڪافي متاثر ٿي آهيان. مون ٻڌو آهي تہ اوهان نہ فقط اُردوءَ ۾ شاهہ عبداللطيف جو منظوم ترجمو ڪيو آهي پر شاهہ کان سوا ٻين شاعرن جا ۽ پنهنجي ڪلام جا بہ اردوءَ ۾ ترجما ڪيا آهن“.

مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ هن چيو، ”ڪجهہ اُردوءَ ۾ ٻڌايو تہ اسان اوهان جي شاعريءَ کان لطف اندوز ٿيون.“ ان تي مون هن کي مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڪلام جو هي منظوم ترجمو ٻڌايو:-

پھر وہی بادِ بہار آنے لگی
جسم و جاں سے بوئے یار آنے لگی
بادلوں کی چھاؤں میں کیا بات تھی
یادِ جاناں بار بار آنے لگی
روح کی گہرائیوں سے دفعتاً
کوئی کھوئی سی پکار آنے لگی
میری آنکھوں سے برسنے کے لئے
کوئی رسم انتظار آنے لگی
مدّتوں کے بعد ”سانگی“ آج پھر
زخمِ پنہاں پر بہار آنے لگی

مون غزل پڙهي پورو ڪيو تہ عاليہ حيرت مان پڇيو، ”ڇا واقعي هي سانگيءَ جو ترجمو آهي“. مان اُن وقت گلاس ۾ سوڍا وجهي رهيو هوس. هن کي مرڪي جواب ڏنم، ”سوڍا سانگيءَ جي آهي، وسڪي منهنجي آهي.“ اهو ٻڌي عاليہ ٽهڪ ڏئي چيو، ”مون تہ سمجهو هو تہ سوڍا ۽ وسڪي، ٻئي اوهان جا آهن“.

پوءِ عاليه مون کي ٻين منظوم ترجمن ٻڌائڻ جي فرمايش ڪئي.

مون ساميءَ جو منظوم ترجمو پڙهيو ۽ جڏهن هن کي هي شعر ٻڌايم ته هن جي چپن مان سيسرات ٻڌڻ ۾ آيو:—

میں کیسے تجھے سمجھاؤں سکھی وہ پھولوں کی کوملتا ھے
میں ایک مہک بن جاتی ہوں جس وقت سجن گھر آتا ھے

مون ساميءَ جو ترجمو پورو ڪيو ته عاليه پڇيو، "ڇا اهو لفظ 'سامي' ۽ هنديءَ جو لفظ 'سوامي' ساڳي ڳالهه آهن؟"

مون چيو ته "نه، سامي به هنديءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ ارفع ۽ اعليٰ (Sublime) آهي. 'سوامي' ٻيو لفظ آهي جو سنڌيءَ ۾ به هنديءَ وانگر ساڳيءَ معنيٰ ۾ مستعمل آهي".

جڏهن مون ٻيا ڪجهه اُردو ترجما عاليه کي ٻڌايا ته عاليه چيو، "اوهان جو اُردو شاعريءَ ۾ به پنهنجو مقام آهي. ڇا اوهان اڄا تائين اُردوءَ ۾ لکو ٿا؟"

مون هن کي چيو ته "شاعر پنهنجي فن کي منطقي نتيجي تي رکيو پنهنجيءَ مادريءَ زبان ۾ پهچائي سگهندو آهي. شيڪسپيئر روسيءَ ۾ لکي ها ته شيڪسپيئر نه ٿي سگهي ها ۽ پشڪن انگريزيءَ ۾ لکي ها ته پشڪن نه ٿي سگهي ها. مون ورهاڱي کان اڳ اردوءَ ۾ ڪڏهن به شاعري نه ڪئي هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اُن وقت به مون کي اُردوءَ تي ڪافي عبور هو ۽ منهنجو اُردوءَ جو مطالعو نهايت وسيع هو. سن سٺيتاليهه ۾ مون جڏهن نارائڻ شيام کي بمبئي وڃڻ لاءِ پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهيو هو ته مون کي سنڌ جي ادبي دنيا ڊانوانڊول ٿيندي نظر آئي هئي. سنڌي اديبن جي اڪثريت هندو هئي ۽ اهي لڳ ڀڳ سڀئي لڏي ويا ها ۽ ڪراچيءَ جي سرناگتيءَ واريءَ لئبرريءَ کان وٺي شڪارپور جي جماڻي هال واريءَ

لئبرريءَ تائين سڀ لئبرريون لٽيون ويون هيون ۽ سنڌي ڪتاب ڪراچيءَ جي فٽ پاٿن تي رديءَ ۾ وڪاڻا ها. اُن وقت مون بي‌انتها تنهائي محسوس ڪئي هئي ۽ پيدا ٿيل خلا کي پرڻ لاءِ مون ڪيئي اُردوءَ جا اديب دوست ڪيا ها ۽ انجمن ترقي‌پسند مصنفين ۽ حلقہءِ احباب ذوق جي نشستن ۾ شريڪ ٿيندو هوس. پهريون ڀيرو مون اُردوءَ ۾ شاعري ١٩٤٨ ۾ ڪئي هئي ۽ ڪيترائي نظم انجمن ۽ حلقي ۾ پڙهيا ها جي ڏاڍو پسند ڪيا ويا ها. اهي نظم اصلي هوندا ها پر مان پڙهڻ وقت چوندو هوس ته اهي منهنجن سنڌي نظمن جو منظوم ترجمو آهن. هڪ دفعي حلقي جي هڪ نشست ۾ الطاف گوهر چيو هو ”اياز، تون پٿو داد ٿو گهرين. هڪ پنهنجي اصل سنڌي نظم لاءِ ۽ ٻيو اُن جي منظوم ترجمي لاءِ“ هن کي پڪ هئي ته اهي اُردو نظم اصلي آهن ۽ ترجمو ٿي نٿا سگهن. ان وقت مان ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس. ڪجهه وقت کان پوءِ مون شدت سان محسوس ڪيو هو ته ڪراچيءَ ۾ مُنهنجي سنڌي شاعري ختم ٿي ويندي، ۽ جيتوڻيڪ مان وڪالت مان ڪافي ڪمائيندو هوس، مان اوچتو ڪراچيءَ کي خيرباد چئي سکر هليو ويو هوس. سکر ۾ ٻه منهنجن ادبي دوستن ۾ اُردوءَ جا اديب آفاق صديقي، حسن حميدي، فتح‌الله عثماني ۽ ٻيا ها. اُنهن سان گڏجي مون ڪيئي اُردو-سنڌي ڪانفرنسون سکر ۾ ڪرايون هيون. سال ١٩٥٢ع تائين مون اُردوءَ ۾ شعر لکيو هو ۽ شاهه جي رسالي جو منظوم ترجمو به اُتي ڪيو هيم. ان دور ۾ منهنجي دوست آفاق صديقيءَ منهنجي اُردوءَ جي مجموعہءِ ڪلام کي ’بوئےگل نالهٴ دل‘ جي نالي سان ترتيب ڏئي شايع ڪرايو هو ۽ اُن ۾ گهڻو ڪري اُهي غزل، گيت ۽ نظم شامل هيا جي مون ڪراچيءَ ۾ لکيا ها ۽ حلقي ۽ انجمن ۾ پڙهيا ها. منهنجي ڪجهه نئين اُردو ڪلام جو انتخاب به آفاق صديقيءَ جي مُرتب ڪيل ڪتاب ’ريگزار کے موتی‘ ۾ ڇپيو هو. مان

حمايت علي شاعر سان گڏ اُردو رسالي ’شعور‘ جو مدير به هوس، جو حيدرآباد مان شايع ٿيندو هو. پوءِ وري مون سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي هئي ۽ ’پونر پيري آڪاس‘ ۾ ڇپيل بيت ۽ دوها مون تي ساوڻ جي مينهن وانگر ٿيا ها. مان اڄا تائين سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهيان ۽ اُميد ته آخر تائين سنڌيءَ ۾ لکندو رهندس. سنڌيءَ جو هر لفظ مون سان صديون ساٿ رهيو آهي، ڇو ته منهنجي وجود جو حصو آهي؛ مان اُن ۾ جنهن ڳالهه جو اظهار ڪري ٿو سگهان، دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اُن تي ڪيتري به مهارت حاصل ڪري، ايترو ڀرپور اظهار ڪري نه سگهندس. ان ڪري ئي ڪورٽن ۾ ڪيئي ڪلاڪ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ هزارها انگريزي ڪتابن جي مطالعي جي باوجود، مون انگريزيءَ ۾ ڪنهن ادبي تخليق لاءِ سوچيو به نه آهي“. عاليه مون سان اتفاق ڪيو ۽ چيو ته ”غالب پنهنجيءَ فارسي شاعريءَ کي ’نقشهاي رنگ رنگ‘ ته چيو آهي پر هو زنده جاويد فقط پنهنجيءَ اُردو شاعريءَ جي ڪري ئي آهي.“

رات جي ٻارهين بجي تائين اسان ڳالهيون ڪندا رهياسين ۽ پوءِ اسان هوٽل تي موٽي آياسين.

هوٽل جي ڪمري ۾ مون ربانيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”هن وقت چوب-چيني ڪٿي هوندي!“

ربانيءَ ٺهڪ ڏئي جواب ڏنو، ”پنهنجي مڙس جي ڪڇ ۾.“ (’چوب چيني‘ ٻين ڪيترن لفظن وانگر منهنجيءَ ۽ ربانيءَ جي نجي نام-مالها (Private Vocabulary) جو لفظ آهي، جو ڪجهه سال اڳ مون هڪ نهايت پياري ماڻهوءَ تي رکيو هو، جنهن کي دل چيڻ چاهيو هو پر جنهن کي موقعي نه ملڻ سبب مان چڱيءَ طرح ڇهي به نه سگهيو هوس.)

۱۲ نومبر تي رباني صبح سان حيدرآباد هليو ويو. مان، پٽي ۽ ديوان ۸ بجي هاءِ ڪورٽ پهتاسين. طفيل صاحب آتي

پهچي چڪو هو ۽ ٿوريءَ دير ۾ بروهي صاحب به پهتو. ۹ بجي اسان کي جسٽس خميساڻيءَ جي چيمبر ۾ سڏ ٿيو. طفيل صاحب تقرير ڪئي؛ ائڊووڪيٽ جنرل جواب ڏنو ته ”في الحال ته حڪومت شيخ اياز کي انهيءَ ڏوهه ۾ گرفتار ڪرڻ نه ٿي چاهي ۽ ان ڪري گرفتاريءَ کان اڳ ضمانت (Pre-arrest bail) جي قانون ۾ گنجايش نه آهي“. ان تي بروهي صاحب چيو ته ”جي سڀاڻي حڪومت ارادو ڦيرائي ته پوءِ؟“ جسٽس خميساڻيءَ ان تي چيو، ”پوءِ ٻي درخواست وجهجو“. ائين چئي ضامن جي درخواست خارج ڪري ڇڏيائين.

جسٽس خميساڻي علي ڳڙهه مان ايل. ايل. بي ڪئي هئي. پهرين خيرپور ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ غالباً اتي مسلم ليگ جو صدر هو ۽ جنهن وقت مان سکر آيو هوس ته هو سکر ۾ وڪالت ڪندو هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ هو ڪراچيءَ لڏي ويو هو ۽ بروهي صاحب جي فرم ۾ شريڪ ٿيو هو، جتان هو ائڊووڪيٽ جنرل ڪري کنيو ويو هو، ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ هاءِڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هو. جسٽس خميساڻيءَ جي چيمبر مان نڪري مون بروهي صاحب کي چيو ”مان سکر ويندس ته پوليس مون کي گرفتار ڪندي. هو هاڻي فقط قانون کي گوهي ڏئي ويا.“ ان تي بروهي صاحب چيو ”مان توکي سرٽيفڪيٽ ٿو لکي ڏيان ته ائڊووڪيٽ جنرل عدالت، ۾ زباني طور چيو آهي ته پوليس توکي في الحال گرفتار ڪرڻ نه ٿي چاهي ۽ جي توکي گرفتار ڪيائون ته اهو توهين عدالت جو ڏوهه ٿيندو“ مون سوچيو ته ’مون کي ته گرفتار ڪري، هٿڪڙيون هڻي، ساري سکر ۾ گهمائيندا، پوءِ ڪنهن تي توهين عدالت جو مقدمو ٿيو ته به ڇا، جي نه ٿيو به ته ڇا!‘

بهر صورت مان طفيل صاحب ۽ بروهي صاحب جو احسان مڃي، دوستن سان گڏجي هوٽل تي موٽي آيس. ٿوريءَ دير ۾

سامان ٻڌي، مون نثار جي گهر فون ڪيو ۽ فوزيہ کي ٽڪيٽ ڪري، پنهنجيءَ ۽ ديوان سان گڏ ڪار ۾ حيدرآباد روانو ٿيس. رستي تي مون پنهنجيءَ کي چيو، ”سوچيو مون کي ڏسي، توتي طنز ڪندو آهي تہ تون سانچو پانزا آهين. هاڻي جيڪر هن ڪان پڇون تہ سچين ’ڊن-ڪيڪين‘ سان هو وڙهي رهيو آهي يا اسان؟“ پوءِ مان حيدرآباد تائين ڪار ۾ چُپ رهيس. رستي تي مان سنڌ جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ۽ من ۾ چئي رهيو هوس، ’خدايا! ڇا نہ قوم آهي هيءَ! ڪيترو نہ صبر ڏنو آهي تو ان کي! ان ارغون ڏٺا، ترخان ڏٺا، ٽالپر ڏٺا.... ان کي ٻلِيون وڏيون ويون.... آن جا ماڻهو صديون گهوڙا ڪندا رهيا.... ساريون عقوبتون برداشت ڪري وئي.... سڀئي ختم ٿي ويا پر هيءَ اڃا زنده آهي.... ڪيترو نہ صبر، ڪيتري نہ طويل عمري مِلي آهي هن کي........‘

منجهند جو حيدرآباد پهتاسين ۽ فاران هوٽل ۾ ماني کاڌي سين. مانيءَ کانپوءِ مون ربانيءَ کي ادبي بورڊ ۾ فون ڪيو. ربانيءَ تعجب سان پڇيو، ”ڪٿان ٿو ڳالهائين؟“ مون جواب ڏنو، ”حيدرآباد مان، فاران هوٽل مان!“

ان تي ربانيءَ وري پڇيو، ”هوٽل ۾ ڪمرو تہ نہ ورتو اٿي؟“

مون چيو، ”هاڻي ڪمرو وٺان ٿو. ڇو؟“

”ڪمرو نہ وٺ،“ ربانيءَ چيو، ”يڪدم هيڏانهن هليو اچ. وڏيڪ هتي ٿو ٻڌايانءِ.“

مان هوٽل جو بل ڏئي، پنهنجيءَ ۽ ديوان سان ڪار ۾ نڪتس. رستي تي هڪ وڏو جلوس مليو جنهن جي وچ ۾ هڪ ڪار آهستي ٿي وئي، جنهن تي گلن جا هار پيل ها. ماڻهن زنده باد ۽ مرده باد جا نعرا ٿي هنيا. پڇا تي معلوم ٿيو تہ پوليس مير رسول بخش ٽالپر کي گرفتاريءَ هيٺ وٺي وڃي رهي هئي.

”پر منهنجو پُٽڙي يا وليخان سان ڇا؟ مون کي آنهن سان گڏ ڇو گرفتار ڪيو اٿائون؟“

رباني ۽ مُرڪندي وراڻيو، ”تون پاڻ کي گگدام ڇو سمجهندو آهين؟ تو حڪومت کي گهڻ مٿي جو سور ڏنو آهي؟ سنڌ ۾ باهه ٻاري ڇڏي ٿي.“ اهو ڇئي هن پڇيو، ”پر هاڻي ڪيڏانهن هلون؟ ڪٿي مٿو ڇُپايون؟ جمال رند وٽ هلون؟“

”ڇو نه،“ مون جواب ڏنو.

جمال رند رباني ۽ جو گهرو دوست آهي. حيدرآباد ۾ عمر ميمڻ واري پرو- آمريڪا نئشنلسٽ گروپ سان آهي، جو رسول‌بخش پليجي جو سخت مخالف آهي. جمال رند جيئي سنڌ تحريڪ جي سرگرمين ۾ بهرو وٺندو آهي ۽ سرائڪي ٻولي ڏادي مٺي آواز ۾ ڳائيندو آهي.

ڪار ۾ رباني حافظ جو هي شعر جهونگاري رهيو هو-

* اگر غم لشکر انگيزد که خونِ عاشقان ريزد
من و ساقي بهم سازيم و بنيادش براندازيم

عجيب ڳالهه آهي ته رباني ۽ کي حافظ ۾ به سازش نظر آئي هئي!

ڪار لطيف‌آباد ۾ جمال رند جي گهر جي ٻاهران روڪي هن سان ملياسين. هن کي احوال ڏنوسين ۽ رات گذارڻ جي باري ۾ مشورو ڪيوسين. جمال رند چيو ”منهنجو گهر ننڍڙو آهي ۽ اوهان سڀئي آئي مشڪل سان رهي سگهندؤ“

ان تي رباني ۽ چيو، ”جمال ابڙي وٽ ڇو نه هلون. هن نئون بنگلو ٺهرايو آهي. هن وٽ ڪافي جاءِ هوندي. پر ڏچندو ته نه؟“

---

* جيڪڏهن غم ان لاءِ لشڪر ڪٺو ڪري ته عاشقن جو خون وهائي، ته مان ۽ ساقي پاڻ ۾ سازش ڪري آن جو بنياد ڪيڏي وجهون.

”ڪيئن چئجي، هن وقت هلي ٿا ڏسون،“ مون جواب ڏنو. ٻاهر نڪتاسين ته بچو ڳم هو. رباني چيو، ”هي ڪنهن انعام جي لالچ ۾ ٿاڻي تي اطلاع ڏيڻ ته نه ويو؟“

اڌ ڪلاڪ گذري ويو پر بچو ڪونه موٽيو ته رباني چيو ته ”بهتر ائين ٿيندو ته ڪار هتي ڇڏي هليا هلون. ائين نه ٿئي ته پوليس مٿان اچي وڃي.“ ايتري ۾ ديوان چيو ته هو شام واري ٽرين تي ويندو ڇو ته هن کي پنهنجي ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ نهايت ضروري ڪم هو ۽ سپاٽي مون سان سکر ۾ ملندو. مون کلي چيو، ”واٽيا، پڇي ٿو وڃين؟“ ديوان جواب ڏنو، ”جن کي پڇڻو هو، سي اڄ کان گهڻو اڳي پڇي ويا. مان واٽيو ڪٿي آهيان؟ ڳوٺ ۾ سڀ مون کي جڪراٽي ڪوٺيندا آهن. چڱو، سپاٽي سکر ۾ ملنداسين“. اهو چئي، ديوان پنهنجي بئگ کنئي ۽ رمندو رهيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ بچو موٽي آيو. اچڻ سان چيائين، ”صاحب! واهه جو ڌڪڙ تي اٿو لڳو آهي. ماڻهن جا هشام هوٽل تي ريڊيو پيا ٻڌن. ايوب خان تي گارين جو ڌوڙيو پيو پئي ۽ ’ڀٽو زنده باد‘ جا نعرا ٿا لڳن، پر خبرن ۾ گرفتار ٿيلن جي نالن ۾ اوهان جو نالو ته ڪونه هيو.“ ”تو ريڊيو پاڻ ٻڌو هو؟“ مون هن کان پڇيو.

”هائو صاحب، مون پاڻ ٻڌو هو، مون کي ڦاڙهي جيڏا ڪن آهن. اوهان جو نالو ڪونه هيو،“ بچي جواب ڏنو. مون هن جي ڪنن ڏانهن ڏٺو. واقعي هن کي ڦاڙهي جيڏا ڪن هيا ۽ اُن وقت ائين لڳي رهيا ها جڻين شوالي تي ڏيئا ٻرندا آهن. بهرصورت اسان کي اُن رات سکر نه وڃڻو هو، سو اسان لطيف آباد ۾ جمال ابڙي جي گهر آياسين. جمال موجود هو. اسان هن جي ڊرائنگ روم ۾ ويٺاسين ۽ هن کي احوال ڏنوسين. جمال چيو ته ”هاڻي ٽي.وي تي خبرون ايندڙيون، آهي ٿا ٻڌون.“ خبرن

۾ منهنجو نالو به آيو. پوءِ جمال مهمان خاني جو ڪلف کولي اسان جو سامان رکايو ۽ چيائين ته ”هي مهمان خانو ٽيهن ڏينهن بند رکيو هو جيستائين توهان اچين ۽ اُن ۾ ٻه ڏينهن مهمان ٿي رهين“. مون کي پنهنجي انهيءَ گمان تي ڏاڍو شرم آيو ته جمال ڊچي ويندو. اسان سامان رکي هيٺ اچي ڊرائنگ روم ۾ ويٺاسين. ايتري ۾ هن جو ڀاءُ ڪمال ابڙو به آيو جو انجنيئر آهي ۽ پاڻ سان وسڪيءَ جي بوتل به آندائين. جمال ابڙو سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار ۽ منهنجن ذهين ترين دوستن مان آهي. هو نه فقط هڪ باضمير جج آهي، پر هڪ نهايت پيارو انسان به آهي. هن جي ڀاءُ ڪمال جا ڪيئي آفيسر دوست آهن ۽ اُنهن جي ذريعي هن منهنجي لاڙ ۽ ٿر جي سير سفر جو انتظام ڪيو هو. مان جمال جو اهو احسان لاهي نه سگهندس ڇو ته منهنجن ٽن ڪتابن ’جل جل مشعل جل جل‘، ’هي گيت آڇايل مورن جا‘ ۽ ’رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي‘ تي انهيءَ سير و سفر جو ڪافي اثر آهي. هڪ ڀيري فرانس جي عظيم شاعر بودليئر تي هندستان ڏسڻ جو خبط سوار ٿيو هو. شايد هو پانڊيچريءَ ۾ فرينچ ڪالونيءَ ڏانهن ٿي ويو. پاڻيءَ جو جهاز جڏهن اڃا پورو ڇ سمنڊ ۾ هو ته هو ڪنهن فرينچ ڪالونيءَ ۾ لهي پيو هو ۽ اُتي ڪجهه وقت ترسي پيرس موٽي ويو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ سمنڊ جو سفر فقط اهوئي ڪيو هو پر اُنهيءَ سفر جو اثر هن جي شاعريءَ تي آخر تائين رهيو هو. ان طرح مان پانيان ٿو ته انهيءَ ٿر ۽ لاڙ جي سفر جو اثر نه فقط مٿين ٽن ڪتابن تي ٿيو آهي پر ڪيتري وقت تائين منهنجي شاعريءَ تي ان جا پاڇا وان پوندا رهندا. * آندري مالرو (Andre Malraux)

* آندري مالرو- فرانس جو عظيم ناول نگار، آرٽ جو نقاد، نازي جرمنيءَ خلاف جدوجهد ۾ ڊي گال جو ساٿي ۽ ڊي گال جي ڪئبينيٽ ۾ ڪلچر منسٽر.

آرٽ تي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته پڪاسو (Picasso)* تي آفريڪي صنم تراشيءَ جو اثر آهي ۽ هو اُن جو احسان لاهي نه ٿو سگهي. ٿر جو منهنجي شاعريءَ تي به اهڙوئي احسان آهي.

ٿر جي سفر ۾ منهنجا ٻيا ساٿي ابراهيم جويو، جمال ابڙو ۽ رشيد ڀٽي هيا. ميرپورخاص ۾ رات رهي اسان صبح جو جيمس آباد پهتا هياسين ۽ ڪجهه دور وڃي اسان منڙائوءَ جي ڪڙ ورتي هئي. منڙائوءَ جا ڪجهه منظر اڃا تائين منهنجين اکين جي اڳيان ڦري رهيا آهن ۽ ان جا منتظر آهن ته ڪڏهن ٿو انهن کي نظم جي صورت ۾ آندو وڃي. منڙائو کان ڦري اسان نئين ڪوٽ، ڏيپلي، مٺي، اسلام ڪوٽ، ڀالوا، ويراواهه ۽ نگرپارڪر ويا هياسين. ان سفر ۾ مون ڏٺو هو ته جمال ابڙي جي سنڌ جي عوام سان ڪيتري نه محبت آهي!

هڪ ڀيري هن چيو ته ”ٿر ۾ چوندا آهن ته ڪنڊڪ ته ميوو آهي“! ٻي ڀيري چيائين ته ”جيستائين مينهن پوندو آهي، هتي مارو سڪل ڀيرون کائيندا آهن ۽ جي وات چلجي پوندو اٿن ته ڀيرُن جو ڦڪ ڀري، مٿان پاڻيءَ ڍُڪ ٻي چڏيندا آهن.“ ٿري ماڻهن ۾ هن جي ايتري دلچسپي ۽ انهن سان ايتريءَ همدرديءَ منهنجو من موهي وڌو هو. هڪ ڀيري چيائين ته ”ٿري نوڪر هونءَ ته گهر ۾ راضي هوندو پر اُتي جو واءُ لڳندو ته ناسون ڦنداري چوندو ته ٿر وُٺو آهي، ۽ پوءِ ڀڄي ويندو“. جمال جي ٿر جي ڏند ڪٿائن (Myths) ۽ ڪهاڻين (Legends) ۾ گهري دلچسپي آهي. آب ۾ ڪنوڻ ڏسي چيائين، ”ڀڪرار ڪنوڻ جڏهن ڪجندي آهي ته واسينگ نانگ لڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر هن جو پڇ ٻ ر کان ٻاهر ئي هوندو آهي، ته مينهن پوندو آهي. جمال سان گڏ گذاريل ڪيئي امر گهڙيون منهنجين اکين جي اڳيان ڦرن ٿيون. اسان نگرپارڪر ۾ ڀهاڙ جي ڀب جي

* پڪاسو- مغرب جو عظيم مصور- امن جي فاختہ جو خالق.

ڪلاڪ ساندهه پنهنجا شعر حافظي مان پڙهي سگهندو آهيان. اڪثر اوقات مان شعر رستي ويندي جوڙي وٺندو آهيان ۽ اهو منهنجي ذهن ۾ محفوظ رهندو آهي ۽ آهو پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڪاغذ تي آتاري ڇڏيندو آهيان. ان رات به جمال وٽ مان اٽڪل ٻارهين بجي رات تائين پنهنجا شعر پڙهندو رهيس. شاعريءَ منهنجي دل کي ڪافي سڪون ڏنو ۽ مون ائين محسوس ڪيو ته هي دور به گذري ويٺو آهي، حڪومت جو جبر منهنجي شاعريءَ کي متاثر نه ڪري سگهي؛ منهنجا ڪتاب ڀلي بندش هيٺ آندا وڃن پر منهنجي شاعري آهو درياءَ آهي جنهن کي هو ڪوئي بند ڏئي نه ٿا سگهن. مون کي اهو سوچي اطمينان آيو ته جابر حاڪم منهنجيءَ شاعريءَ کان ڊڄن ٿا، انهن جي ايوانِ اقتدار جا ٿوڻيون ٿنيا ڏڏي وڃن ٿا ۽ هو منهنجي شاعريءَ کي ڪابيءَ ڏر جي انقلابي سياست جيترو ئي خطرناڪ سمجهن ٿا ۽ ان ڪري مون کي پيٽي ۽ ولي خان سان گڏ ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ڪرڻ چاهن ٿا.

مون پٺيءَ کي چيو، ”اچوڪو ڏينهن ياد رکجانءِ. ايوب خان جو زوال شروع ٿي چڪو آهي.“ پوءِ مون هن کي ميڪاوليءَ جو هي قول ٻڌايو ــ

No body ever killed his successor.

رباڻيءَ کي، جنهن جي طبيعت ۾ ڪوئي ڇپيل ميڪاولي آهي، اها چوڻي ڏاڍي وڻي.

صبح جو جمال ’عبرت‘ اخبار گهرائي هئي جنهن ۾ خبر هئي ته منهنجي خلاف به وارنٽ نڪتل آهن.

خبر پڙهي، مون کي جهٽڪو نه آيو. ائين محسوس ٿيو ڄڻ نئن گاڇ ۾ پٿرن وانگر منهنجو روح صاف ۽ سخت ٿي چڪو هو.

ابراهيم جويو ڪوهاٽ ويل هو. ان ڪري

ڪتان جو ڪتي وچي پهچايو. ڪيئي سال ٿيا.... 'هاٿي در' تي، ساميءَ جي گهر ڪان ڪجهه پري، اڌ رات جو مان هن جي گهر مان هيٺ لهندو هوس ۽ هوءَ ڏاڪڻ جي مٿئين ڏاڪي تي لالٽين جهلي بيهندي هئي ته جيئن ڏاڪڻ تي منهنجو پير نه ٿڙي وڃي. ڏاڪڻ تي پندرنهن ويهه ڏاڪا هيا ۽ مان هر ڏاڪي تان هيٺ لهي، منهن ورائي، هن ڏانهن ڏسندو هيس. هوءَ ڏاڪو ڏاڪو ڪري منهنجي پٺ تان لهي ايندي هئي ۽ مان هن سان چانئٺ تان بيهر موڪلائي، جڏهن گهٽيءَ ۾ لهندو هوس ته هوءَ به گهٽيءَ ۾ لهي ايندي هئي پر لوڪ لڄا جي ڀو ڪان، در اندران بند ڪري مٿي ڏاڪڻ تي موٽي ويندي هئي ۽ منهنجي دل ۾ ايندو هو ته مان هن جو دروازو کڙڪائي، هن کي وري هيٺ سڏيان. مون هوٽل تي لالٽين ڏانهن ڏسي ٿڌو ساهه ڀريو ۽ پوءِ بي اختيار فراق گورکپوريءَ جو هي شعر منهنجن چپن تي آيو....

يه نکهتوں کی نرم رَوی، يه هوا، يه رات
ياد آ رهے هيں عشق کے ٹوٹے تعلّقات

ٺڳڙن جي ڳوٺ ڪان اسان پرياڻوءَ وارو رستو ورتو ۽ سکر براج تي آياسين. اهو سارو رستو مان چپ هوس ۽ تعلقات جي ٽٽي چڪا ها، اُن تي سوچي رهيو هوس.

اسان ڪار جا شيشا چاڙهي ڇڏيا ها ته جيئن ڪوئي اندر ڏسي نه سگهي. رات جو ٻارهين بجي مان گهر پهتس ۽ تنوير ۽ پٽيءَ کان موڪلايم. چوڌاري چُپ چپات هئي، رڳو ڪجهه ڪتن جي ڀونڪار سانت کي رکي رکي توڙي رهي هئي. مون گهر جو پوئين دروازو کڙڪايو، جو منهنجي پٽ انيس کوليو. منهنجيءَ زال زرينه کي ڪشميري لوئي ويڙهيل هئي ۽ اُنهن تي لڳو چڻ سيئي بار هن جي لوئيءَ ۾ لڪا ويٺا ها. هوءَ مون کي ڏسندي ئي روئي ويئي. هن پهريون ڀيرو اوڇنگارون ڏنيون؛ هن کان اڳ مون هن کي گونگا ڳوڙها

ڳاڙهيندي ڏٺو هو. مون هن کي پرچايو ته ٻار رڙڻ لڳا. جڏهن سيٺي کي مانَ آئي ته مون هنن کي چيو ته "مون کي ساهيوال جيل ۾ موڪليندا."

انيس مون کي آتي سامان وغيره پهچائيندو جيستائين مان موٽي اچان."

"بابا، اوهان کي ڪيترو وقت جيل ۾ رکندا"، منهنجي ڌيءَ ياسمين پڇيو.

"ڪيئن چئجي!"، مون جواب ڏنو، "جي هاءِ ڪورٽ رٽ پٽيشن بحال نه ڪئي ته نظربنديءَ جو معياد حڪومت تي منحصر آهي"

"ساهيوال هتان ڪيترو پري آهي؟،" منهنجيءَ ٻيءَ ڌيءَ روحيءَ پڇيو.

"چار سؤ ميل"، مون جواب ڏنو.

"بابا، ٻين شاعرن کي جيل ۾ ڇو نه ٿا وجهن؟" منهنجيءَ ٽينءَ ڌيءَ نگهت پڇيو.

"گلخان نصير اڳي ئي جيل ۾ آهي. اجمل خٽڪ جو نالو مون سان گڏ ريڊيو تي ورتو اٿائون. گلخان بلوچيءَ جو ۽ اجمل پشتو جو شاعر آهي"، مون جواب ڏنو.

منهنجي ننڍي پٽ سليم جنهن اُردوءَ ۾ هٽلر تي ڪجهه ڪتاب پڙهيا هئا، پڇيو، "بابا، پاڪستان مان فاشزم ڪڏهن ويندي؟"

مون هن کي غور سان ڏسي چيو، "ڪيئن چئجي!"

"اوهان شاعري ڇڏي ڇو نه ٿا ڏيو؟" زرينه سڏڪا ڀريندي چيو. مون هن کي ڪوئي جواب نه ڏنو ۽ رڳو هن جا ڳوڙها اُگهيا. مون دل ۾ چيو ته "شاعريءَ کي ڇڏڻ جو فقط هڪ طريقو آهي ته مان روالور جي گوليءَ سان اُنهيءَ دل کي ختم

ڪري ڇڏيان جنهن تو لاءِ هيءَ مصيبت پيدا ڪئي آهي. پر مان اِهو هن وقت ڪري نه ٿو سگهان. مان نه مايا ڪووسڪيءَ وانگر بيوس آهيان ۽ نه وان گوگ (Van Goch) وانگر ديوانو."

زرينه وري ڳوڙها ڳاڙيندي چيو، "پر جي مان اوهان جي پرپٺ مري وڃان، ته ٻارن جو ڇا ٿيندو؟"

مون کي هڪ آسان جواب سجهي آيو جنهن تي هن کي ڪجهه اطمينان اچي وڃي ها. پر مون کي ان جواب جي صداقت ۾ پورو اعتبار نه هو ۽ ان ڪري مون هن کي ڪوڙي تسلي نه ڏني. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون هن کي چيو، "زرينه، زندگيءَ تي ڪوئي اعتبار نه آهي، ممڪن آهي ته مان جيل ۾ مري وڃان پر الاجي ڇو منهنجي دل چوي ٿي ته مون کي اڃا گهڻو ڪجهه لکڻو آهي، ايترو لکڻو آهي جيترو هن وقت تائين برصغير ۾ ڪنهن به شاعر نه لکيو آهي، ۽ اهو مان تو کان سواءِ سر انجام ڏئي نه سگهندس. ان ڪري تون اڃا ڪيئي سال زنده رهندينءَ."

مون هن جون چيلهه تائين ڊگهيون چوٽيون ڇڪي پنهنجيءَ ڳچيءَ ۾ زنجير ڪري وڌيون ۽ هن جي پنل چهرو وين اکين مان سرمائي ڳوڙها ڇمي ورتا. مون پوءِ ٻارن کي تسلي ڏئي چيو ته "لڳي ته ائين ٿو ته ايوب پنهنجيءَ تباهيءَ کي دعوت ڏني آهي. پنو هن جي گهر جو پيدي آهي ۽ هن جا ڪافي فوجي جنرل دوست آهن. اوپر پاڪستان ۾ اولهه لاءِ شديد نفرت آهي. حڪومت مرغيءَ وانگر تائيم-بم تي آرو ڪري رهي آهي.... مان ڀانيان ٿو ته مان گهڻو وقت جيل ۾ نه رهندس". ٿوريءَ دير کان پوءِ هو سمهي پيا. مان ۽ زرينه ساري رات جاڳندا رهياسين. مون چاهيو ته زرينه کي ڏُک تي ڏسي وڃان، ائين نه ٿئي ته موت اسان مان هڪ کي کنيي وڃي.

صبح جو سفر لاءِ سامان ٻڌي، مون ٻارن کي پيار ڪري، زرينه کان موڪلايو ٿي ته فون جي گهنٽي وڳي.

مون فون تي پڇيو، ”ڪير ٿو ڳالهائي؟“
جواب آيو، ”پرمانند جڪرائي!“
مون پڇيو، ”ڪٿان ٿو ڳالهائين؟“
چيائين ”حبيب الله وٽان“.

حبيب الله منهنجو مائٽ آهي ۽ جونيئر به رهيو آهي. هو پيپلز پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن آهي.

مون چيو، ”ديوان، اسان سمجهو هو ته تون ڀڄي ويو آهين، پر تون ته سچ پچ مڙس ماڻهو آهين.“

”متان نه مڃين!“، ديوان چيو، ”ڀلا هاڻي ڪٿي ملون؟“

”مان بار روم ۾ ٿو وڃان. تون به اتي هلي اچ“، مون جواب ڏنو.

ڏهين بجي مان سيشن ڪورٽ جي بار روم ۾ پهتس. چوته ايس.پي سکر وٽ پيش ٿيڻ کان اڳ مون پنهنجن دوستن سان ملڻ ٿي چاهيو، جن مان اڪثر وڪيل هيا. مان بار روم ۾ پهتس ته ڏٺم ته اتي سکر جو ڊپٽي ڪمشنر مسٽر فصيح الدين وردگ * ۽ تقريباً سکر جا سڀ وڪيل ويٺا ها. هو اتي ان ڪري آيا ها جو ڀٽي صاحب تي سرڪاري ڊرائيور جي غلط استعمال سبب ڪيل اينٽي ڪرپشن ڪيس جي حاضري اُن ڏينهن تي اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن جي ڪورٽ ۾ رکيل هئي. ڀٽي صاحب جي پاران ڪيس هلائڻ لاءِ جو وڪيلن جو پينل (Panel) ٺاهيو هيائون، اُن تي منهنجو نالو به هيو. مون کي ڏسي منهنجا دوست اٿي بيٺا. مان هر هڪ سان مليس ۽ وردگ کي به اشاري سان سلام ڪري چيم ته ”مان سامان ڀٽي آيو آهيان“

ٿوريءَ دير لاءِ ته بار روم تي خاموشي ڇانئجي وئي.

---

* فصيح الدين وردگ — هن وقت (١٩٨٦ع) اصغر خان جي تحريڪ استقلال جو اهم رُڪن آهي.

ان وچ ۾ منهنجن دوستن شمس‌الدين شاهه ۽ آغا بدرالدين وردگ سان ڪجهه سس ٻس ڪئي. مون دوستن کي احوال ڏئي ٻڌايو ته ”مان رات ڀهتو هوس ۽ ٻارن سان مليو، صبح جو گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿيڻ جو سوچيو هيم“. ايتري ۾ وردگ چيو ”اوهان ائين سمجهو ته مون اوهان کي ڏٺو ڪونه آهي. اوهان اچوڪو ڏينهن پنهنجي گهر آرام ڪيو ۽ سڀاڻي صبح جو ايس.پيءَ وٽ گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿجو.“ اهو چئي وردگ ٻار روم مان نڪتو ۽ پنهنجيءَ جيپ تي هليو ويو. وردگ آغا بدرالدين خان جو دوست آهي، جو منهنجو جونيئر رهيو آهي. مان ڀانيان ٿو ته شمس‌الدين شاهه ۽ آغا بدرالدين جي چوڻ تي وردگ مون کي مهلت ڏني. هونءَ وردگ مون سان نفرت ڪندو آهي ۽ مون کي وطن دشمن سمجهندو آهي. ائين ته نه آهي ته دنيا ڦري رهي آهي ۽ بيورو ڪرسي ڊچي ٿي!

ڪجهه وقت اڳ مون سکر ۾ ’سنڌي شام‘ جو انتظام ڪيو هو ته آغا بدرالدين ۽ شمس‌الدين شاهه جي دعوت تي سکر جو ڊپٽي ڪمشنر فصيح‌الدين وردگ، سيشن جج آغا علي حيدر * ۽ هاءِ ڪورٽ جو رٽائرڊ جسٽس فاروقي به سنڌي شام ۾ شريڪ ٿيا ها. سنڌي شام جو انتظام منهنجي جونيئر ۽ سنڌ جي ترقي‌پسند دانشور نبي بخش ** ڪوسي ڪيو هو. ’شام‘ جي ڪاروائي مجيب پيرزادي پئي هلائي. مجيب سنڌ جي اڳئين چيف منسٽر پيرزادي عبدالستار جو فرزند آهي. مجيب شاگردن جو هردل‌عزيز رهنما آهي ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جا شاگرد هن سان

---

* آغا علي حيدر ـــ جنهن وقت مان وائيس چانسيلر هوس ته سنڌ جو چيف جج هو ۽ پوءِ پاڪستان شريعت ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ رٽاير ڪيائين.

** نبي بخش ڪوسو هن وقت پاڪستان سيڪريٽريٽ جي O and M Division ۾ ڊائريڪٽر آهي.

والهانہ محبت ڪندا آهن ۽ پنهنجي والد صاحب وانگر هن ۾ بہ ليڊرشپ جون ڪافي خوبيون آهن*. سنڌي شام جي تنظيم ۾ هن جي دوستن روهڙيءَ جي سيّد عابد شاهہ ۽ ڪوسي جي دوست ارشاد عباسيءَ بہ ڪافي هٿ ونڊايو هو.

مٿيان آفيسر 'سنڌي شام' ۾ اهو سمجهي شريڪ ٿيا ها تہ ڪا راڳ رنگ جي محفل هوندي پر پليٽ فارم تان تقريرون ٻڌي هنن جا واڇٽ وڃي ويا ها. مون ڪراچيءَ مان ڊاڪٽر حسان کي دعوت ڏئي گهرايو هو. منهنجو خيال هيو تہ جيترا بہ مهاجر دانشور سنڌ جي صوبائي خودمختياريءَ جي بحاليءَ ۽ اُن جي زبان ۽ ثقافت جا حامي هجن، اُنهن کي 'جيئي سنڌ تحريڪ' ۾ شامل ڪيو وڃي. ان ڪري سنڌي شام ۾ سکر جي مشهور ترقي پسند شاعر حسن حميديءَ ۽ اُردو اديب فتح الله عثمانيءَ بہ شرڪت ڪئي هئي، سنڌين مان شيخ عبدالمجيد سنڌي، ابوالڪلام حفيظ قريشي، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، شاگرد رهنما جام ساقي، تنوير عباسي، سنڌ جو بزرگ شاعر عبدالڪريم گدائي ۽ نياز همايوني (جنهن جا ماهيا ڏاڍا مشهور آهن) ۽ ٻيا شامل ٿيا ها. ٻڌندڙن ۾ هزارين ماڻهو ها ۽ سارو ليوڪس پارڪ ڀريو پيو هو. سنڌي پليٽ فارم تي اهو پهريون جلسو هو جنهن سي.ايس.پي افسر شاهيءَ کي ٻانورائي وڌو. وردگ ٻنان دعوت جي پليٽ فارم تي اچي چيو تہ مان بہ ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو. هو سي.ايس.پي آفيسر آهي ۽ سي.ايس.پي ڊپٽي ڪمشنر ايوب خان جي آمريت جي پاران ضلعي جا مطلق العنان حاڪم آهن. هو مغربي پاڪستان جي سنڌي وزيرن کان وڌيڪ اهميت ٿا رکن ۽ ان ڪري انهن مان اڪثر آء.سي.ايس آفيسرن کان بہ وڌيڪ خود سر ۽ بددماغ آهن. وردگ اهو تصوّر بہ ڪري نہ ٿي سگهيو تہ جيئي سنڌ تحريڪ جا حامي ٻين سنڌين

* مجيب پوءِ وڪالت ڪئي ۽ ڪجهہ وقت منهنجو جونيئر هو ۽ مون سان پاڪستان عوامي ليگ ۾ هو.

ڪان مختلف آهن جي هن جي ڪيسي ۾ پيا آهن ۽ هن جي خوشامد ۾ ڦوليا نه سمائيا آهي. جي هن ڪي جيئي سنڌ تحريڪ جي ٿوري به خبر هجي ها ته هي شينهن جي ڏر ۾ گهري نه اچي ها. جي-ايم-سيد جي تحريڪ في الحال 'بزم صوفياءِ سنڌ' جي نالي سان ڪم ڪري رهي آهي. جڏهن سيد تحريڪ جو اهو نالو تجويز ڪيو هو ته محترم حيدربخش جتوئيءَ ان جي مخالفت ڪندي چيو هو ته اهو ته سيد پيران پير ٿيڻ ٿو چاهي؛ پر مون سيد جي حمايت ڪندي چيو هو ته اهو نالو ٺيڪ آهي ۽ جيستائين ايوب خان کي پتو پوي ته هي چريا صوفي ڪير آهن، تيستائين تحريڪ به اهم وانگر پکڙجي ويندي. اڄ انهيءَ تحريڪ جي پهريـن آزمائش هئي جنهن جا ثقافتي ميڙ سنڌي شام جي نالي سان مشهور ٿي چڪا ها.

وردگ کي اسٽيج تي اچي پنهنجيءَ غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ هن پنهنجي بوکلاهٽ ۾ چيو، "اوهان جو شاهه عبداللطيف به ته مهاجر هيو." ان تي مجيب پيرزادي هن جي تقرير کي وچ ۾ ڪٽي چيو ته "جي سيئي مهاجر شاهه عبداللطيف جهڙا ٿين ته اسان انهن کي به سنڌي سمجهنداسين ۽ انهن سان به ساڳي محبت ڪنداسين". وردگ جا اهڙيءَ گستاخيءَ تي طاق لڳي ويا. سي-ايس-پي مطلق العنانيت لاءِ حقارت جي ايتري جراءت هن جي خواب خيال ۾ به نه هئي. هن ڦڪي منهن سان به چار اکر وڏيڪ چئي، پنهنجي تقريـر پوري ڪئي. ڪجهه دير کان پوءِ مشاعرو شروع ٿيو ته مقصود احمد حميدي، جو به هڪ سي-ايس-پي آفيسر آهي ۽ سکر ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر آهي ۽ منهنجو دوست آهي، مون کي چيو "اياز صاحب! اوهان ته اُردوءَ ۾ به ڪافي منظوم ترجما ڪيا آهن. ڪوئي منظوم اردو ترجمو پڙهيو ته اوهان جا اردوءَ وارا دوست به سنڌي شاعريءَ جو لطف وٺن." ان مطالبي جي ڪجهه سنڌين مخالفت ڪئي پر هڪ ته مقصود احمد حميدي پاڻ اُردوءَ جو دانشور آهي،

ولي خان جي گرفتاريءَ تي گهٻرائجي ويو آهي جو مون سان ايتريءَ مروّت سان هلي رهيو آهي؟“

بار روم ۾ مون دوستن سان ٿوري دير ڳالهايو. هو ڪجهه سهميل هئا، جيتوڻيڪ هو شدت سان محسوس ڪري رهيا ها ته ڪائي زبردست اٿل پٿل اچڻ واري آهي. مون انهن کي چيو ته ”پيا اقتدار لاءِ وڙهي رهيا آهن پر مان آرٽ لاءِ وڙهي رهيو آهيان؛ منهنجي شاعري اڳڪٿي آهي، جا اڄ نه سڀان، ڪڏهن نه ڪڏهن پوري ٿيڻي آهي. منهنجا خواب موجوده حقيقت جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن، ممڪن آهي ته جڏهن اهي حقيقت جو روپ وٺن، تڏهن مان نه هجان. پر جي مان ان جدوجهد ۾ ماريو وڃان يا مري وڃان ته منهنجي زندگي سجائي ٿيندي.“ پوءِ مون دوستن کان موڪلايو ۽ گهر موٽي آيس. ديوان پرمانند مون سان گڏجي هليو ۽ رستي تي اهو چِٽي لهي ويو ته سڀاڻي ايس-پي آفيس ۾ ملنداسين.

جڏهن مان گهر موٽي آيس ته منهنجي گهر جا ڀاتي مون کي واپس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا پر مون جڏهن هنن کي سارو احوال ڏنو ته هو ڪجهه مايوس ٿيا. پوءِ اسان سارو ڏينهن ڳالهيون ڪندا رهياسين. رات جو مان ۽ زرينه به ڪيتريءَ دير تائين ڳالهائي، ليٽي پياسين. تِڏي جو آواز رات کي ڪارائيءَ وانگر ڪپي رهيو هو ۽ مون کي ننڊ نه آئي.

ٻي ڏينهن مان صبح جو ٻڌل سامان سوڌو ايس-پي آفس ۾ ٩ بجي پهتس. ٿوريءَ دير ۾ منهنجا وڪيل دوست سيد شمس الدين شاه، رُڪن الدين قاسمي، آغا بدرالدين خان، فتح الله عثماني، حسن حميدي، مشهور شاعر فتاح ملڪ، شيخ حبيب الله، شيخ عبدالغني ڪوتاه قد، حنيف منگي، مظهر الحق، رشيد ڀٽي،

ديوان پرمانند، منهنجو پاڻيوار غلام مصطفيٰ شاهه * ۽ هن جو جهٽ علي بخش ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا. سيد شمس الدين شاهه ١٩٣٩/٤٠ ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو، علامه مشرقيءَ جي سڏ تي، ٻين ٽن شاگردن سان گڏجي، شيعن ۽ سنين جي وچ ۾ ٿيل فساد کي بند ڪرائڻ لاءِ موڪليل خاڪسارن جي جٿي ۾ شامل ٿي، مظفر نگر ويو هو، جتي هن کي قلم ١٤٤ جي ڀڃڪڙيءَ سبب سزا ڏني وئي هئي. اُتي جيل ۾ يو- پيءَ جي ڪانگريس حڪومت جا ڪجهه وزير آيا ها جن گرفتار ٿيل شاگردن سان نهايت شايستگيءَ ۽ محبت سان ڳالهايو هو، شاگردن کي يڪدم ٻي ڪلاس ڏنو هيائون ۽ مهيني کن کان پوءِ هنن کي ڇڏي ڏنو هيائون. جيل مان موٽڻ کان پوءِ شاهه صاحب بدلجي چڪو هو. هاڻي هو چوندو آهي ته هن جي زندگيءَ جو خاڪسار تحريڪ وارو دؤر، دور ِ جاهليت هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن جي سوڀي سان ملاقات ٿي هئي، جنهن هن کي مارڪسزم سان روشناس ڪرايو هو ۽ هن سنجيدگيءَ سان ڪجهه مطالعو ڪيو هو. ان دؤر جون ڳالهيون ڪندي هو رومين رولان (Romain Rolland) جي ڪتاب ژان ڪرسٽاف (Jean Christophe) جو ذڪر خاص طور ڪندو آهي. هن ۾ نهٺيءَ ۽ سنڪيءَ طبيعت جو عجيب ميل ميلاپ آهي. ائين آهي ته هو ڏاڍي سان ڏند ورلي ڏيندو آهي پر پو به هن کي ڏاڍ ڏمر تي غصو رهندو آهي ۽ هن جو هڏ هيٺي لاءِ ڪُرڪندو آهي. طبيعتاً صوفي منش آهي پر پو به هن کي

* غلام مصطفيٰ شاهه ويجهيءَ چڪ ۾ گذاري ويو. هو اُن وقت سنڌ جو لا سيڪريٽري. هو علي بخش ميمڻ سکر لا ڪاليج جو وائيس پرنسپال آهي، مظهرالحق ڪراچي يو- بي- ايل جو وائيس پريزيڊنٽ آهي ۽ فتاح، حبيب الله، عبدالغني ۽ حنيف هاءِ ڪورٽ جا مصروف وڪيل آهن.

ڪميسار (Commissar) ٿيڻ جو شوق هوندو آهي. هن کي دنيا بدلائڻ جو شوق آهي پر ان لاءِ هرويرو پنهنجي سلامتي داوَ تي نه لڳائيندو آهي. در اصل پنهنجي سلامتيءَ جو حِس هن ۾ ڪافي تيز آهي. هو منصور به نه آهي، مُلن جو به دشمن آهي. ڪافي سال اڳ سکر مان 'روشني' اخبار به ڪڍي هيائين جنهن جي هڪ ٻن پرچن جو ايڊيٽر مان به هوس. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ميان افتخارالدين جي 'آزاد پاڪستان پارٽيءَ' ۾ هو جتان هو نعپ ۾ شامل ٿيو هو. هن وقت 'نئشنل عوامي پارٽيءَ' جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ ضلعي جو صدر آهي ۽ ساڳي وقت هاري ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ به آهي. آغا بدرالدين خان منهنجو جونيئر رهيو آهي. هو ڪوٽ سلطان جو زميندار آهي ۽ وڏو جاندار شخص آهي. اسيمبلي سياست هن جو مرغوب مشغلو رهيو آهي. اڳينءَ اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ هن ڪافي ڀڄ ڊوڙ ڪئي هئي ۽ هارايو هيائين. اليڪشن جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ اسان ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ بيٺا هياسين ۽ اُتي هن کي هن جو هڪڙو اصيل مليو جنهن کي مٿي تي اڇي پڳ ۽ ڳچيءَ ۾ بوچڻ هيو. آغا هن کي بوچڻ کان ڇڪي گهوگهو ڏيندي ڌوڻيو ۽ چيو، "اڙي عوام! ڀيٽيان عوام! اوهان منهنجو قدر نه ڪيو." پوءِ ڌڪ ڏئي مون کي چيائين، "اُستاد! انهيءَ عوام جا گيت ڳائيندو آهين نه؟ مون کي ووٽ نه ڏنو تنهنجي عوام توڙي مون ان جي ايڏي خدمت ڪئي!"

اڳينءَ بي-ڊي اليڪشن ۾ هن ڪنوينشن مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي ڪٿيو هو ۽ پٿي صاحب جي منع ڪرڻ جي باوجود، هن سکر ۾ ايوب خان جي زبردست مخالفت ڪئي هئي. جڏهن اليڪشن جو نتيجو ظاهر ٿيو هو ته هن جا پوئلڳ هن کي جلوس ۾ وٺي، ڳچيءَ ۾ گلن ۽ نوٽن جا هار وجهي، بئنڊ باجن سان سکر جي گهٽين ۾ نڪتا هئا ۽ منهنجي آفس جي ٻاهران بيهي ڏاڍي زور سان بئنڊ وڄائي هيائون ۽ جڏهن

ڪجهه وڌيڪ وقت وڪالت ڪئي ها ته سپريم ڪورٽ جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان هجي ها!

ايس - پي آفس ۾ مون کي پوليس جي گاڏيءَ ۾ اڳيان پوليس انسپيڪٽر سان ويهاريائون ۽ پٺيان رائيفلن سان ڇهه سپاهي ويٺا. مون سڀني دوستن کي الوداع ڪري چيو، ”وري جيستائين ملون.“

ڊرائيور ميرپور ماٿيلي ۾ چاءِ پيئارڻ لاءِ گاڏي بيهاري ته جيئي سنڌ جي ڪارڪنن مون کي گاڏيءَ ۾ ڏسي ورتو ۽ ڏاڍا نعرا هنيائون ـــــ ايوب خان مرده باد، ون يونٽ مرده باد، شيخ اياز زنده باد، جيئي سنڌ، وغيره.

شام جو اسان پنج ند وٽ پهتاسون ته شفق هڪ مادر مهربان وانگر منهنجيءَ پيشانيءَ تي هٿ رکيو. وڻن جي ٽارين مان سانجهي سندور وانگر لڳي رهي هئي. مون پنجند جي ٻي پاسي هڪ هاري ڏٺو جو پنهنجي ڪوٺي کي ڪاهي پنڌ وڃي رهيو هو ۽ ائين ٿي لڳو ته هو ازل کان ابد تائين وقت آهي. پوليس جي گاڏي مون کي تيزيءَ سان اڳتي وٺي وئي.

رات جا ٻارنهن لڳا ته اسان ساهيوال پهتاسين. رات ۾ ٿڌي تنور ۽ پپل جي وڻن جي بوءِ هئي. ڪجهه پرڏان ريل جون انجڻيون هڪٻي کي سيٽيون هڻي رهيون هيون. رستي تي بجليءَ جي بتين رات جي پونڊڙ بارش ۾ ننڍڙا بيٽ ناهيا ها جي پري پري تائين نظر اچي رهيا ها ۽ انهن جي جهرمر ڪنڌڙ سطح تي پاڇا ڪنبي رهيا ها. اها رات سياري جي ٻيءَ ڪنهن رات جهڙي هئي، ڪالهوڪيءَ ۽ ٽيون ڏينهن واريءَ رات جهڙي ٿي هئي، هن پيري به آها ڏه ويهه سال اڳ واريءَ ڪنهن رات جهڙي هئي، پر جيئن اسان ڪار هوٽل وٽ ماني کائڻ لاءِ روڪي ۽ ڪار جون بتيون وسامي ويون ته مون کي زيان جو احساس ٿيو، جو مون پنهنجن لوڙن کي جهٽڪو

هڪبئي جو حصو آهن، ۽ ان ڪري ئي پوريءَ ڪائنات جو حصو آهن، جنهن جي نه ابتدا آهي، نه انتها آهي، جنهن ۾ رڳو وجود جو شعور آهي. پوءِ ننڊ مون کي ڪنهن جي آغوش ۾ وٺي وئي.

هاڻي صبح جا ڏهه لڳا آهن ۽ مون اڄڪلهه ٢٧ (ستاويهه) ڪلاڪ ساندهه لکيو آهي. مون کي ٿڪ ته ڪونه ٿيو آهي پر بخار اٿيئن ٿيندو ته اسٽو، (Stove) ٻاري ڪافي ٺاهيان. مون کي اڳئين جيل جو تجربو هيو ۽ ان ڪري گهران اسٽو، ڪافي وغيره هر قسم جو سامان ڪنيو هئم.

مون ٽينڪڙي کي سڏي اُن کان خاطري ڪئي جنهن چيو ته اهو آرڊر ملڪ صاحب جي باري ۾ آهي. مون اهڙي خاطري وري به ملڪ صاحب کي ڏني.

اڄ صبح جو ڏهين بجي ٽينڪڙو سهڪندو آيو ۽ چيائين، ”اڙي صاحب! وڏو دوکو ٿيو. اهو آرڊر ملڪ صاحب جو نه هئو، مير صاحب جو هئو.“

”ڪهڙو مير صاحب؟“ مون هن کان پڇيو.

”ڪوئي مير صاحب به هتي نظربند آهي جنهن کي آزاد ڪيو اٿائون“، هن جواب ڏنو.

پهرين منهنجو خيال مير رسول بخش ڏانهن ويو پر پوءِ سوچيم ته هن کي ته گجرات جيل ۾ رکيو اٿائون ۽ هن کي ساهيوال جيل آڻڻ جي ڪابه خبر اخبار ۾ نه آئي آهي.“

ٻارهين بجي ’پاڪستان ٽائيمس‘ آئي ته معلوم ٿيو ته اهو آرڊر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪنوينر خورشيد حسن مير جي باري ۾ هئو، جو به ساهيوال جيل ۾ نظر بند هو. پوءِ مون ڪي ملڪ صاحب کي سڏڻ جي جرائت نه ٿي ۽ نه وري هن ئي سڏ ڪيو. مان پاڻيان ٿو ته هن به اخبار پڙهي هئي.

منجهند جي ماني کائي، مون شام تائين ڪافي ننڊ ڪئي.

ننڊ مان اُٿي مون ڪالهوڪي ڊائري پڙهي، اُن ۾ ڪافي اضافا ڪيا. سياسي حالات تي سوچيندي، مون سوچيو ته رسول بخش پليجي اهو لفظ ’پنجابي مهاجر سامراج‘ ڪٿان آندو آهي؟ ڇا، هر پنجابي سامراجي آهي؟ ڇا هر مهاجر سامراجي آهي؟ عوام جا مسئلا ته ساڳيا آهن. مون کي ياد آيو ته منهنجو بهترين دوست مونس پنجابي هيو جو جوانيءَ ۾ مري ويو هو. مون سان هن جي واقفيت ١٩٤٦ع ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ ڪراچيءَ ۾ ڪرائي هئي. مونس سيالڪوٽ جو هو ۽ ڪراچي لا ڪاليج ۾ پڙهندو هو. منهنجي ڪنهن به همعصر جو ايترو مطالعو نه

يا چراخ آهي، جو ماکيءَ ۾ ٻوڙ ٿڦي آيو آهي“ ۽ پوءِ منهنجن چپن تي ڦڪي مُرڪ آڻي چيو هيائين ”تون ڇو تو لڳي ٿين؟ شاعر ان معاملي ۾ Exception (مُستثنا) هوندا آهن.“ حشوءَ کي ڪئسانووا (Casanova) ٽائيپ مرد نه وڻندا ها ۽ هو هڪ اڌ عشق جو قائل هو.

ڳالهيون ڪندي جڏهن هو ڪيپ ۾ آيو هو ته هن انگريزيءَ ۾ چيو هو، ”شانتي تون به.... تون به شانتي؟“ پوءِ هن ٽڏو ساهه ڀري هڪ گيت ۾ ڊبل پيگ پيتو هو ۽ هن کي ننڊ اچي وئي هئي.

اهو تذبذب حشوءَ جي ذهن ۾ ڪميونزم سان محبت وقت به پيدا ٿيندو هو. هو اڪثر ڪنهن جو قول دهرائيندو هو ته

I ahall live for Communism, I Shall die for Communism, but I ahall not live under Communism.*

حشو سوچي کي به چوندو هو—

You will always be used by communists and supply with your life and bones the foundation of a new building.**

سال ١٩٤٧ ۾ هن کي نظربند ڪري رکيو هيائون جو ته هو پنهنجيءَ فلئٽ ۾ ساري رات ڪجهه ٽائيپ ڪندو هو. (هو آن وقت سائين جي. ايم. سيّد جو ڪتاب ’نئين سنڌ لاءِ جدوجهد‘ My Struggle for New Sind جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو هو). جڏهن هن جو نظربنديءَ جو معياد وڌائڻ لاءِ هن کي مسعود کدرپوش وٽ

---

* مان ڪميونزم لاءِ جيئڻ چاهيان ٿو، ڪميونزم لاءِ مرڻ چاهيان ٿو، پر ڪميونزم هيٺ رهڻ نه ٿو چاهيان.

** ٿو کي ڪميونسٽ هميشه استعمال ڪندا ۽ تنهنجي حياتي ۽ هڏا هڪ نئينءَ تعمير جي بنيادن ۾ ڪم آئيندا.

(Free lancer) هو. هن پاڪستان جي باري ۾ ڪيترائي مضمون Pakistan Xrayed جي نالي سان 'هندستان اسٽائنڊرڊ' اخبار ۾ ڇپايا ها، جي هو The Uprooted and the Upright جي نالي سان مُرتب ڪري رهيو هو. مون کي ائين ٿي لڳو ته حشو ٺٺي چُڪو هو.

هن مون کي ٻڌهن چيو هو ته "منهنجي ماءُ جڏهن دهليءَ ۾ مري وئي ۽ جمنا جي ڪناري تي هن جي چکيا جلي رهي هئي، تڏهن ته چاٿان مون چا محسوس ڪيو هو جنهن منهنجي دنيا بدلائي ڇڏي آهي." هن کي ان ڳالهه جو به شديد احساس هو ته هن جي قوم هن جي بيقدري ڪئي هئي. هڪ ڀيري منهنجي ۽ رشيد ڀٽيءَ جي لڇمڻ ڪومل دهليءَ ۾ پنهنجي گهر تي ماني ڪئي هئي. دهليءَ جا ڪيترائي سنڌي اديب، مرد ۽ عورتون، اُتي آيا ها. حشو به موجود هو. رات جا اٽڪل ٻارهن لڳا ها، مان پنهنجو شعر پڙهي رهيو هوس ۽ چوڌاري وه واه ٿي رهي هئي. ايتري ۾ حشو، جو پيتل هو، اُٿي بيٺو ۽ مون کي ٻانهن کان وٺي چيائين، "شاعر، اُٿي بيهه!" جڏهن مان اُٿي بيٺس ته هن چيو، "منهنجن پيرن تي هٿ رک ته هنن کي معلوم ٿئي ته مان ڇا آهيان." مون هن جي پيرن کي ڇهيو هو ته منهنجين اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ها. هو پوءِ ويهي رهيو هو ۽ پنهنجيءَ دنيا ۾ گم ٿي ويو هو.

حشوءَ جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جا ڍير پيل هوندا ها ۽ هن جو سامان چوڌاري ٽڙيل پکڙيل هوندو هو. مون تي ته هن جو اثر رهيو آهي ۽ منهنجي ساري گهر ۾ ڪتاب ٽڙيل پکڙيل هوندا آهن. منهنجي ڪاڏي جي ميز ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن سان ڀريل هوندي آهي ۽ زرينه اُنهن کي روز هٽائي مانيءَ جي پليٽن لاءِ جاءِ ڪندي آهي. اها بي ڳالهه آهي ته انهيءَ بي خوديءَ جي باوجود، مون

ٿيو هو. مان ڪچهري روڊ تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ادبي ميٽنگن ۾ پنهنجي دوست شيخ عبدالستار سان گڏجي شريڪ ٿيندو هوس، جنهن جي ڪهاڻي 'رحيمان' گوبند مالهيءَ جي ڪتاب 'ريگستاني ڦول' ۾ شايع ٿي هئي. مون اُتي ڪيئي نظم پڙهيا ها ۽ انقلابي شاعر جي حيثيت ۾ ڪراچيءَ جي ادبي حلقن ۾ منهنجي ڌاڪ ڄمي وئي هئي. اهو سارو وقت منهنجو ابراهيم جوڻي سان ميل جول رهيو هو. اهو دؤر مون لاءِ نشي جو دؤر هو— جوانيءَ جو ڀرپور نشو، نون خيالن سان لهه وچڙ جو نشو، مطالعي جو نشو، شاعريءَ جو نشو، دوستيءَ جو نشو. مون سوين ڪتاب پڙهي ڇڏيا ها. بي.اي جي ساليانيءَ امتحان کان ٻه ڏينهن اڳ، مون اختر حسين راءِپوريءَ جو ڪتاب 'ادب اور انقلاب' ۽ قاضي نذرالاسلام جي شاعريءَ جو اردو ترجمو پڙهي پورو ڪيو هو ۽ ان ڪري مان آنرس جي پيپر ۾ نه ويٺو هوس. منهنجا ڪلاس فيلو مير محمد ميمڻ ۽ ٻيا مون تي کلندا هيا ته مان ايتري پڙهڻ جي باوجود، آنرس جي پيپر ۾ نه ويٺو هوس. ان دؤر ۾ مسلمان شاگرد بي.اي ۾ آنرس کڻڻ وڏي ڳالهه سمجهندا ها ۽ کهڙي ۽ قاضيءَ جي سياست تي بحث ڪري ٽائيم ضايع ڪندا ها. مان ڪلاس ۾ فقط خوبصورت ڇوڪرين جا چهرا ڏسڻ ويندو هوس نه ته پروفيسر اجوائيءَ جهڙي انگريزي ادب جي ڄاڻوءَ جا ليڪچر مون کي بور ڪندا ها ۽ حيرت ايندي هئي ته هن دؤر ۾ هو اسان کي Alexander Dumas جي ڪهاڻي Three Musketeers پڙهائي اسان جو وقت ضايع ٿو ڪري. مون روسي ادب ۽ New Writing ۾ شايع ٿيل مغرب جو جديد ادب پڙهيو هو، جنهن مون کي ان نتيجي تي پهچايو هو ته پروفيسر اجوائي ويهه سال اڳ جو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهي ۽ نئون دؤر هن کي گهڻو پٺ تي ڇڏي ويو آهي.

## ۹ ڊسمبر

اڄ باک ڦٽيءَ کان منجهند تائين شاهه جو رسالو پڙهندو رهيس. ’سُر سسئي آبري‘ پڙهي پورو ڪيم. هيٺيون سٽون ڏاڍيون وڻيون:—

سا مون هَٿان نہ ٿئي، جيڪا رسم راڄَ

—

منجهان راهہ رَچي، تيندينءَ لالُ، لطيف چوي

—

ٽَڪيائي ٽَر َ ٿيل، ڇَڙهہ ڇُڪيائي ڇونئين
هلندي هوتَ پنهونءَ ڏي، پَوَ مڙيئي پيل،
اَٿي، رائو ريل، ويڻَن ٽان واري، وَري.

’سُر سسئي آبري‘ پڙهي، من جو سائين ياد آيو. چاهيان ٿو تہ هن سان گڏ گذاريل وقت تي هڪ الڳ ڪتاب لکان....

اڄ منجهند جو منهنجو پُٽ انيس ملاقات لاءِ آيو هو. ويچاري ٻار کي ملاقات جي اجازت لاءِ لاهور ۾ ڏاڍا رولڙا ڪرڻا پيا ها. در در جون ٺوڪرون کاڌيون هيائين. لاهور جا آفيسر منهنجي ڏاڍو برخلاف ٿا نظر اچن. انيس جو منهن هيڻيل هو. ملاقات جي وقت بہ سي-آءِ-ڊي جا آفيسر اسان جي پرسان ويٺا ها. اسان سنڌيءَ ۾ ٿي ڳالهايو ۽ هو اسان جي ٻولي ڇڱيءَ طرح سمجهي رهيا ها. انيس پاڻ سان ڪيترائي ڪتاب آندا ها جي سي-آءِ-ڊي وارن پاڻ سان روڪي رکيا آهن.
من ڏاڍو خفي ٿي پيو آهي....

شام جي سناٽي ۾ هن جي مٺڙي سُر منهنجي من کي ڪنهن ڪتان جو ڪٿي وڃي پهچايو آهي. پنج سال اڳ مان، راج، گيتا ۽ پرتي فتح پور سڪريءَ جي ٻاهرين ڏاڪڻ تي ويٺا هياسين. سج ٻڏي ويو هو ۽ فضا تي صدين جي تاريخ جي اداسائي ڇانيل هئي. مان اڪبر اعظم جي مرشد سليم الدين چشتيءَ جي مزار تي سڳڙو ٻڌي آيو هيس ڇو ته مون کي ڇيو ويو هو ته هُو من جو مرادون پوريون ڪندو آهي. اُن وقت گيتا هڪ فلمي گيت 'ساجن آن ملو' ڳاتو هو ته منهنجو هيانو ڀرجي آيو هو. ڇوڌاري اونده ڦهلجي وئي هئي. پريان سڪر واري جي بي، منگهارام جي ڪارخاني جون بتيون جوڌپائيءَ جي اکين وانگر جهرمر ڪري رهيون هيون. اُن وقت مون ارادو ڪيو هو ته ٻي سال موٽي ايندس. پر هيءَ مايا اپار آهي، ڪيئن چئجي ته اهو سڳڙو اڃا اُتي ٻڌل آهي يا ڪنهن ڇني ڇڏيو آهي!

پان اسلامزم هن جو سياسي فلسفو هو ۽ رومي هن لاءِ فيورباخ کان ۽ جمال الدين افغاني لينن کان وڌيڪ معني رکندو هو. نه معلوم فيض انهيءَ ککر کي ڪيئن منهن ڏنو، ڇو ته هاڻي آنهن جي 'پون پون' بنهه ڪانه ٿي ٻڌجي. شايد ان ڪري جو فيض پاڪستان جي قومي زبان جو لينن انعام يافته شاعر آهي، هن جي مخالفت جلدئي دٻجي ٿي وڃي. مون کي ته ڇهه سال اڳ ڇپيل ڪتاب تي هاڻي جيل ۾ وڌو ويو آهي.

مون مٿين ست نکي ناشتو ڪيو ۽ هٽلر جو ڪتاب Mein Kampf پڙهڻ لڳس. منجهند جو جيل جو ڊاڪٽر مون لاءِ وٽامن بي جون گوريون کڻي آيو. هو هڪ خوش خلق پنجابي نوجوان آهي ۽ پنهنجي وس آهر مون کي ضروري دوائون موڪلي ڏيندو آهي. هو جنهن وقت آيو، ان وقت منهنجو نوٽ بڪ کليل رکيو هو. هن منهنجا سنڌي اکر ڏسي چيو، "اوهان جو سنڌي خط ته ڏاڍو چڱو آهي. سنڌي عربي خط ۾ لکي ويندي آهي ڇا!"

مون چيو ته "ها، پنجابيءَ وانگر گرمکي لپيءَ ۾ لکي نه ويندي آهي."

هن وري پڇيو، "اوهان ڇا ڇا لکندا آهيو؟"

مون جواب ڏنو، "شاعريءَ جي دائري ۾ ساري ڪائنات اچي ويندي آهي."

هن ڪجهه سوچي چيو، "ٻاهر ساهيوال ۾ ڪجهه آفيسر چئي پيا ته اوهان سنڌ جي خودمختيار حڪومت لاءِ وڙهي رهيا آهيو."

مون جواب ڏنو، "مون اڃا تائين ته اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي آهي. نه وري منهنجي نظربنديءَ جي سببن ۾ حڪومت ڪائي اهڙي ڳالهه لکي آهي. باقي سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ڪرڻ تي گهڻو ڪري سڀئي سنڌي متفق آهيون ۽ پنجاب

رکي آهي؛ هُو يا تہ وڪاميءَ چڪا آهن يا 'مِٽي بہ مات مٽي بہ مات' ڇٽي پنهنجو مٿو ڇپايو ويٺا آهن ۽ اسان جي رهائيءَ لاءِ مطالبو نہ ٿا ڪن. تازو مون اخبار ۾ پڙهيو هو تہ حبيب جالب ۽ لاهور جي ڪجهہ ٻين اديبن، پوري پاڪستان جي اديبن کي ان ڏس ۾ للڪاريو آهي. باقي، پاڪستان جو عوام ٻين نظربند ليڊرن سان گڏ، منهنجي رهائيءَ جو بہ مطالبو ڪري رهيو آهي."

ان تي ڊاڪٽر پڇيو، "سنڌ جا اديب بہ اوهان جي رهائيءَ جو مطالبو ڪندا هوندا؟"

مون جواب ڏنو، "جيل ۾ اسان کي فقط لاهور جون اخبارون 'پاڪستان ٽائيمز' ۽ 'مشرق' ملن ٿيون ۽ انهن ۾ سنڌ جون خبرون ڏاڍيون گهٽ اچن ٿيون. مون انهن ۾ ڪٿي پڙهيو هو تہ سجاول ۽ ميرپور بٺوري ۾ منهنجي ۽ رسول بخش پليجي جي باري ۾ نعرا هنيا ويا ها. جي سنڌ جي انهن دور دراز شهرن ۾ منهنجيءَ آزاديءَ جو مطالبو ڪيو ويو آهي تہ ٻين شهرن ۾ بہ ضرور ڪيو ويو هوندو."

مون کي ياد آيو تہ منهنجي اڳينءَ نظربنديءَ جي ڏينهن ۾ سکر پوليس جو 'خضر صورت' ايس پي سکر جيل جي دوري تي آيو هو ۽ جڏهن هو منهنجي کوليءَ پرسان لنگهيو هو تہ مون هن کان پڇيو هو، "حضرت! مون کي جيل ۾ ڇو رکايو اٿيئي؟ مون کي اهو تہ ٻڌاءِ تہ مون تي الزام ڪهڙو آهي؟"

پهرين تہ هن منهنجي سگار ڏانهن ڏٺو هو جو مان پي رهيو هوس ۽ جنهن جي ڊِچ تماڪوءَ جو دونهون هن بد ذوق کي نہ وڻيو هو ۽ پوءِ ڪجهہ رڪائيءَ سان چيو هيائين، "مون تنهنجو فائيل پورو نہ ڏٺو آهي. فلاڻي آفيسر چيو ٿي تہ تو وٽ بہ هندستاني اديب (آتم ۽ سندري) اچي رهيا ها ۽ آهي ٻئي ڪميونسٽ هيا."

”آنهيءَ فلاڻي آفيسر کان ته منهنجي حجام کي گهڻو عقل آهي. آنهيءَ کي ڪهڙي خبر ته ڪميونسٽ ڇا ٿيندو آهي؟“

هو ٽپي ٽامون ٿي ويو هو ۽ ڏند ڪرٽي چيو هيائين، ”تنهنجو دماغ خراب آهي.“

ڏند مون به ڪرٽيا ها ۽ سگار ڪڇجي هيٺ ڪري پيو هو.

”Neanderthal“، مون آرٽر ڪونسلر وانگر جبرندي چيو هو، ”Neanderthal, Neanderthal“ *

* Neanderthal – آڳاٽي پٿر جي دؤر وارو انسان.

سنڌ جي ثقافت جو روح ڪوٺيو هيائين، جنهن تي اردو دان طبقا مچرجي پيا ها. لاهور ۽ ڪراچيءَ جي اردو پريس ڪيتري وقت کان مون تي ۽ سائين جي.ايم.سيد تي بگڙي ويٺي آهي ۽ روز اسان جي خلاف هڪ نه ٻيو شوشو ڇوڙي رهي آهي. ڏهه ٻارنهن ڏينهن اڳ ڪنهن ڇوڪري ياسمين سنڌيءَ جي نالي ۾ هڪ خط ڪراچيءَ جي اردو اخبار 'حريت' ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ مذهب جي خلاف لکيو ويو هو، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ جي.ايم.سيد کي سلام ڪيو ويو هو ۽ وڌيڪ چيو ويو هو ته سنڌي ڇوڪرين پاڻ ۾ فيصلو ڪيو آهي ته آئنده پنهنجن ٻارن جا نالا راجا ڏاهر، هوشوءَ، هيمون ڪلاڻيءَ ۽ شيخ اياز جي نالن تي رکنديون. اهو خط 'حريت' تان روزنامي 'مشرق' ورتو ۽ وڏي سرخيءَ سان شايع ڪري لکيو ته ڪي سنڌي، مسلم قوم جي دل آزاري ڪن ٿا. ٻي ڏينهن تي سرڪاري پريس نوٽ شايع ٿيو ته اهو خط جعلي آهي ۽ ياسمين سنڌيءَ نالي ڪابه ڇوڪري حيدرآباد ۾ پڙهندي نه آهي. پر انهيءَ ساري هنگامي جو نزلو مون تي ڪريو ۽ ساهيوال جيل جا سڀ آفيسر مون تي ڪاوڙجي ويا ۽ مون کي راجا ڏاهر جو سنماپتي سمجهڻ لڳا.

حيرت آهي ته مان ڪُل پاڪستان رائيٽرس گلڊ تي سنڌي زبان جو اڳ ٻه چار سال سنڌي نمايندو ٿي رهيو آهيان ۽ هاڻي ٻه ٽن سالن لاءِ نمايندو چونڊيل آهيان پر پوءِ به رائيٽرس گلڊ جي مرڪز طرفان منهنجيءَ رهائيءَ لاءِ ڪوبه بيان شايع ڪونه ٿيو آهي! ممڪن آهي ته ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي اخبارن ۾ آيو هجي.

مون مٿيون سٽون لکي پوريون ڪيون ته 'امروز' اخبار ملي جنهن ۾ ساڳي خبر هيٺينءَ ريت ڏنل آهي:-

”لاهور جي تاريخ ۾ پهريون اديبن جو جلوس، لاهور— ١١ ڊسمبر. ڪلهه لاهور جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شهر ۾

سڙڪن تي عوامي مطالبن جي تائيد ۾ اديبن خاموش جلوس ڪڍيو. جلوس ۾ ڪيئي جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي تي ويا جن تي هن قسم جا ڪيئي نعرا لکيل هيا ــ 'بنيادي حق بحال ڪيو'، 'اردوءَ ۽ بنگاليءَ کي انهن جو صحيح مقام ڏيو'، 'شيخ اياز، اجمل خٽڪ، گل خان ۽ شورش ڪشميريءَ کي آزاد ڪيو'، 'پنجابي زبان پنهنجي صحيح مقام جو مطالبو ڪري ٿي'، 'اظهارِ خيال جي آزادي اسان جو بنيادي حق آهي'، 'اديب ۽ شاعر عوام سان آهن'، 'يونيورسٽي آرڊيننس منسوخ ڪيو'، 'پاڪ-چين دوستي زنده باد'. جلوس وارن کي ماڻهن رستي تي ڏاڍا هار پاتا.

مٿين خبر ڏاڍي حوصله افزا آهي. بهتر ائين ٿئي ها ته پنجابي زبان سان گڏ، سنڌيءَ، بلوچيءَ ۽ پشتو جي باري ۾ به ساڳيا مطالبا ڪن ها پر چاڪاڻ جو اهو پنجاب جي اديبن جو مطالبو هو، تنهنڪري انهن تي ميار نه آهي.

ڪيترو وقت ٿيو ته مون هڪ ڪتاب Aesthetic Adventure پڙهيو هو جنهن ۾ 'فن براي فن' جي نظريي جي پوري تاريخ ڏني وئي هئي. پيرس جي ڪنهن ريسٽوران ۾، جتي ميز ميز تي موم بتيون پنهنجي روشني ڦهلائي رهيون هيون ۽ وڏشيائون پنهنجن پٽونڻن وارن کي جهٽڪا ڏئي، انهن جي سستي تيل ڦليل جي خوشبو ڦهلائي رهيون هيون، جا گانجي سان ڀريل سگارن جي دونهين سان ملي، فضا ۾ الف ليلي جي ڪيفيت پيدا ڪري رهي هئي، اتي فرانس جي شاعر بودليئر پنهنجي فن جو نظريو طي ڪيو هو. هن انسان ذات جي هر مسئلي کي ٺڪرائي، پنهنجي الڳ دنيا ٺاهي هئي، جنهن ۾ آفيم هو، مراڪش ڪان اينڊز حشيش هئي، ڪجهه ڪامڻيون هيون جن سان هن جي پريت اڌوري رهجي وئي هئي ۽ هن جي انهيءَ دنيا جي چوڌاري انسان ذات هئي، جا نيچ هئي، پاپي

ڪري ٿي ۽ جو بہ شاعر ۽ اديب، حق ۽ انصاف جي لڙائيءَ ڪان ڪيٻائي ٿو، اهو اهي انمول آدما ڳنوائي ٿو ڇڏي، جي رچنا ڪي امر ڪري سگهن ٿا. اڄ انهيءَ ڪري اردو ادب ۾ رڙورڙ لڳي پئي آهي تہ ادب ۾ چوڌاري جمود آهي. اسان سنڌي، جن ڀٽائيءَ جو پيغام ’جي تون فارسي سکئين، گولو تون غلام‘ اپنايو آهي، سي ڪجھہ سالن ۾ اهو پائي سگهيا آهيون جو سنڌ ڪي گذريل ٻہ سؤ سالن ۾ پلئہ نہ پيو هو. شال اردو ادب ۾ بہ ساڄهہ اچي ۽ پنهنجي ترقي‌پسند دؤر واريون روايتون زنده رکي!

## ۱۴ ڊسمبر

اڄ ملڪ صاحب واري پاسي کان شور آيو. مون ڪَن ڏنو ته ملڪ صاحب ڪنهن کي چئي رهيو هو ته ”مان بري ٿي ويو آهيان.“ مون آواز ڏنو، ”ملڪ صاحب، ڪير بري ٿي ويو؟“ ملڪ صاحب چيو، ”اوهان کي مبارڪ هجي. مون کي هاءِ ڪورٽ ڇڏي ڏنو. بس، هتان نڪران ته اوهان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪندس.“

ٿوريءَ دير کان پوءِ جمعدار در کولي مون وٽ آيو. هن جي هڪ هٿ ۾ رضائي هئي ۽ ٻئي ۾ ڪاٺيون. هن اچڻ سان چيو ته ”ملڪ صاحب، بري ٿي ويو. مون کي هيءَ رضائي (سَوڙ) ڏني اٿائين ۽ هي جيل جي راشن واريون بچيل ڪاٺيون اوهان لاءِ موڪليون اٿائين.“

مون هن کي چيو، ”ملڪ صاحب ته تمام سخا کئي آهي!“

هن جواب ڏنو ته ”اڄ ٻارهين بجي مون کي ملڪ صاحب چيو هو ته مان هن جي رهائيءَ لاءِ خدا جي درگاهه ۾ دعا ڪونه ٿو پنان، جنهن تي مون ٻئي هٿ دعا جا مٿي ڪري چيو، ’يا ربّ العزت! هن کي رهائي ڏي.‘ منهنجي دعا اڳهامي وئي ۽ هڪ بجي ريڊيو تي ملڪ صاحب جي رهائيءَ جو اعلان آيو. ملڪ صاحب خوش ٿي مون کي هيءَ رضائي بخشيش ڏني.“

مون هن کي چيو ته ”تون منهنجي لاءِ به دعا گهر ته مان سپاڻي رها ٿي وڃان. جي تنهنجي دعا مستجاب ٿي ته مان توکي پنهنجو پورو بسترو ڏيندس پر جي منهنجي رهائيءَ ۾ دير پئي ته توکي اها رضائي منهنجي مشقتيءَ کي ڏيڻي پوندي.“
هو انهيءَ ڳالهه تي راضي نه ٿيو.

ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ٿيل پندرهن سياسي نظربندن مان پنج آزاد ٿي چڪا آهن باقي ڏهن مان رکو آءٌ ۽ پيٽو صاحب

ساهيوال جيل ۾ آهيون. جيل کان ٻاهر مان هن کان دور رهيو آهيان. آلاجي ڇو تقدير اسان کي بند ۾ هڪ هنڌ آندو آهي. ڪالهه ٽيٽمڪڙي چيو، ”پيٽي صاحب اوهان لاءِ سلام ڏنا آهن ۽ هي شيون به ڏنيون اٿائين.“ مون پيٽي صاحب جي موڪليل ٿيلهي کولي ڏٺي ته ان ۾ پستا، باداميون ۽ ڪشمش، ٻه پئڪيٽ بسڪوٽن جا ۽ ولايتي دٻن ۾ بند مڇي هئي. مون وٽ ميز تي Heine, the poet in revolt رکيو هو جو پين ڪتابن سان گڏ انيس آندو هو ۽ سي-آءِ-ڊي وارن ڪجهه ڏينهن رکي، مون کي ڏنو هو. مون اهو ڪتاب ميز تان کڻي ٽيٽمڪڙي کي ڏنو ۽ هن کي چيو، ”هي منهنجي پاران پيٽي صاحب کي ڏجانءِ ۽ هن کي چئجانءِ ته جي تقدير ۾ آهي ته رهائيءَ کان پوءِ ضرور ملنداسين.“

نظرياتي اختلاف پنهنجيءَ جاءِ تي، باقي پيٽي صاحب جي عزم ۽ استقلال مون کي بيحد متاثر ڪيو آهي. ڪنهن ڄاتو آهي ته تاريخ جي پيٽ ۾ ڇا آهي!

بي - بي - سي، سو اها اڄ نه سيان خبر ڏيندي ته ايوب خان صدارت جي عهدي تان استعفيٰ ڏني." هي ڏينهن ني جيل جي وچين پٽ تي ريڊيو هڻي ويٺا جتان مان ۽ ڀٽو صاحب، ٻئي خبرون ٻڌي تي سگهياسين.

ڀٽي صاحب جي شخصيت ڪرشمه ساز آهي. جو به جيل جو آفيسر هن سان ملي ٿو اهو هن جي عظمت جو قايل ٿي وڃي ٿو ۽ دل ڏي دل ۾ چاهي ٿو ته ڀٽو اقتدار ۾ اچي. نه رڳو ايترو پر آفيسرن مان ڪي ته هن سان عقيدت جو ڪلم ڪلا اظهار ڪن ٿا.

توکي ڪراچي جيل ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ توکي حاضريءَ تي عدالت ۾ گهرايو ويو. هتي سڀ ٺيڪ آهي، استاد، مٺان دل لاهين! وڏيڪ سڪ، جيئي سنڌ."

'جيئي سنڌ' هيٺان گهاڙهي ليڪ ڏنل آهي، جا مان پاڻيان ته خط سينسر ڪرڻ مهل ڏني وئي آهي. خط ۾ ذڪر ڪيل قادر (عبدالقادر صديقي) * سکر جو نهايت ذهين وڪيل آهي ۽ منهنجي پياري دوست مرحوم جمال صديقيءَ جو ڀاءُ آهي. هن جو انگريزي ادب جو ڏاڍو چڱو مطالعو آهي ۽ هن جو سياسي شعور به پختو آهي.

مون رشيد ڀٽيءَ کي ياد ڪري دل ۾ چيو، "مون کي پڪ هو ته جنگ ۾ هاڻي تهي، ڀڄي ويندو، پر هي ته سونهن ورائي سلام ڪري رهيو آهي!"

اوچتو ڇت ۾ ٻن ٽڙڪيل سرن تي نظر پئي آهي. مان سوچان ٿو ته اهو ضروري ته نه آهي ته انهن مان ڪائي سر منهنجي مٿي تي ڪري، پر ڪيئن چئجي!

---

* عبدالقادر صديقي هن وقت (١٩٨٦ع ۾) سنڌ گورنمينٽ ۾ لا سيڪريٽري آهي.

رهندي آئي. انهيءَ شاعريءَ مون کي ٻه ڀيرا جيل ۾ پهچايو آهي پر پوءِ ٻه مان ان مان بيزار نه ٿيو آهيان. هي ڪهڙو ازلي پاڇو آهي جو ساري عمر منهنجو پيڇو ڪندو رهيو آهي ۽ مان آن کان ڪٿي ٻه ڇٽي نه ٿو سگهان؟ ڇا، اهو فقط منهنجي موت تائين منهنجي ڪڍ ايندو يا انهيءَ اونده ۾ به منهنجو ساٿ ڏيندو جا ابد تائين ڇوليون هڻي رهي آهي!

## ١٩ ڊسمبر

نہ ڄاڻان ڪالهوڪي ’مشرق‘ اخبار اڄ ڇو مليو آهي؟ اخبار پڙهي مون سوچيو تہ اُن ۾ آيل ڪجهہ خبرون ڊائريءَ ۾ لکان تہ جيئن اڄ کان پنجاهہ سال پوءِ بہ معلوم ٿي سگهي تہ جنهن وقت ساهيوال جيل ۾ هيءَ ڊائري لکجي رهي هئي، اُن وقت جيل کان ٻاهر ملڪ ۾ ڇا پئي وهيو واپريو. افسوس آهي تہ مون وٽ اردوءَ جون ٻيون اخبارون نہ ٿيون اچن نہ تہ اُنهن سڀني جون خبرون گڏي، قومي عبرت لاءِ هڪ پورو آئينہ خانو ٺاهيان ها. اڄوڪيءَ اخبار ۾ آهي:-

١- صدر ايوب دولتِ مشترڪہ جي دوري تي ويو ۽ شاهہ فيصل جي رضامنديءَ سان سعودي عرب جو دورو ملتوي ڪيائين.

٢- سرڪاري آفيسرن کي مستعديءَ ۽ ديانتداريءَ سان عوام جا مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. حڪومت امن پسند شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪندي- لاهور ۾ اعليٰ سرڪاري آفيسرن کي گورنر مغربي پاڪستان جو خطاب. (پاڪستان ۾ ڪهڙيءَ حڪومت سا ڪي جڪ نہ ماري آهي؟-)

٣- قومي اسيمبليءَ جو اجلاس جو ڍاڪا ۾ ٢٠ ڊسمبر کان شروع ٿيو هو، سو اڄ غير معيّنہ مدت لاءِ ملتوي ڪيو ويو. (قومي اسيمبلي- ڍاڪا؟)

٤- اخبارن جي خلاف پابندين تي احتجاج طور صحافين، خوش نويسن ۽ پريس ورڪرن اڄ ڪراچيءَ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ۽ شهر جي ڪيترين ئي بازارين ۾ گشت ڪيو. پوري ملڪ ۾ صحافي اخبارن تي پابندين ۽ پريس قانونن جي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن.

٥- باريسال ۾ ايئر مارشل اصغر خان وڪيلن کي اپيل ڪئي آهي تہ وڪيل معاشري جا سڀ کان طاقتور ترجمان آهن ۽ اُنهن کي عوام جي صحيح قيادت جي فرض نڀائڻ کان

انڪار ڪرڻ نہ گهرجي.

٦- مغربي پاڪستان جي وزير بلديات ۽ بنيادي جمهوريت ميان ياسين وٽوءَ چيو آهي تہ مخالف جماعتون، ڪائونسل مسلم ليگ، جماعت اسلامي، نئشنل عوامي پارٽي ۽ نظام اسلام پارٽي فقط ملڪ جي اندر هنگامي ڪرڻ لاءِ متحد ٿيون آهن ۽ انهن جي نظرين ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. جي اقتدار انهن جي هٿ ۾ اچي ويو تہ ملڪ ۾ وري آها افراتفري پيدا ٿي ويندي جا اڳ ۾ هئي. (جمهوريت جي بحاليءَ کان انڪار ڪرڻ لاءِ وزير ساڳي بڪ هڻندو رهيو آهي.)

٧- سرگوڌا ۾ پيپلز پارٽيءَ ۽ نئشنل عوامي پارٽيءَ جا ٥٢ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. سيالڪوٽ ۾ تحريڪ جمهوريت جا ڪارڪن اجلاس ڪري نہ سگهيا.

٨- گوجرانوالا ۾ تحريڪ جمهوريت جا ٣٦ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا.

٩- اسٽوڊنٽس ائڪشن ڪميٽيءَ جي چيئرمئن اعلان ڪيو آهي تہ سيالڪوٽ جا شاگرد عيد نہ ملهائيندا ۽ عيد ڏينهن ڪارا ٻلا لڳائيندا ۽ شهيد شاگردن لاءِ دعا گهرندا.

اخبارن ۾ سنڌ جون خبرون ڪونہ آهن.

هيڙو هنگامي دور پاڪستان جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن بہ نہ آيو آهي. جيتوڻيڪ منهنجو ٻاهرينءَ دنيا سان ناتو فقط ٻن اخبارن جي ذريعي آهي، تڏهن بہ انهن ۾، حڪومت جي دٻاوَ جي باوجود، جيڪي ڪجهہ اچي رهيو آهي، ان مان ظاهر آهي تہ پاڪستان جي شهر شهر ۾ جلوس نڪتا آهن جن ۾ لکن ماڻهن شرڪت ڪئي آهي. نہ فقط سياسي ليڊر، وڪيل، صحافي، شاگرد، اديب وغيره بورجوا جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ميدان ۾ اچي چڪا آهن، پر ڪي مزدور انجمنون بہ ان جدوجهد ۾ ٽپي پيون آهن؛ ماڻهو مئا آهن، زخمي ٿيا آهن،

هزارن ۾ جيلن ۾ وڌا ويا آهن ۽ اڃا تائين قلم ١٤٤ جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهن. هر ڪنهن جلوس ۾ سياسي نظربندن جي رهائيءَ، جمهوريت ۽ اڳئين آئين جي بحاليءَ، نظربنديءَ ۽ پريس قانونن جي تنسيخ، يونيورسٽي آرڊيننس جي ترميم، اظهار جي آزاديءَ، رشوت خوريءَ، اقربا پروريءَ ۽ مهانگائيءَ جي خاتمي ۽ مزدور طبقي سان انصاف جا نعرا لڳي رهيا آهن. جو نئون ماڻهو ايوب خان جي خلاف سياست ۾ گهري ٿو، پوءِ اهو اڳيون ايئرمارشل آهي يا فوجي جنرل آهي يا جج آهي، ماڻهو انهيءَ ڪي گلن جا هار وجهن ٿا، هن جون تقريرون ٻڌن ٿا ۽ نهايت جوش ۽ جذبي سان نعرا هڻن ٿا.

مسلم ليگ جا ڪارڪن جوابي جلوس ڪڍن ٿا پر عوام انهن کي فرلانگ پنڌ به وڌڻ نه ٿا ڏين. خود جيل کان ٻاهر ساهيوال ۾ به ڪافي شور نظر اچي ٿو. هڪ ڏينهن ته ساهيوال جا ٻارنهن وڪيل جيل ۾ وڌا ويا ها. ٻاهر ڇيخ پڪار لڳي پئي آهي ۽ مان هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پيو آهيان جتي مانُ وسي رهي آهي!

سنڌ ۾ سائين جي ـ ايم ـ سيّد سن ۾ نظربند آهي. رسول بخش پليجو، حفيظ قريشي، باقر شاه، چام ساقي، مسعود نوراني ۽ ٻيا سنڌي رهنما حيدرآباد جيل ۾ آهن. مون کي گل خان نصير جو ايوب خان تي لکيل هڪ بلوچي نظم ياد اچي رهيو آهي—

”ايوب خان! گدڙ ٻڪر کي ڇباڙي نه سگهندو آهي.“

گل خان نصير مون کي اهو شعر تڏهن ٻڌايو هو جڏهن هو عوامي ادبي انجمن جي منشور ٺاهڻ لاءِ سکر آيل هو ۽ منهنجي دوست فتح الله عثمانيءَ اسان جي رات جي ماني ڪئي هئي. ٻي ڏينهن تي اسان مهراڻ هوٽل ۾ منشور مڪمل ڪيو هو ته ڊاڪٽر حسان جي فرمايش تي مشاعرو ٿيو هو. مون ڪلاڪ ڏيڍ پنهنجا نظم پڙهيا ها جي ’هي گيت آڇايل ٻورن جا‘ ۽ ’رُت

آئي ڳاڙهن پنن جي' وارن مجموعن ۾ ڇپيا آهن. سات سات مون هنن کي نظمن جو اُردو ترجمو به ٻڌايو هو. جڏهن مون نظم پڙهي پورا ڪيا ها ته ڊاڪٽر حسان گل خان نصير کي پڙهڻ جي فرمائش ڪئي هئي ته گل خان چيو هو ته ”اياز کان پوءِ نظم پڙهڻ بي ادبي آهي.“

مان اڃا ڊائري لکي رهيو هوس ته ساهيوال سول سرجن آيو ۽ مون کان پڇيائين، ”ڪا ڪا شڪايت ته نه آهي؟“

مون چيو ته ”نه“

پوءِ هن اسٽيٿسڪوپ سان ڪجهه دير منهنجي دل کي چڪاسيو ۽ چيائين ته ”هيءَ ٺيڪ آهي.“

جنهن تي مون چيو، ”پاڪستان ۾ ان کان وڌيڪ ٺيڪ ٻيو ڪجهه به نه آهي.“

۳۰ ڊسمبر

اڄ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سنڌي عهديدارن ۽ ميمبرن ٺهراءُ بحال ڪيو آهي ته پاڪستان رائيٽرس گلڊ منهنجي ۽ اجمل خٽڪ جي آزاديءَ لاءِ حڪومت کان مطالبو ڪري. ڏسجي ته پاڪستان رائيٽرس گلڊ جا اُردوءَ وارا عهديدار ڇا ٿا ڪن؟

اڄ اخبار ۾ آيو آهي ته حڪومت نئشنل عوامي پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل محمودالحق عثمانيءَ جي گرفتاريءَ جو حڪم نامون واپس ورتو، هن کي آزاد ڪيو آهي. شايد حڪومت جي نظر ۾ مان عثمانيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهيان جو مون کي اڃا تائين جيل ۾ رکيو ويو آهي!

اڄ سارو ڏينهن غالب جو هي فارسي شعر زبان تي رهيو آهي-

راهم زين ديده وران پرس که در گرم روي
جاده چون نبض تپان در صحرا بينند

(راهه انهن ديده ورن کان پڇ جي پنهنجيءَ گرم رفتاريءَ ۾،

رستو صحرا جي بدن تي هڪ تتل نبض وانگر ڏسن ٿا).

- شعر آهي يا سورئيلي مصوري (Surrealist painting) آهي!

سچي آهي تہ مومن خان مومن ڪان پوءِ فراق اُردوءَ جو وڏي ۾ وڏو عشق باز آهي. مومن خان مومن تہ لغڙ ۾ خط ٻڌي، لغڙ کي پنهنجي پرده‌نشين محبوبہ جي ڪوٺي تي ڳُٽ ڪارائيندو هيو ۽ جڏهن هوءَ اُن مان خط ڇوڙي وٺندي هئي تڏهن هو لغڙ کي ڇڪي ڏئي وري اڏائيندو هيو. مون مومن خان مومن جي زندگيءَ ۾ اها ڳالهہ پڙهي هئي تہ خيال آيو هو تہ جي هن جو لغڙ ڳُٽ ڪائڻ ڪان اڳ ڪاٽا ٿي وڃي ها تہ هن جي خط جو ڇا ٿئي ها! مومن خان مومن، جنهن جي ساري زندگي 'عشق بُتان' ۾ گذري هئي، تنهن بہ فراق جيترا عشق نہ ڪيا هاه پاڻ تہ ڪنهن پُٽيءَ ۾ بہ نہ آهيون.

'من آنم' ۾ فراق الله‌آباد جي هڪ هندي شاعر 'ڪوڪل‌جي' جي نظم جو هيٺيون بند ڏنو آهي جو مون کي پسند آيو-

آج رات سنگار ڪرون گي
کهلے پهول سا جوبن لے ڪر
ڪانٹوں کے بن پار ڪرون گي

نہ معلوم سنڌي ٻوليءَ اجا تائين اهڙي شاعره ڇو نہ پيدا ڪئي آهي؟

'من آنم' ۾ هندستاني شاعر فراق جا علامہ اقبال جي باري ۾ رايا ۽ اسلامي ادب تي خط هڪ اُردو پبلشر ڏي بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڇپائي سگهندو آهي.

ڪيترا ڀيرا سنڌي ادبي بورڊ کي منهنجن خطن ڇپڻ جي ڪري پڪڙ پڇاڙ ٿي آهي.

افسوس آهي تہ ڪيئي عقل جا انڌا سنڌي، جي جديد اُردو ادب جو مطالعو نہ ٿا ڪن، سنڌ جي بهترين ادب جي ڪِڏ ڪاٽ ڪهاڙا کڻي پيا آهن.

فراق جي هيءَ سٽ ڪهڙي نہ پياري آهي—
زندگي ہے کہ رام کا بنواس؟

شام جو سنتري پٽني صاحب جو نياپو ڪٺي آيو ۽ چيائين،
”پٽني صاحب چيو آهي ته مون پاڪستان ڪي بدلائي وڌو آهي.
ٻاهر نڪرنداسين ته پاڪستان تو ڪي وڻندو. جيل ڪان ٻاهر
نڪرين ته ڀهرين مون سان ملجانءِ، پوءِ گهر وڃجانءِ. جي
مان اڳ ۾ آزاد * ٿيس ته مان پاڻ توسان ملندس“
مون سوچيو، ”ڇا اسان جا ڏڳ ڪٺي ملندا؟“

---

* نوٽ: جيل مان رهائيءَ ڪان پوءِ مان پٽني صاحب سان نه ملي سگهيو هوس. هن سان منهنجي ڀهرين ملاقات تڏهن ٿي جڏهن هو پاڪستان جو پرائيم منسٽر هو ۽ سملا معاهدي لاءِ وڃڻ ڪان اڳ مون کي ڪراچيءَ گهرائي، مون سان مشورو ڪيو هيائين. ان ڪان پوءِ منهنجون هن سان ڪافي ملاقاتيون ٿيون، خاص ڪري يونيورسٽيءَ جي ملازمت واري وقت ۾. مان آنهن تي هڪ ڪتاب Milovian Djlas جي ڪتاب Conversation with Stalin جي نموني تي لکڻ چاهيان ٿو.

پٽين تان هيٺ ڪيرائي، اسلام جي خدمت ڪندا ها ۽ شب برات تي خود ڪجهه جي چڙيءَ ٽڪر ۾ مشعلون اٿڪائي، پاڙي اوڙي ۾ ڦرندا ها ۽ ڪافرن جو نور ڏيپيندا هيا. انهيءَ زماني ۾ واجد علي صاحب آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪانفرنس تي دهليءَ وڃي رهيو هو ۽ مون کان پڇيو هيائين، ”تو ڪي ڪجهه گهر جي نه دهليءَ مان وٺي اچان؟“

ان تي مون هن کي چيو هو، ”جوش مليح آباديءَ جو ڪتاب ’شعله و شبنم‘ وٺي اچجو.“

”لا حول ولا قوة،“ واجدعلي چيو هو، ”تو ڪي انهيءَ ڪافر کان سواءِ ٻيو ڪوئي شاعر نه ٿو سُجهي؟“

نه فقط واجدعلي صاحب عليگڙهه ۾ تعليم وٺي هٿي پر منهنجا ڪجهه ٻيا مائٽ به عليگڙهه مان پڙهي آيا ها ۽ اسان جي پاڙي ۾ بحث مباحثي ۾ سر سيّد احمدخان، مولانا حالي، علامه اقبال ۽ اڪبر الله باديءَ کان وٺي اسلم جيراجپوري ۽ اسد ملتانيءَ تائين حوالا ڏنا ويندا ها. آتر سنڌ جا مسلم ليگي رهنما نظرعلي خان ۽ پير غلام مجدد سرهندي به واجدعليءَ جي دستر خوان تي موجود هوندا ها. هڪ ڀيري سائين جي. ايم. سيد به سنڌ اسيمبلي اليڪشن جي سلسلي ۾ شڪارپور آيو هو. منهنجو مائٽ اخترعلي شيخ، جو سائين جي. ايم. سيد سان گڏ جيل ۾ رهي چڪو هو، تنهن مون کي چيو هو ”جي. ايم. سيد وڏو فلاسافر آهي. هل ته اُن سان ملايانءِ“، جنهن تي مون هن کي جواب ڏنو هو، ”مون علامه اقبال کي پڙهيو آهي. جي. ايم. سيد ڪهڙي نئين فلاسافي ٻڌائيندو جو هن وٽ هلان؟“

اُن وقت ڪنهن تي چاتو ته اڳتي هلي، تقدير مون کي هن وٽ بار بار وٺي ويندي!

مان سمجهان ٿو ته جيستائين مان ياڻ شڪارپور جي

زندگيءَ تي به ٽي سؤ صفحا نه لکندس نيستائين ڪنهن به نقاد يا محقق لاءِ منهنجي شاعريءَ جي پس منظر ۽ آن جي ادبي ارتقا جي پوري پروڙ ناممڪن رهندي.

افسوس جي ڳالهه آهي ته هاڻي شڪارپور، روهڙيءَ ۽ ٺٽي وانگر، زبون ٿي چڪي آهي ۽ شهر ۾ چوڌاري مٽيءَ جا ڍير لڳا پيا آهن. هيءَ هڪ مردم خيز زمين هئي ۽ آن جو ”شهر آشوب“ هڪ عبرت خيز داستان آهي. جڏهن جڏهن * واجدعلي صاحب مون سان ملندو آهي، مان هن جي گفتگوءَ ۾ آنهيءَ ’گلزار براهيميءَ‘ جي تلاش ڪندو آهيان جنهن لاءِ هن ’آتش نمرود‘ ۾ ٽپو ڏنو هو.

* واجد علي صاحب ١٩٧١ ۾ گذاري ويو جڏهن مان جيل ۾ تيون پيرو نظر بند هيس. هو زرينه جو سڳو مامو هو.

ڇا اهڙا ڪي پهير آهن جي اسان جي ’هوجمالي‘ تي نچڻ ڪا نابري وارن؟

هڪ چڱائيءَ جي عيوض اسان ويهه چڱايون ڪندا آهيون:
پر ائين نه سمجهه ته اسان هيٺا آهيون، اسان ڪي هر ڏکيءَ آزمايش ۾ ڪيرٿر جي ڇاتي هوندي آهي،

۽ اسان اَجهائل مچ ۾ وري وري دونهان دکائي سگهندا آهيون.

اسان پاڻ کي ڪنهن به قوم کان بهتر نه ٿا سمجهون ــــ
ها، اسان پنهنجي ديس، پنهنجي ڌرتيءَ جي باري ۾ نهايت جذباتي آهيون:

پر اسان ڪنهن به ٻي ديس، ٻيءَ ڌرتيءَ سان نفرت نه ٿا ڪيون.

اسان ڪي اجائيءَ آزمايش ۾ وجهڻ وارا! اسان پنهنجو پاڻ تيڻ چاهيون ٿا،

تون اَن جي اَڌو نه آءُ ڇو ته اسان جو تو سان جهيڙو نه آهي.

متئين نثري نظم ۾ سنون رهجي ويون آهن جي هاڻي نوٽ بُڪ ۾ لکان ٿو:

’ها، اهو سمجهي ڇڏ،
’اسان جي هٿ ۾ جو مانيءَ جو گرهه آهي،
اَهو توکي کسڻ نه ڏينداسين.

## ٢٤ ڊسمبر

مان جاگرافيءَ جي پُل آهيان، تاريخ جو اٽل فيصلو آهيان.

---

ٻرما جو ورهاڱو قبول ڪري، تـو شرت جي شڙي ڪانت ڪي تيلي ڏني هئي. آها شري ڪانت جي چِتا اڄ تائين جلي رهي آهي، جلي رهي آهي، جلي رهي آهي.

---

ڪهڙو نہ لرزہ انگيز احساس آهي، پر مان ڀانيان ٿو تہ صحيح آهي— انسان تاريخ مان ڪجهہ بہ نہ سکندا آهن.

## ٢٥ ڊسمبر

اڄ جيلر پنج ڪارڊ آڻي ڏنا.

پهريون ڪارڊ منهنجيءَ ڌيءَ روحيءَ جو آهي جنهن لکيو آهي، "پيارا آبا، توکي عيد مبارڪ هجي. اسان سڀ توکي ياد ڪندا آهيون." روحي هاڻي سائنس جي پهرئين سال ۾ آهي. مون ائين محسوس ڪيو ته روحيءَ اهو ڪارڊ اطمينان سان لکيو آهي ۽ ايوب جي حڪومت واريءَ جي ڪوٽ وانگر ڍهي رهي آهي.

ٻيو ڪارڊ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم سراج جو آهي جنهن ڪارڊ تي 'پيارا اياز، نئون سال مبارڪ' لکيو آهي. سراج نه فقط شاعر ۽ اديب آهي پر علم اللسان جو ماهر به آهي. هن سان جيڪا به منهنجي شام گذري آهي، سڄائي گذري آهي.

ٽيون ڪارڊ سکر جي وڪيل عبدالغني ڪوتاه قد جو آهي. هو منهنجو پيارو دوست آهي. جڏهن هو عدالت ۾ پنهنجي گهگهي آواز ۾ تقرير ڪندو آهي تڏهن ائين لڳندو آهي ڄڻ پاڻيءَ ۾ مورڙيو مانگر مڇ سان وڙهي رهيو آهي.

چوٿون ڪارڊ نئشنل عوامي پارٽي حيدرآباد جو آهي جنهن تي منهنجو هيٺيون بيت ڇپيل آهي:—

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، پوءِ به نعرا نينهن جا
سنڌڙيءَ جو سوڳند، مرنداسين پر مرڪندي

پنجون ڪارڊ دادن جتوئيءَ موڪليو آهي. دادن محترم حيدربخش جتوئيءَ جو پٽ آهي. حيدربخش ڪيتروئي وقت مڇ جيل ۾ هو ۽ هاڻي ڪراچي جيل ۾ آهي. هاءِ ڪورٽ هن جي رهائيءَ جو آرڊر ڪيو هو پر سرڪار ان جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي آهي، جا اڃا تائين فيصلو نه ٿي آهي.

حيدربخش جتوئيءَ جي شاعريءَ جو اڪثر هلي چڪا ٿو ٿئي پر هن ڪان پوءِ هن جي باري ۾ غالب جي اها سٽ هميشه ياد ايندي—

حق مغفرت کرے عجب آزاد مرد تھا

هن نه فقط پاڪستان ڪان اڳ ڊپٽي ڪليڪٽري ڇڏي هئي (ڊپٽي ڪليڪٽري ان وقت وڏو عهدو هو)، هاري تحريڪ جي رهنمائي ڪئي هئي، نه فقط پاڪستان ڪان پوءِ سنڌي هارين جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو هو، پر هو پهريون شخص هو جنهن ايوبي مارشل لا جي خلاف آواز بلند ڪيو هو ۽ ان لاءِ هن کي ملٽري ڪورٽ ٽي سال ٽيپ ڏني هئي. موجوده نظربنديءَ ڪان اڳ هو گدو براج واريءَ آباديءَ هيٺ آيل زمين جي باري ۾ انگ اکر ڪٺا ڪري رهيو هو ته مون وٽ سکر آيو هو ۽ ڪجهه وقت ڪچهري ڪئي هيائين. ان ڪان پوءِ هن پنهنجي تحقيق تي هڪ پمفليٽ شايع ڪيو هو ۽ سنڌ ڪانفرنس سڏي هيائين پر ان ڪن اڳ ۾ ئي هو گرفتار ڪيو ويو هو.

ساڳي وقت 'سچ ڊائجيسٽ' جو ايڊيٽر ۽ سنڌ نئشنل عوامي پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري به گرفتار ڪيو ويو هو جو شايد اڃا تائين حيدرآباد جيل ۾ آهي.

محترم حيدربخش جتوئي هڪ زماني جو يادگار آهي. هو نه فقط هڪ پڪو مارڪسوادي آهي پر هڪ سادو، سماجهو انسان به آهي ۽ ڪلندو ائين آهي جيئن ٻار ڪي ننڊ ۾ کِلي اچي ويندي آهي. هن جي لنبي نظم 'شڪوه' سنڌ جا مولوي مچرائي وڌا ها ڇو ته هو علامه اقبال وانگر 'جوابِ شڪوه' لکي نه سگهيو هو. ان ڪان پوءِ هن شعرگوئي گهٽائي ڇڏي هئي پر هاڻي وري لمبا نظم (گهڻو ڪري مخمّس يا مسدّس) لکي، پمفليٽ جي صورت ۾ ڇپائيءَ ساريءَ سنڌ ۾ ورهائيندو آهي. هن جو هر نظم هڪ پورو توب خانو هوندو آهي ۽ هن

جو ڪوئي پمفليٽ ورهائبو مس آهي ته پوريءَ سنڌ جي سي-آء-ڊيءَ جي ننڊ ڦٽي پوندي آهي.

اسٽيج تي به جڏهن هو اهي نظم پڙهندو آهي، تيستائين بس نه ڪندو آهي جيستائين ٽوب خاني جو پوين گولو فاير نه ڪندو آهي. هڪ ڀيري مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن هاسٽل ۾ مشاعري جي صدارت ٿي ڪئي. جڏهن ٻيا سڀ شاعر پڙهي چڪا ها تڏهن جتوئي صاحب کي پڙهڻ لاءِ سڏيو ويو. جتوئي صاحب کي ڏهاڪو پنا هٿ ۾ هيا جن تي چاليهه پنجاه مسدّس جا بند لکيل ها. هو اسٽيج تي اچي ڪجهه ڪنگهيو ۽ جهڪي مون کي ڪن ۾ چيائين، ”مون کان نظم ڪجهه دير سان پڙهايو.“

مون چيو، ”جتوئي صاحب ٻيا سڀ پڙهي چڪا آهن.“

ان تي جتوئي صاحب آهستي چيو، ”پر مون کي ڏاڍو پيشاب لڳو آهي.“

مون چيو، ”سائين مسدّس جا ٻه ٽي بند ڪٽي پڙهو. شاگرد به ٿڪا آهن.“

”ائين ڪيئن ڪبو. پڙهبو ته پورو نظم پڙهبو.“

مون کي ائين چئي جتوئي صاحب مائڪرو فون تي آيو ۽ ڪجهه ڪنگهيو، جنهن تي شاگرد کلڻ لڳا ته جتوئي صاحب به کلڻ لڳو ۽ کلندي چيائين-

”کِلو، ڀلي کِلو، اوهان کِلو ٿا ته منهنجي دل باغ بهار ٿئي ٿي.“ هن ائين چيو مس ته سيٽي چُپ ٿي ويا. هنن کي جتوئي صاحب لاءِ بيحد عزت هئي. پوءِ جتوئي صاحب پورو نظم پڙهيو هو ته سيني جي دل پرچي آئي هئي.

ڇا، هي فوجي چاهن ٿا ته جي جتوئي جيل ۾ مري ويو ته سنڌ صدين لاءِ پنجاب سان نفرت ڪندي رهندي؟ يا هنن

ڪي سنڌ جي نفرت جي پروا نه آهي؟ هي مستقبل جي تاريخ سان ڪيتري نه زيادتي ڪن ٿا!

گذريل ڇنڇر تي جان اسٽينبڪ (John Steinbeck)، جو East of Eden، Mice and Men، Grapes of Wrath وغيره جو مصنف هو، مري ويو. هو بحري حياتيات جو ماهر (Marine Biologist) هو پر ان هوندي به هن تخليقي ادب کي ايترو وقت ڏنو هو جو نيٺ هن کي نوبل پرائيز مليو هئي. مون کي هن جي موت تي ڪو صدمو نه پهتو. ها، هيمنگوي جو موت بي گهاله هئي. هن جڏهن پاڻ کي گولي هنئين هئي ته اها خبر پڙهي منهنجي دل پرجي آئي هئي. مون کان اڄا تائين هن جو رکو جواب نه وسريو آهي جو هن روسي شاعر ايوتوشينڪو کي ويٽنام جي جنگ جي باري ۾ ڏنو هو. باقي ايوتوشينڪو چيڪوسلوواڪيا ۾ روسي فوجن جي مداخلت تي جيڪو خط ڪوسيجن کي لکيو آهي، اهو پڙهي منهنجي دل ۾ هن لاءِ اڳي کان عزت وڌي آهي.

آمريڪا جي نيگرو اديب ايلڊرج ڪليور (Eldirdge Cleaver) جي باري ۾ خبر پڙهي مون کي ڏک ٿيو آهي. هو مشهور ڪتاب Soul on Ice جو مصنف آهي ۽ آمريڪا جو ڪارو چي گيووبرا (Che Guevara) ڪوٺيو ويندو آهي. هن ڪنهن خون جي ڪيس ۾ ٽيپ ڪاڏي هئي ۽ اٺ سال جيل ۾ گذاري پئرول (Parole) تي آزاد ٿيو هو. تازو نيگرو انقلابين (Panthers) جي سرگرمين ۾ شريڪ ٿيڻ سبب هن جو پئرول تي رهائيءَ جو حڪم واپس ورتو ويو آهي. ڪئليفورنيا جي جج فتوي ڏني هئي ته هو سياسي قيدي آهي پر آمريڪا جي سپريم ڪورٽ اها فتوي رد ڪري ڇڏي. حيرت آهي ته سپريم ڪورٽ جي بينچ تي هڪ نيگرو جج به هيو! ڪير چوندو ته بورجوا جمهوريت ۾ انصاف ڪرڻ جي آزادي آهي. مان

پانيان ٿو ته مارڪس ٺيڪ چيو آهي ته Judiciary is the bulwark of the statusquo.

ڪليور فنوي ڪان پوءِ فرار ٿي ويو آهي ۽ آمريڪا جا اديب نارمن ميلر (Norman Mailer)، جيمس بالڊون(James Baldwin) وغيره هن جي آزاديءَ لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن.

هي دؤر ادب ۾ صليبي جنگ جو دؤر آهي. دنيا ۾ هڪ وقت ايترن اديبن ۽ فنڪارن حق ۽ انصاف لاءِ ايتريون قربانيون نه ڏنيون آهن.

## ٢٦ ڊسمبر

مون اڄ هي غزل لکيو آهي.

پيچل سواءِ ٻي تہ، لکا ناهہ لوڪ ۾
هڪ ڳالهہ آ تہ جهانءَ نہ آهي جهروڪ ۾

وہ ڪان ڪڙي پيار اسان ڪي اڙي ڪلال
ها، اوت، اوت، اوت اڃا اوت اوڪ ۾

ڪرها ڪڏاءِ، ڪاڪ ٻري ناٿهہ ميندرا
ڇا جهي ڇڏيئہ ٻہ چار جڏا جيءَ جهوڪ ۾

اونده آجاربي نہ اکوٽي چراغ سان
نيزي مٿان آيار نشون سجہ نوڪ ۾

شل ڪر ڪٿي ڪيراڙ مٿان اوچتو وسي
مارو ملن 'اياز' وري شال موڪ ۾!

—

اڄ الاجي ڇو تڪجي پيو آهيان ۽ ساجهر ننڊ اچي
...ئي آهي. مان هن ڪي شب بخير چوان ٿو جو شهر جي ڪان
... ويجهو آهي.

## ٢٨ ڊسمبر

اڄ مُنڊا خاني مان ساڳيو ڇوڪرو ڳائي رهيو آهي-

دل ڏُب گيا ميـرا اڙي
* چند پانوين نيت چڙھ دا
سڄڻان بـاجھ هنيرا اڙي

اي پنجاٻي زبان! تـون ڪيتري نـه مٺي آهين! تـوکي پنهنجي قوم ڪيئن وساري ڇڏيو آهي؟

---

* چند - چنڊ
پانوين - پان ء ته، جيتوڻيڪ
باجھ - سوا
هنيرا - انڌيرو

## ٢٩ ڊسمبر

ڊي-ايچ لارينس تي ڪتاب پڙهي پورو ڪيم. يورپ ۽ آمريڪا ۾ ايتري جنسي آزادي اچي چڪي آهي، جو هن وقت مغرب جي پڙهندڙن لاءِ هن جو ناول Lady Chatterley's Lover ڪائي خاص اهميت نه ٿو رکي.

۳۰ ڊسمبر،

اج هنگريءَ جي ۱۹۵٦ع واري انقلاب تي ڪتاب The Revolt of the Mind پڙهيم. اهو ڪتاب ٻي جنگ عظيم کان پوءِ جي هنگريءَ ۾ ڪميسار ۽ آرٽسٽ جي وچ ۾ پنجهڪشيءَ جي باري ۾ آهي. آتان جا اديب ۽ آرٽسٽ ڪنهن به ڪميسار جي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا ته هنن کي ڇا تخليق ڪرڻ گهرجي. اتان جي اديبن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي غلامي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هڪ ميٽنگ ۾ هڪ اديب رڙ ڪري چيو "The writer is trying to defend his right to write what he wants to write." ڪتاب ۾ تفصيل سان اديبن جي آنهيءَ ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن اهي حالتون پيدا ڪيون جن ۱۹۵٦ع وارو انقلاب آندو.

ڪتاب ۾ صفحي ۳۵۸ تي شاعر زولٽن زيلڪ جو اهو نظم آهي جو اڳ ئي مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ۽ جنهن جو ترجمو مون 'ڪلهي پاتم ڪينرو' جي پهرئين صفحي تي ڏنو هو جو بندش هيٺ اچي چڪو آهي.

مون کان وڌيڪ هنگريءَ جي انهيءَ دور جي گهٽ ٻوساٽ ٻيو ڪير محسوس ڪري سگهندو!

جبر ڪميونسٽ جو هجي يا بورجوازيءَ جو يا فوجي آمر جو، جبر جبر آهي ۽ هر سچي اديب کي جبر کان نفرت هوندي آهي ۽ هو انهيءَ فلسفي جي ئي پاڙ پٽڻ چاهيندو آهي جنهن جي آڙ ۾ جبر ڪيو ويندو آهي.

مان نه ٿو چاهيان ته هيءَ جاهل حڪومت منهنجن ڪتابن تان بندش لاهي. مان آنهيءَ وقت جي انتظار ۾ آهيان جڏهن سنڌ جا ماڻهو منهنجن ڪتابن تان زبردستيءَ بندش لاهي ڇڏيندا ۽ منهنجا ڪتاب گهر گهر ۾ پڙهيا ويندا.

## ١ جنوري ٦٩ع

اڄ پريزيڊنٽ ايوب خان عبدالرحمان چغتائيءَ کي علامہ اقبال جي ڪجهہ شعرن تي تصويرون ڪڍڻ سبب ہہ لک رپيا انعام ڏنو.

مون جيل مان ورتل 'بالِ جبريل' ٻيهر پڙهيو. 'مرشد روميءَ مريدِ هندي' ۾ هيٺيون شعر پڙهي رهيو هوس تہ جيلر آيو:-

* پس قيامت شو، قيامت را بہ بيں!
ديدنِ ہر چيز را شرط است ايں

مون ڪتاب بند ڪري، پوسٽ ۾ آيل ڪارڊ پڙهيا. هڪ ڪارڊ ابراهيم جويي ڪوهاٽ مان موڪليو هو ۽ اُن تي فقط 'نئون سال مبارڪ' لکيل هو. باقي ٻہ عيد ڪارڊ هيا، جن مان هڪ ڪارڊ تي هڪ پاسي بهادر شاهہ ظفر جي تصوير ۽ ٻي پاسي منهنجي واڻي 'سنڌڙيءَ کي سر ڪير نہ ڏيندو' ڇپيل هئي. ٻي ڪارڊ تي هٿ سان نڪتل سنڌ جو نقشو هو جنهن تي ساوا ۽ ڳاڙها نشان هيا. ٻئي ڪارڊ لاهور مان آيو هو ۽ ٻيو حيدرآباد مان. سنڌ جو نقشو تہ ع.ق شيخ جو نڪتل آهي جو ابراهيم جويي جو جهونو يار آهي ۽ جنهن منهنجن ڪتابن 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۽ 'ڪلهي پاتم ڪينرو' جا سروق ٺاهيا آهن. جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس تڏهن هن جي سؤٽ عبدالستار شيخ هن جا ٻہ قلمي ڪتاب ڏيکاريا ها جن ۾ ايتري جنسي آزاديءَ جي حمايت جو اظهار ٿيل هو، جو آهي پڙهي هينري ملر (Henry Miller) کي ٻہ پگهر اچي وڃن ها. هن وقت، هو پنجاهہ ورهين کان ٽپي چڪو آهي، ڇهن ستن ٻارن جو پيءُ آهي ۽ منهن مان اهڙو ابوجهہ

---

* پوءِ قيامت ٿيءُ ۽ قيامت کي ڏس
هر شيءِ کي ڏسڻ لاءِ ٻهريون شرط اهو آهي.

لڳندو آهي، جو خواب خيال ۾ بہ اچي نہ سگهندو تہ هن اهي ڪتاب لکيا ها. حيرت آهي تہ اهڙي انسان گهرو زندگيءَ جي ذميداري ايتريءَ حد تائين قبول ڪئي آهي، جو پنهنجي ساري ذات اُن جي آهوتي ڪري ڇڏي اٿائين. هو نهايت سماجهو ۽ پيارو مصوّر آهي. دل چوي ٿي تہ هن تي هڪ ڪهاڻي لکان.

## ٢ جنوري ٦٩

سنڌي ادب جو عظيم ترين واقعو— ڪشن چند بيوس جو ٽائيٽينڪ جهاز جي ٻڏڻ تي لکيل نظم، جو ان حقيقت جو بهترين ثبوت آهي ته ساريءَ انسان ذات جو ڏک شاعر جو ڏک آهي.

جس ميان، او بس ميان، مان ويندس گونـدر گس ميـــان
تـــون ڪانڊي ڪونه تجـانءِ

’روح رهاڻ‘ جهڙو ڪردار برصغير جي ڪنهن به رسالي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ورلي ادا ڪيو آهي.

’اوراق‘ اُردوءَ جي سرگوڌا گروپ جو رسالو آهي، جو مان دلچسپيءَ سان پڙهندو آهيان. سرگوڌا جا شاعر ڪوشش ڪري ايراني روايات کان منهن موڙن ٿا ۽ نه فقط پنجاب جا وڻ، پکي، درياهه، لـوڪ ڪهاڻيون وغيره غـزل ۾ آڻن ٿـا پر اتر اولهه برصغير جي پراڻي تهذيب مثلاً ٻڌ جي مورتين، سالتيءَ جي گلن وغيره جو ذڪر به آڻن ٿا. رسالي ۾ پنجاب جي نوجوان شاعر، ناصر شهزاد، تي مجيد امجـد جـو مضمون پڙهڻ وٽان آهي ڇو ته اهو شاعريءَ ۾ هڪ نئين رجحان جي عڪاسي ڪري رهيو آهي. ناصر شهزاد جو پهريون مجموعو، ’چاندڪي پتيان‘ مون اڳ ئي پڙهيو آهي. خود مجيد امجد جي شعر جو مجموعو ’آخر شب‘ مون ڪافي دلچسپيءَ سان پڙهيو آهي. سرگوڌا گروپ جي روح روان ڊاڪٽر وزير آغا سان منهنجي ملاقات ڪيترا سال اڳ ڪوهه مريءَ ۾ ٿي هئي. اُن وقت قتيل شفائي به هن سان ساڻ هو. اسان ڪيتروئي وقت اُردو زبان ۽ ان جي مستقبل جي باري ۾ ڳالهايو هو.

ڊاڪٽر وزير آغا مون سان متفق هيو ته اردوءَ ۾ فارسي ۽ عربي لفظن جي ڀرمار اردوءَ جي ستياناس ڪري رهي آهي. مون هن جو عظمت الله خان جي شاعريءَ ۽ آرزو لکنويءَ جي فلمي گانن ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو، جنهن تي هن چيو هو ته صلاح الدين احمد جي ڪتاب ’خدا‘ ۾ ڪم آندل ٻولي معياري آهي. هن جو خيال هو ته اُردوءَ کي پنجابيءَ، سنڌيءَ وغيره مان لفظ کڻڻ گهرجن. مثال طور هن ٻڌايو هو ته پنجابي لفظ ’لشڪارا‘ جو ترجمو اُردوءَ ۾ ٿي نه ٿو سگهي ۽ اُردو لفظ ’چمڪ‘ ۾

۾ اُها ڳالهه نه آهي جا 'لشڪارا' ۾ آهي. ان تي مون هن کي ٻڌايو هو ته اهڙا لفظ ته سنڌيءَ ۾ هزارين آهن پر اُردوءَ ۾ اچا تائين سنڌي لفظ فقط مون ڪم آندا آهن. مون هن کي پنهنجو هيٺيون شعر ٻڌايو جو هن کي پسند آيو.

اے پردیس اس جہاں تنہا میں
کون ہے کس کا بار واپس آ

انهيءَ ملاقات کان ڪيترو وقت پوءِ هن جو ڪتاب 'اردو شاعری کا مزاج' ڇپيو هو جنهن اردو ادب ۾ چوڦير پيدا ڪيو هو. پر سرگوڌا گروپ اردو غزل يا ٻيءَ اردو شاعريءَ ۾ اهو انقلاب نه آڻي سگهيو آهي، جو سنڌي شاعريءَ ۾ اچي چڪو آهي. نه وري اهڙو انقلاب اُردو شاعريءَ ۾ ممڪن آهي.

## ٥ جنوري

ادب زندگيءَ جو ڦِٽل ٿيل سچو نقل نه هوندو آهي. ادب جي عظمت اُن جي اچانڪپڻي ۾ هوندي آهي.

---

اڪيلائيءَ جو احساس تڏهن ٿو ٿئي جڏهن ڪوئي نصب‌العين نه ٿو رهي. جي مان ڪنهن نصب‌العين سان آهيان ته اڪيلو نه آهيان، ٻيا به مون ساڻ ساڻ آهن.

---

شاعر جا ٻه نمايان فرض آهن — نه فقط جيئن دنيا آهي، اُن جو آئينو ٿئي، پر جيئن دنيا ٿيڻ گهرجي، سو اُن جو تخيّل به پيش ڪري.

## ٦ جنوري

پشاور ۾ فارغ بخاريءَ ۽ ٻين اديبن جلوس ڪڍيو ۽ مطالبو ڪيو ته گرفتار ٿيل اديبن کي رها ڪيو وڃي. فارغ بخاري مون سان ڊاڪا ۾ گڏ هيو جڏهن رائيٽرس گلڊ جي اجلاس تي ويا هياسين.

## ٧ جنوري

ٿڌ لڳي آهي. سخت زڪام ۽ بخار ٿي پيو آهي.

اخبار ۾ آيو آهي ته ڪالهه سکر، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ خيرپور جي سٺ سنڌي ۽ اردو اديبن جلوس ڪڍي منهنجي ۽ ٻين اديبن ۽ سياسي رهنمائن جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو هو.

## ٩ جنوري

٨ ۽ ٩ تاريخ تي ڏاڍو بخار رهيو. ڪوليءَ جي جنگلي تي مون پنهنجو ڪمبل وجهي ڇڏيو آهي پر پوءِ به سيءُ ميرون ڪري اچي رهيو آهي. جيل ۾ دوا دارونءَ جو ڪوئي انتظام نہ آهي. ڪيترين ئي دوائن مون پنهنجي خرچ تي ٻاهران گهرايون آهن.

رشيد پٽيءَ جي تار آئي آهي تہ هو ڪراچيءَ وڃي رهيو آهي ۽ ١٤ جنوريءَ تي بروهي صاحب رٽ پٽيشن هلائيندو.

## ١٠ جنوري

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي رُڪن شوڪت علي لوڌيءَ کي هاءِ ڪورٽ آزاد ڪيو.

٩ جنوريءَ تي ڀٽي صاحب جو بورسٽل جيل ۾ ڪيس هليو هو ۽ هوم سيڪريٽريءَ جي وڪيل آڏي پڇا مهمل ڪئي وئي هئي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته ڀٽو صاحب ايوب حڪومت کي عوام جي نظرن ۾ خوار خراب ڪرڻ لاءِ اهو ڪيس هلائي رهيو آهي نه ته عدالت جي فيصلي جي هن کي پروا نه آهي. فيصلو ته عوام کي ڪرڻو آهي ۽ ڀٽو صاحب فرينچ انقلاب جهڙي ڪنهن انقلاب جي انتظار ۾ آهي. هونءَ به نيپولين هن جو هيرو رهيو آهي. الاجي ڇو، مون کي روبس پيئري Robes Pierre* ياد اچي رهيو آهي.

حيرت آهي ته مون کي جيل ۾ وسڪيءَ جي طلب بلڪل نه ٿي ٿئي.

---

* روبس پيئريءَ جي زندگي فرينچ انقلاب جي تاريخ آهي. لوئي سورهين (Louis xvi) کي تخت تان هٽائڻ کان ٿورو وقت اڳ روبس پيئري فرانس جي مظلوم عوام جو آواز هو ۽ دهشت گرديءَ وقت ڇڻ ته فرانس جي عدالتِ عظميٰ (Super Tribune) هيو. هو هڪ جذباتي آدرش وادي هو ۽ هن پنهنجن اصولن تي ايتري سختيءَ سان عمل ڪيو، جو هو پاڻ مجسم انقلاب لڳندو هو. هن جي سياسي زندگي مختصر هئي. هو ١٧٨٩ ۾ اسٽيٽس جنرل (Estates General) جي ڊيپوٽيءَ جي حيثيت ۾ سياست ۾ گهڙيو ۽ اڃا ان کي پنج سال مس گذريا ته هن کي گلوٽين (Guillotine) هيٺان آڻي قتل ڪيو ويو. هن لاءِ رکيو عوام، انهن جي آزادي ۽ انهن سان انصاف معنيٰ رکندا ها. فرينچ انقلاب جي باري ۾ هن چيو هو، ”ٿورڙو ئي رت ته وهايو ويو آهي پر اهو ڏوهاري رَتُ هيو....“

## ١١ جنوري

بخار لهي ويو آهي ڪمزوري باقي آهي. اڄ پهريون ڀيرو مون بسترو پاڻ ڏاهيو آهي. بيماريءَ ۾ بسترو به ماءُ جي هنج وانگر هوندو آهي.

## ١٢ جنوري

اڄ صبح کان آسمان تي بادل ڇانيل آهن. اڇا اڇا، ڪڪر جي پوڙين جهڙا بادل ساهيوال جي نيري آسمان تي ڏاڍا وڻندڙ ٿا لڳن. ڪڏهن ڪڏهن هلڪي ڦونڊ پوي ٿي. مون کي ڪوليءَ جي ٻاهران ١٢ گز x ١٠ گز اڱڻ ۾ پسار ڇڳو لڳي رهيو آهي. ٻوندا ٻاري بند ٿئي ٿي ته ڪيئي ڪانوَ، ڪٻريون ۽ جهرڪيون اڱڻ جي پٽين تي اچي ويهن ٿيون ۽ پنهنجون لاٽيون لنون ٿيون. سنتريءَ کان معلوم ٿيو ته پنجابيءَ ۾ ڪٻر کي 'لالي' چوندا آهن. 'لالي' ڪهڙونه پيارو لفظ آهي ۽ 'ڪٻر' ڪهڙو نه ڪريه ڏيارينڌڙ لفظ آهي! مان ڪڏهن به اهو لفظ شعر ۾ ڪم آڻي نه سگهيو آهيان جيتوڻيڪ اهو پکي مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. هونءَ ته منهنجو خيال آهي ته ٻوليءَ جو ڄاڻو شاعر ڪنهن به لفظ کي اهڙيءَ طرح سٽ ۾ ڪپائي سگهندو آهي، جو اُن جو هونءَ ٻي سُرو آچار به سٽ جي سِٽاوَ ۾ سُريلو لڳندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته مون سوچيو آهي ته ڪوئي به لفظ پنهنجي ليکي ٻي سُرو نه ٿيندو آهي ۽ اُن کي سُريلو يا ٻي سُرو ڪندڙ فقط اُن کي ڪم آڻيندڙ هوندو آهي. ذات جي اڻاٺ سُريلي لفظ کي به ٻي سُرو ڪري وجهندي آهي. پر 'لالي' لفظ 'ڪٻر' کان وڌيڪ سُريلو آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي.

هاڻي وڏڦڙو وسي رهيو آهي. ڪوليءَ جي ٽيڻائي ڇت تي پاڻيءَ جي ٽپ ٽپ ٿي رهي آهي ۽ ٻاهر اُتر جي هوا زوڪات ڪري رهي آهي. منهنجي ٽپائيءَ تي رکيل لالٽين ۽ مومبتيون ٻري رهيون آهن جن جي روشنائيءَ ۾ مان ڪافڪا جو ناول Castle (محل سرا) پڙهي رهيو آهيان. نه معلوم منهنجي لئبرريءَ مان بودليئر، ڪافڪا وغيره ڪنهن ڇونڊي موڪليا آهن. بهتر ائين ٿئي ته هو اليڪسي ٽالسٽاءِ جي Ordeal جا ٽي جلد ۽ Quiet flows the Don جا چار جلد موڪلي ها، جي مان

پيهر پڙهان ها ته طبيعت ٻهلجي وڃي ها. ڪافڪا وغيره جو اهو روحاني گورک ڌندو جيل جي اڪيلائيءَ ڪي آداسائيءَ ۾ ڦيرائي ڇڏي ٿو. هي ڪافڪا نه فقط ذهني پر جسماني طور به مريض هيو. ٻه ڀيرا شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هيائين پر ٻئي ڀيرا ڪنوار سان منهن ڏئي نه سگهيو هو. سلهه به ٿي هيس ۽ سئني ٽوريم ۾ به ڪيترو وقت گذاريو هيائين. ڪي ڏهه ويهه ڪامياب عشق ڪري ها ته روحانيت جي مهاڄار ۾ نه ڦاسي ها.

شڪارپور ۾ هڪ جيت کي 'ڏکڻهار' ۽ 'راڳ مالا' جي نالي سان ڪوٺيندا آهن. ڏکڻهار مٽي ڪئي ڪري گهرڙو ناهيندي آهي ۽ سارو ڏينهن جهونگاريندي رهندي آهي. انت پاڻ کي اُن مٽيءَ جي گهرڙي ۾ پوري ڇڏيندي آهي. ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙيءَ ۾ پٽين تي ننڍڙين ٻيڙين جهڙا مٽيءَ جا ننڍڙا گهرڙا نظر ايندا آهن. انهن گهرڙن کي پوربو آهي ته انهن ۾ ڏکڻهار جا سڪل ڪنپ ۽ بدن نظر ايندو آهي. مون کي ڪيترائي شاعر ۽ اديب ڏکڻهار وانگر لڳندا آهن.

نه ڄاڻان 'حافظ' ايترو اڳي، تصوف ۾ فنا پذيريءَ جي شديد احساس جي باوجود، ڪيئن چيو هو—

* عاقبت منزلِ مـــا واديءِ خامشان اســـت
حـــاليا غـــلغلہ درگنبدِ افـــلاک انـــداز

---

* انت اسان جي منزل خاموشيءَ جي واديءَ ۾ آهي.
في الحال ته آسمان جي گنبد ۾ غلغلو وجهي ڇڏ.

## ١٣ جنوري

هتي چوڌاري ڇُپ چاپ آهي. باڪ مهل جيستائين مان ڪوٺيءَ ۾ هوندو آهيان، هَڌ هَڌ جو آواز ايندو آهي. مون ڪيئي ڀيرا ڪوٺيءَ مان ٻاهر نڪري هن ڪي ڳوليو آهي پر هو ڪٿي به نظر نه ايندو آهي. اس جو تڙڪو نڪرندو آهي ته وارڊ جي پٺ پرسان نم جي وڻن تي به ٽي ڪانوَ 'ڪان ڪان' ڪندا نظر ايندا آهن ۽ اڱڻ ۾ جهرڪيون چوُن چوُن ڪندي ڪڏنديون آهن. وارڊ جي ٻاهران اتي جي چڪيءَ جو آواز ايندو آهي ۽ پرسان ڪتان سَٽڪي جو آواز ايندو آهي. پڇا تي معلوم ٿيو ته هتي قيدين کي سزا طور ڪوڙا لڳايا ويندا آهن، جنهن لاءِ ڪن ڏنڊن مشٽنڊن قيدين کي ڪوڙا-مار مقرر ڪيو ويو آهي، جن کي جيل ۾ ڪابه مشقت نه ڪرڻي پوندي آهي ۽ جي لنگوٽ ٻڌي، بدن تي تيل مهٽي، سارو ڏينهن پوسي سان ڀريل گادين تي ٿلهن بيد جي لڪڻ سان ڪوڙن هڻڻ جي مشق پچائيندا آهن. قيدي انهن ڪوڙامارن کان ڏڄندا آهن ۽ انهن جي طرح طرح جي خوشامد ڪندا آهن ڇو ته هو سمجهندا آهن ته جي ڪوڙامار هنن سان راضي هوندا ته سزا ڏيڻ وقت هنن کي اڇاترا ڪوڙا هڻندا. مون ٻڌو آهي ته ڪوڙن هڻائڻ کان اڳ معتوب قيدي ڪافي آفيم کائي ڇڏيندا آهن. جيل ۾ آفيم ۽ چرس سپاهين جي ذريعي وڪامندو آهي جو قيدي ڪافي مهانگو خريد ڪندا آهن. هو ان لاءِ پئسا پنهنجن ملاقاتين کان چوريءَ ڇپي وٺندا آهن ۽ طرح طرح جي طريقي سان لڪائي پنهنجي وارڊ ۾ موٽندا آهن. ڪڙي قيديءَ ته چانديءَ جا پنج رپيا پنهنجن ڳلفڙن ۾ لڪائي آندا ها.

هي جيل انگريز سامراج جي ڀيانڪ نشاني آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ جيل جي آفيسر مون کي ٻڌايو هو ته مهاتما گانڌي، خان غفار خان، ۽ فيض احمد فيض به انهيءَ جيل ۾ رهي

چڪا آهن. مون سوچيو ته ۱۸۸۰ع کان وٺي جڏهن هندستان ۾ ڀرپور قومي شعور آيو هو، ڇا ڇا نه قداور شخصيتون پيدا ٿيون آهن- دادا ڀائي نوروجي، گوکلي، تلڪ، راناڊي، آزاد هند تحريڪ جا جرمنيءَ ۾ جلاوطن ليڊر هرديال ۽ مولوي برڪت الله جن جرمنيءَ جي ذريعي افغانستان ۾ پنهنجا هيڊڪوارٽر ٺاهيا ها، سوميندراناٿ ٽئگور، راجا رام موهن راءِ، مهاتما گانڌي، خان عبدالغفار خان، موتي لال نهرو، سي- آر- داس، ميرٺ سازش ڪيس وارو مظفر احمد جنهن بنگال، بهار ۽ اوڀر هندستان ۾ ترقي‌پسند تحريڪ جو بنياد وڌو هو، پنجاب جو دادا امير حيدر جو اڃا تائين زنده آهي، ايم- اين- راءِ، چندر شيکر آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، ڀڳت سنگهه، داس گپتا، مولانا محمدعلي، جواهر لال نهرو، قائداعظم محمد علي جناح، مولانا ابوالڪلام آزاد، ۽ ٻيون ڪيئي سياسي شخصيتون جن جا نالا تاريخ ۾ امر ٿي ويا آهن. انهن سان ثقافتي محاذ تي ڇا ڇا نه ماڻهو هيا جن قوم پرستيءَ جي جذبات کي اڀاريو هو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ محبت ۽ اُن جي آزاديءَ لاءِ تڙپ پيدا ڪئي هئي- هو سي. وي. رامن، جڳديش چندر بوس، سوامي رام تيرٿ، شرت چئٽرجي، بنڪم چئٽرجي وويڪ آنند، اين بيسنٽ، رابيندرا ناٿ ٽئگور، منشي پريم چند، مولانا حالي، مولانا شبلي، حسين احمد مدني، هريندراناٿ چٽو پاڌيه، سروجني نيدو، ۽ هوءَ ڏکڻ هندستان جي شاعره تورو دت (جا جوانيءَ ۾ مري وئي هئي ۽ جنهن جي انگريزيءَ ۾ شاعري مون تڏهن پڙهي هئي جڏهن ڇوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس)، علامه اقبال، جوش مليح آبادي، سجاد ظهير، فيض احمد فيض، ڇا ڇا نالا ستارن جي جهرمر وانگر اکين اڳيان هليا ٿا اچن! ڪيئن نه شڪارپور جون لئبرريون مئڪس مُلر (Max Muller) جي ڪتابن سان سجايل هونديون هيون جن ۾ سنسڪرت جي ڪتابن جا انگريزيءَ ۾ ترجما هوندا هيا! ڪيڏيءَ نه ننڍيءَ عمر ۾ مون هن جو ڪتاب ليئن ۽ گانڌي پڙهيو هو! (مان ڀانيان ٿو ته اُن وقت

مان مئٽرڪ يا فرسٽ ييئر ۾ پڙهندو هوس). ۽ هو وليم جيمس جا ڪتاب! آنهن اسان ۾ ڪيڏو نه فخر پيدا ڪيو هو ۽ اسان پنهنجي ڌرتيءَ تان ٻلهار ويندا هياسين. سنڌ به ان ڏس ۾ هند کان پٺتي نه رهي هئي- جمشيد نسروانجي، مرزا قليچ بيگ، جي ڪرپالاڻي، غلام محمد ڀرڳڙي، جان محمد جوڻيجو، چيتمل پرسرام، پيرو مل مهر چند، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لعل چند امر ڏنو مل، منگهارام ملڪاڻي، پرمانند ميوارام، ماري والا، الله بخش سومرو، عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علي محمد شاهه راشدي، جي- ايم- سيد، محمد امين کوسو، ڪشن چند بيوس، حيدر بخش جتوئي، هيمون ڪلاڻي، هاري ليڊر ڪامريڊ عبدالقادر، حشو ڪيولراماڻي، مولانا گرامي ۽ هو منهنجا به يار، منهنجا عظيم محسن جي اڄا به بقيدحيات آهن- ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي- ۽ هي شخص جو مون سان جيل ۾ گڏ آهي ۽ جو موهن جي دڙي کان به وڏو آهي! انهن جي جوت انهيءَ ساري ديپ مالا ۾ ايتري ئي اوچي آهي جيتري بي ڪنهن ڏيئي جي.

آزاديءَ جي تحريڪ ڇا ڇا نه انساني روح کي گرمائي ٿي ۽ اُن ۾ شعلا ٻاري ٿي! * رڳو جيئي سنڌ تحريڪ ئي ڏٺي وڃي ته ڪيڏي نه جهرمر جهرمر لاٽ ٻري ٿي ان ۾! ڪيڏا نه شاعر، ڪيڏا نه اديب، ڪيڏا نه انقلابي آهن ان تحريڪ ۾!

ڇا، انهن شخصيتن جي انفراديت، جرائت، زندگيءَ جي تصور ۾ تازگي ڪن تاريخي روايتن مان پيدا ٿي هئي يا ائين پيدا ٿي هئي جيئن ڪوئي ڪرشمو ڪنهن صحرا ۾ ديودار جا درخت پيدا ڪري وجهي؟ سارو سياسي ۽ ثقافتي پس منظر بي انداز گلن جي ڏيک ڏئي ٿو جي بارش ۾ اوچتو پيدا ٿي پيا هجن. اهو سارو ڪرشمو آزاديءَ لاءِ تڙپ جو آهي.

* ون- يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ اها تحريڪ، ڪنهن حد تائين منظم رهي آهي پر پنهنجو مقصد ۽ اُن جا ذريعا، چڱيءَ طرح طي ڪري نه سگهي آهي.

## ١٤ جنوري

اڄ هوءَ ڏاڍو ياد اچي رهي آهي. هوءَ ان وقت اطلس جي لباس ۾ ائين نرم ۽ گرم لڳي رهي هئي ڄڻ ڪوئي ٽامي جي وٽي ۾ ساوا ڪچا انگور نيپوڙي رهيو هو.

هن جون ڳهريون ڇيرويون اکيون، گهاٽا وڪڙيل وار، وڏا وڇڙندڙ ٺهڪ ۽ هڪ ڪلم ڪلا طبيعت جنهن ۾ ڪاڏي ڳالهه قلف ڪڙي هيئان نه هئي، وري وري ياد اچي رهي آهي. مان هن جو نالو جيل ڊائريءَ ۾ لکي ڪٽي ٿو ڇڏيان.

رات جي وقت ٻاهران آٽـن جا قافلا اناج ڪٽي ويندا آهن ۽ انهن جا چنگ چڙا ڪافي دير تائين وڄندا رهندا آهن. انهن چنگ چڙن کي پنهنجي ٻولي آهي. انهن جي گهنٽين جي هلڪي لار ائين لڳندي آهي جيئن ڪنهن نينگريءَ جي سونهن جي ساراهه ڪئي وڃي ۽ من ۾ خواهش جي هلڪي لهر اٿي؛ پر ڪنهن وقت انهن جا گهنڊ زور سان وڄندا آهن، ڪنهن تشدّد آميز جذبي وانگر، ڪنهن اجهل سڏ وانگر. جڏهن اهي قافلا اڳتي نڪري ويندا آهن ۽ انهن جي لار ٻيهجي ويندي آهي ته سانت ساري جيل کي هڪ ديو وانگر ڳيرڪائي ويندي آهي ۽ ٻُرج تي سنتريءَ جي اوڇتي هڪل ان ديو جي ڇار اوڳرائيءَ وانگر لڳندي آهي.

## ١٥ جنوري

خبر آئي آهي ته آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ ڍهراڻ پاس ڪيو آهي ته اديبن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ جيستائين ائين ڪيو وڃي، انهن کي اي ڪلاس ڏنو وڃي. وڌيڪ مطالبو ڪيو ويو آهي ته اديبن تي کلي عدالت ۾ مقدمو هلايو وڃي ۽ مقدمي دائر ڪرڻ کان اڳ هنن خلاف مواد گلڊ کي ڏيکاري، آن جو رايو ورتو وڃي.

هو ڦٽڪي بيهي، تيستائين هرڪو پنهنجيءَ ڊيوٽيءَ تي موجود هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون سوچيو آهي ته جڏهن ملڪي جي هڏي ٽٽي تي تڏهن موت ڪان اڳ، انسان جي شعور ۾ ڇا ٿو اچي. ممڪن آهي ته شعور يڪدم ختم ٿي ويندو هجي. ممڪن آهي ته اُن جون لهرون ڏيري ڏيري ڪنهن ڪارونڀار ڏانهن ڏڪينديون وينديون هجن. افسوس، جو ڦاسي ڪائڻ جو تجربو ڪوئي تحرير ۾ آڻي نه سگهيو آهي. جي هن زندگيءَ ڪان اڳتي به زندگي آهي ته ڦاسيءَ جو تختو پٽ جي تختي وانگر آهي جنهن تان گذري انسان ڪنهن ٻيءَ تي پهچي ٿو. پر جي اڳتي ڪجهه به نه آهي ۽ پوريءَ ڪائنات ۾ ڪائي اٿاهه اونده چوليون هڻي رهي آهي ته پوءِ ڦاسي ڪافي ٻوائتي آهي چو ته هڪ جهٽڪي سان اوچتو انساني شعور ڪنهن ڪاري کُن ۾ وڃي ڪري ٿو ۽ جندڙيءَ جي ساري جهرمر ختم ٿي وڃي ٿي.

هڪ ڀيري حفيظ قريشيءَ چيو هو ”مان هاڻي جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار ته آهيان پر اجا ڦاسي ڪائڻ لاءِ تيار نه آهيان.“ ڇا ڦاسي ڪائڻ لاءِ ڪوئي تيار به ٿي سگهندو آهي؟ مون سوچيو ته هيءَ جندڙي ڏاڍي پياري آهي پر ڪڏهن انهيءَ جندڙيءَ ۾ اُن جي پيار جي صدقي، ڪي انسان پنهنجي جيئڻ تان آهو پلي وڃن ٿا. اهڙي اٽل ارادي تي پهچڻ لاءِ انسان کي ڪيتريءَ نه ذهني ڪشمڪش مان گذرڻو پوندو هوندو!

## ١٧ جنوري

وارڊ ۾ منهنجا ٻه ساٿي آهن— هڪ منهنجو مشقتي ۽ ٻيو سنتري ٽيٽمڪڙو.

ٽيٽمڪڙي هڪ قسم جو جيت ٿيندو آهي؛ فتنه انگيز عورت يا سنهڙي، هلڪڙيءَ عورت کي به ٽيٽمڪڙي چيو ويندو آهي. ٽيٽمڪڙو ٽيٽمڪڙيءَ جو مذڪر آهي. ٽيٽمڪڙي جون اکيون ڇڙيا جي بادشاه وانگر ڪاريون آهن. هن جي وارن ۾ گهنڊيون ائين لڳن ٿيون ڄڻ شيشم جا ٽوتر آهن. هڪ ڏينهن هن وارڊ ۾ آس پاس ۾ ويهي پاڻ کي زيتون جي تيل سان مالش ٿي ڪئي ته مون هن کان پڇيو ته ”زيتون جي تيل سان مالش ڇو ٿو ڪرين.“ چيائين ته ”ڊاڪٽر چيو آهي. هڪ ڀيري لاهور کان بس ۾ ساهيوال اچي رهيو هوس ته رستي تي ائڪسيڊنٽ ٿيو ۽ منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي. ڇهه مهينا اسپتال ۾ هوس. ٻاهر نڪتو آهيان تڏهن به زخميل حصن ۾ درد باقي آهي ۽ اڃا پوريءَ طرح گهمي نه ٿو سگهان.“

مان ان وقت وارڊ ۾ چهل قدمي ڪري رهيو هوس. هن جي واردات ٻڌي مون هن کي چيو، ”اسان ٻئي جيل ۾ آهيون، تون نوڪريءَ جي سلسلي ۾، مان شاعريءَ جي سلسلي ۾. مان به تاريخ جي هڪ ائڪسيڊنٽ جو ڏڪيل آهيان پر پو به مان تو کان وڌيڪ خوش نصيب آهيان. مان گهمي ڦري ته سگهان ٿو.“

منهنجو مشقتي پاڪستان کان اڳ مشرقي پنجاب جي فيروزپور ڳوٺ جو رهاڪو هو. جڏهن هو ڇهن سالن جو هو تڏهن پاڪستان آيو هو. جڏهن فساد ٿيا ها تڏهن هن جو پيءُ هن کي ڪلهي تي کڻي هيڊ گنڊا سنگهه پار ڪري قصور ۾ کڻي آيو هو. اڄڪلهه هو پاڪ پتن ۾ رهندو آهي. هو فوج ۾ ١٩٦٤ع ۾ ڀرتي ٿيو هو. جڏهن پاڪستان هندستان ۾ ١٩٦٥ع

واري جنگ لڳي هئي تڏهن هو چمب جوڙيان ۾ هيو. سامهون اکنور جو مورچو هو. هو ان وقت بلڊوز هلائيندو هو. هن مون کي ٻڌايو هو تہ هڪ ڀيري تولهي پير * پهاڙ تي بارش جو پاڻي بند ڀڃي تنبن ۾ هليو آيو هو تہ هُو نوڪري ڇڏي ڀڄي نڪتو هو. جڏهن هو پڪڙيو ويو هو، تڏهن هن کي ڪورٽ مارشل ڪري نو مهينا ٽيپ ڏني وئي هئي. مون هن کان پڇيو تہ ”هو نوڪري ڇڏي ڀڄي ڇو ويو هو؟“ تہ هن جواب ڏنو هو تہ هن کي جنگ کان نفرت هئي. اهو ٻڌي مون هن کي غور سان ڏٺو هو. هن جون اکيون ڪارن ٻڻڻ وانگر هيون ۽ هو مون کي ٻي ديدو تي لڳو. مان ڀانيان ٿو تہ هو ملٽري انٽيليجنس جو ماڻهو آهي.

* تولهي پير — پهاڙ جو نالو

## ٢٢ جنوري

ڪالهه سپرنٽنڊنٽ چيو ته ”توکي سياٽي ڪراچيءَ وٺي ويندا. اهڙو هاءِ ڪورٽ جو آرڊر آيو آهي.“ مون هن کان پڇيو ته ”ڪهڙيءَ گاڏيءَ ۾ وٺي ويندا؟“ جنهن تي هن چيو ته شام جو ڪنهن گاڏيءَ ۾ مون کي پوليس گارڊ سان وڃڻو آهي. اڄ مون سامان وغيره ٻڌي شام تائين انتظار ڪيو پر ڪوئي نه آيو. نيٺ رات جو مون چيف وارڊر کي گهرايو جنهن ٻڌايو ته مون کي اڄ نه وٺي ويندا ڇو ته ان جو فيصلو نه ٿي سگهيو آهي ته مون کي ڪهڙي ڪلاس ۾ نيو وڃي.

# پلنامو

صفحو ۲۹ سٽ ۹

'ڳيتا' سٽ ۾ ڳيت جي جاء تي ڳيتا پڙهيو وڃي

صفحو ۳۰ سٽ ۱۳

'يڪوٽ ڳيتا، زبان فارسي' جي جاء تي 'يڪوٽ ڳيتا بزبان فارسي' پڙهيو وڃي

صفحو ۳۱ سٽ ۱۲

'accoiated' جي جاء تي associated پڙهيو وڃي

صفحو ۴۴ سٽ ۲۴

'سنڌ آبزور' جي جاء تي 'سنڌ آبزرور' پڙهيو وڃي

صفحو ۴۹ سٽ ۱۳

'جرم ۾ تخربي' جي جاء تي 'جرم ۽ تخربي' پڙهيو وڃي

صفحو ۸۱ سٽ ۷

'چيني شاعر' جي جاء تي 'چيني شاعري' پڙهيو وڃي

صفحو ۹۰ سٽ ۱۴

'قبر' جي جاء تي 'قبر' پڙهيو وڃي

صفحو ۹۵ سٽ ۲۳

'رنگ' جي جاء تي 'زنگ' پڙهيو وڃي

صفحو ۹۹ سٽ ۱ ۽ ۲۳

'نه چاڻ' جي جاء تي 'نه چاڻان' پڙهيو وڃي

'۱۹۷۵' جي جاء تي '۱۹۶۵' پڙهيو وڃي

صفحو ۱۰۲ سٽ ۲۱ ۽ ۲۲

'دربار' جي جاء تي 'دربان' پڙهيو وڃي

'ڳلن' جي جاء تي 'ڳلن' پڙهيو وڃي

صفحو ١٠٣ سٽ ٨ ۽ ٩

---

‘خسته جان جنازي’ جي جاءِ تي ‘خسته جان جي جنازي’ پڙهيو وڃي

صفحو ١٠٥ سٽ ٧

---

‘پنهر ماري’ جي جاءِ تي ‘پنهاري’ پڙهيو وڃي

صفحو ١٣٠ سٽ ٤

---

‘ٿيا ها’ جي جاءِ تي ‘لٿا ها’ پڙهيو وڃي

صفحو ١٣٨ سٽ ٥ ۽ ٦

---

سٽ ٥ ۽ ٦ هيئين ريت پڙهي وڃي:-

ڪارونجهر جي ڪور، روڙي لاڳي رليا مٿي
ماڻي ٿهونڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو

صفحو ١٣٨ سٽ ٨ ۽ ١٢

---

‘مور جو آواز ٿو ڪري’ جي بدران ‘مور آواز ٿو ڪري’ پڙهيو وڃي
‘شامر’ جي جاءِ تي ‘شاعر’ پڙهيو وڃي

صفحو ١٤٩ سٽ ٢ ۽ ٧

---

‘آهي’ جي جاءِ تي ‘آهن’ پڙهيو وڃي
سٽ مان لفظ ‘اهو ته’ ڪاڻي ڇڏڻ گهرجي

صفحو ١٥٠ سٽ ٩

---

سٽ مان ‘يا’ ڪاڻي ڇڏڻ گهرجي

صفحو ١٥٥ سٽ آخري

---

‘پائيٽ’ جي جاءِ تي ‘پائيپ’ پڙهيو وڃي

صفحو ١٦٥ سٽ ١٢

---

‘ahall’ جي جاءِ تي ‘Shall’ پڙهيو وڃي.

صفحو ١٦٨ سٽ ٢٣

---

سٽ مان اکر ‘ته’ ڪڍيو وڃي

صفحو ١٧٣ سٽ ١٦

---

‘شاگر’ جي جاءِ تي ‘شاگرد’ پڙهيو وڃي

صفحو ١٧٦ سٽ ١٠

'ٿ' جي جاء تي 'ان' پڙهيو وڃي

صفحو ١٧٨ سٽ ٦

'قرار' جي جاء تي 'فرار' پڙهيو وڃي

صفحو ١٨١ سٽ ٧

'نئون جنم هو' جي جاء تي 'نئون جنم هيا' پڙهيو وڃي

صفحو ١٨٣ سٽ ٢٢

'سي نى دي ڪيل ماهيا' جي جاء تي 'سوني دي ڪيل ماهيا' پڙهيو وڃي

صفحو ١٨٦ سٽ ١٠

'اڄ ٻ' جي جاء تي 'اڄ ٻہ' پڙهيو وڃي

صفحو ١٩٤ سٽ ١

'آئي هئي' جي جاء تي 'آئي هئي' پڙهيو وڃي

صفحو ١٩٥ سٽ ٢٧

'ڪٿائي رهيا آهن' جي جاء تي 'ڪٿائي رهيا آهن' پڙهيو وڃي

صفحو ٢٠٤ سٽ ١١

'واقعي' جي جاء تي 'قلعي' پڙهيو وڃي

صفحو ٢١٤ سٽ ١١

'شاعر ڪوڪل جي' جي جاء تي 'شاعره ڪوڪل جي' پڙهيو وڃي

صفحو ٢١٥ سٽ ١٤ ۽ ١٥

Milovian Djlas جي جاء تي Milovan Djilas پڙهيو وڃي

صفحو ٢٤٦ سٽ ١٨

'عاقبت منزلِ ما وادیء **خامشان** است'

جي بدران 'عاقبت منزلِ ما وادیء **خاموشان** است'

شيخ اياز — ساهيوال جيل جي ڊائري — نيو فيلڊس — ٤٤



## هن ڪتاب تان ڪڇيل

* مان اڄا تائين سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهيان ۽ اُميد ته آخر تائين سنڌيءَ ۾ لکندو رهندس. سنڌيءَ جو هر لفظ مون سان صديون ساٿ رهيو آهي، ڇو ته منهنجي وجود جو حصو آهي؛ مان اُن ۾ جنهن ڳالهه جو اظهار ڪري ٿو سگهان، دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اُن تي ڪيتري به مهارت حاصل ڪري، ايترو ڀرپور اظهار ڪري نه سگهندس.
* مان سنڌ جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ۽ من ۾ چئي رهيو هوس، ”خدايا! ڇا نه قوم آهي هيءَ! ڪيترو نه صبر ڏنو آهي تو ان کي! ان ارغون ڏٺا، ترخان ڏٺا، ٽالپر ڏٺا.... ان کي ٻليون وڏيون ويون.... اُن جا ماڻهو صديون گهوڙا گهوڙا ڪندا رهيا.. ساريون عقوبتون برداشت ڪري ويئي.... سڀئي ختم ٿي ويا پر هيءَ اڄا زنده آهي.... ڪيترو نه صبر، ڪيتري نه طويل عمري ملي آهي هن کي........“
* منهنجي شاعري اڳڪٿي آهي، جا اڄ نه سڀان، ڪڏهن نه ڪڏهن پوري ٿيڻي آهي. منهنجا خواب موجوده حقيقت جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن، ممڪن آهي ته جڏهن اُهي حقيقت جو روپ وٺن، تڏهن مان نه هجان. پر جي مان ان جدوجهد ۾ ماريو وڃان يا مري وڃان ته منهنجي زندگي سڦائي ٿيندي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَر جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)